ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) جمعو 16 آڪٽوبر 2026ع 04 جمادي الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيا شمارو (62)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Friday 16th October 2026
سال (18) جمعو 16 آڪٽوبر 2026ع 04 جمادي الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيا شمارو (25)
Daily Ibrat Karachi

پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ جي منظوري

اجلاس ۾ ٻئي ٺهراءَ وفاقي وزير طارق فضل چوڌري پيش ڪيا. گڏيل اجلاس ۾ صوبي اندر ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ بابت صدارتي فرمان پيش ڪيو ويو

لاڳو ڪرڻ واري رٿ جي حق ۾ 214 ووٽ پيا. مخالفت ۾ 56 ميمبرن ووٽ ڏنا. وزيراعظم جي اپوزيشن اڳواڻ محمود خان اڇڪزئي سان ملاقات. وزيراعظم ٻيهر ڳالهين جي دعوت ڏني

چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ ميمبرن جي مقرري وارو معاملو هڪ سال کان رولڙي جو شڪار آهي. هن اهم آئيني ضرورت تي ڪنهن کي به سياست نه ڪرڻ گهرجي: وزيراعظم شهباز شريف

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ جي اڪثريت راءِ سان منظوري ڏني وئي جڏهن ته اجلاس ۾ ٻئي ٺهراءَ وفاقي وزير طارق فضل چوڌري پيش ڪيا. گڏيل اجلاس ۾ صوبي اندر ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ بابت صدارتي فرمان پيش ڪيو ويو ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ واري رٿ جي حق ۾

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: قومي اسيمبلي جي اجلاس دوران وزيراعظم شهباز شريف پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري ايمل ولي خان ۽ محمود خان اڇڪزئي ۽ ٻين سان ملي رهيو آهي

تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جون حڪومت سان هر قسم جون ڳالهيون ختم ڪرڻ جو اعلان

مخالف ڌر جي اجلاس ۾ ڪي پي ڪي ۾ گورنر راڄ لاڳو ٿيڻ بعد صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ

اجلاس ۾ علامه راجا ناصر عباس، اختر مينگل، بئريسٽر گوهر، سلمان اڪرم راجا ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جو حڪومت سان هر قسم جون ڳالهيون ختم ڪرڻ جو اعلان

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو2

پشاور ۾ خانگي اسڪول جي ڇت ڪرڻ سبب 34 ٻار ۽ هڪ استاد فوت، 50 زخمي، پرنسپال گرفتار

دير ڪالوني ۾ خانگي اسڪول جي ڇت اوچتو ڪري پئي، فوت ٿيلن جو انگ وڌي 35 ٿي ويو، ٻار ۽ هڪ عورت استاد به شامل، ڳتيل آبادي سبب امدادي ٽيمن کي ڪارروائين ۾ ڏکيائيون پيش

ليڊي ريڊنگ اسپتال 33 فوتگين جي تصديق ڪئي، ٻه لاش نصيرالله خان ٻابر ميموريل اسپتال آندا ويا، اسپتال ۾ آندل 33 لاشن ۾ 25 ورهين جي استاني ثمرين بي بي به شامل آهي: اسپتال انتظاميا

اسپتال آندل ٻارن جي عمر 6 کان 14 ورهين جي وچ ۾ ٻڌائي وئي، ليڊي ريڊنگ اسپتال مان 17 ٻارن کي علاج ڪانپوءِ ڊسچارج ڪيو ويو، اسڪول جي عمارت ڪرڻ ڪانپوءِ امدادي ڪارروايون مڪمل

واقعي واري هنڌ تي اڃا تائين ملبي جا ڍير موجود، سوڙهين گهٽين سبب امدادي ڪارروائين لاءِ ويندڙ گاڏيون به گذري نه سگهيون، واقعي سبب علائقي ۾ خوف ۽ هراس، فوتين جي گهرن ۾ ڪهرام مچيل

اسڪول جو پرنسپال ايجوڪيشن ٽرسٽ جي نالي تي اسڪول هلائي رهيو هو، شروعاتي جاچ ۾ ظاهر ٿيو آهي ته عمارت جي تعمير ڪمزور هئي، جنهن سبب حادثو پيش آيو: سي سي پي او پشاور

پشاور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پشاور جي علائقي دير ڪالوني ۾ خانگي اسڪول جي ڇت ڪرڻ سبب فوت ٿيلن جو انگ وڌي 35 ٿي ويو آهي، جن ۾ ٻار ۽ هڪ عورت استاد به شامل آهن. واقعي کانپوءِ امدادي ٽيمن کي اسڪول تائين پهچڻ ۽ امدادي ڪارروايون ڪرڻ ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو. ڇاڪاڻ ته اسڪول شهر جي سوڙهين گهٽين ۾ قائم آهي. ليڊي ريڊنگ اسپتال

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو2

پشاور: اسڪولي عمارت جي ڇت ڪرڻ سبب فوت ٿيل ٻارن جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي، ٻئي طرف صوبائي صلاحڪار اسپتال ۾ زخمي ٻارن جي عيادت ڪري رهي آهي

پشاور: اسڪولي عمارت جي ڇت ڪرڻ بعد ملبي مان هڪ ريسڪيو اهلڪار ٻارڙن جا ڪتابن جا ٿيلها ۽ ٻيو سامان ڪڍي رهيو آهي

معصوم ٻارن ۽ استادن جي فوت ٿيڻ جو واقعو انتهائي ڏکوئيندڙ ۽ دل ڏاريندڙ سانحو آهي: وزيراعلي

معصوم ٻارن جي اوچتي موت سندن والدين ۽ وارثن لاءِ ناقابل تلافي نقصان آهي: مراد علي شاهه

فوت ٿيل ٻارن، استادن ۽ ٻين ماڻهن جي وارثن سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪيون ٿا: شرجيل انعام ميمڻ

تعليمي ادارن ۾ شاگردن ۽ استادن جي جان ۽ سلامتي کي يقيني بڻائڻ انتهائي ضروري آهي: ناصر حسين شاهه

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه، سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ صوبائي وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي، ايم پي اي ۽

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو2

اسڪول جي ڇت ڪرڻ سبب قيمتي زندگين جو ضايع ٿيڻ انتهائي ڏکوئيندڙ سانحو آهي: آصفه ڀٽو زرداري

پنهنجن پيارن کي وڃائيندڙ خاندانن سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪريون ٿا ۽ زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعاگو آهيون

ڪنهن به والدين کي پنهنجي ٻار کي اسڪول موڪلڻ وقت سندس حفاظت بابت خوف ۽ ڳڻتي نه هئڻ گهرجي

واقعي جي ذميوارن جو تعين ڪري کين جوابده بڻايو وڃي، جيئن مستقبل ۾ اهڙن حادثن کان بچي سگهجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صدر پاڪستان آصف علي زرداري جي نياڻي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ آصفه ڀٽو زرداري خيبر پختونخواهه ۾ اسڪول جي ڇت ڪرڻ سبب معصوم ٻارن جي قيمتي جانين جي ضايع ٿيڻ تي گهري ڏک ۽ افسوس جو

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو2

معاشي ۽ صنعتي شعبن کي هٿي ڏيڻ سنڌ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي: اڪرام الله ڌاريجو

صوبي جي معاشي ۽ سماجي ترقيءَ جي هدفن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هر صورت ۾ ممڪن قدم کنيا ويندا

عوام ۽ ڪاروباري برادريءَ جي مشڪلاتن کي گهٽ ڪرڻ لاءِ سمورا ادارا متحرڪ رهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صنعت ۽ واپار کاتي واري صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو مختلف وفدن صوبائي وزير کي عوامي ۽ واپاري مسئلن کان آگاهه ڪيو صوبائي وزير جي لاڳاپيل آفيسرن کي فوري حل ڪرڻ جا

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو2

شهيد روشام حسين قتل ڪيس جي جاچ ڪنهن ٻئي ضلعي منتقل ڪرائڻ جي درخواست داخل

شهيد جي والد ڊاڪٽر روئدار حسين جي هدايت تي ايڊووڪيٽ قادر خان ۽ بيرسٽر زاهد خان ايڊيشنل سيشن ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪرائي

جاچ آفيسر انسپيڪٽر جهانگير تي اعتماد ناهي، قتل ڪيس جي جاچ ڪنهن ٻئي ضلعي جي پوليس حوالي ڪئي وڃي: درخواست ۾ موقف

مڙهه کي 22 ڏينهن تائين دفن نه ڪرڻ باوجود منگهوپير پوليس ڪيس جي جاچ ۾ گهربل اڳڀرائي ۾ ناڪام رهي آهي: ڊاڪٽر روئدار حسين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شهيد روشام حسين جي والد ڊاڪٽر روئدار حسين جي هدايت تي ايڊووڪيٽ قادر خان مندوخيل ۽ بيرسٽر زاهد خان مندوخيل ايڊيشنل سيشن ڪورٽ نمبر 8 ويسٽ ڪراچي ۾ درخواست داخل ڪرائي ڇڏي آهي جنهن ۾ آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي ويسٽ ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کي ڌر بڻايو ويو آهي. درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته منگهوپير ٿاڻي ۽

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ حادثن ۽ واقعن سبب ٻارڙي سميت 7 ڄڻا فوت

ناظم آباد ۾ رهائشي فليٽ مان 60 سالن جي پيرسن عارف جو پراڻو لاش مليو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ ٻار سميت 7 ڄڻا فوت ٿي ويا آهن. ناظم آباد

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو2

سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ ۾ ڇهن سالن کان بورڊ قائم نه ٿيا، ادارو ڪو به روينيو پيدا نه ڪري سگهيو

ترميمي ايڪٽ 2021ع تحت سمورين ڊويزنن ۾ ميئرن جي چيئرمين شپ هيٺ اداري جو قيام عمل ۾ آيو

رڳو ڪراچي شهر مان روزانو 10 کان 12 هزار ٽن ڪچرو کڻڻ لاءِ هر سال 24 ارب رپيا خرچ ٿيڻ لڳا

ڪچري مان بجلي پيدا ڪرڻ سميت ڪو به روينيو حاصل نه ٿيو، اي پي سي پاران رولز جوڙڻ جو حڪم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ ترميمي ايڪٽ 2021ع تحت سنڌ جي سمورين ڊويزنن ۾ ميئرن جي چيئرمين شپ هيٺ سنڌ سالڊ ويسٽ

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو2

ڪراچي: سنڌ اسيمبلي جي پبلڪ اڪائونٽس ڪميٽي جي گڏجاڻي چيئرمين نثار کهڙي جي صدارت ۾ ٿي رهي آهي

حيدرآباد جي سول اسپتال جي 27 ڊاڪٽرن ۽ انتظامي آفيسرن جا ناقابل ضمانت گرفتاري وارنٽ جاري

سول اسپتال ۾ ڊينگي سبب 17 ورهين جي نوجوان جي فوت ٿيڻ واري ڪيس ۾ ناقابل ضمانت گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا ويا

عدالت جو پوليس کي سمورن نامزد جوابدارن کي گرفتار ڪري 27 آڪٽوبر تي پيش ڪرڻ جو حڪم

17 ورهين جي نوجوان حسنين عامر جي ڊينگي ۾ مبتلا هجڻ دوران فوت ٿيڻ جو ڪيس مارڪيٽ ٿاڻي تي والد عامر لطيف جي فرياد تي داخل ڪيو ويو هو

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد سول اسپتال ۾ ڊينگي سبب 17 ورهين جي نوجوان جي فوت ٿيڻ واري

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو2

ايف بي آر پاران سالاڻي انڪم ٽيڪس گوشوارا جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۾ 31 آڪٽوبر تائين واڌ

اسلام آباد (م ر ڊ) فيڊرل بورڊ آف روينيو

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو2

سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروسز 1122 جي ڪارڪردگي بابت جائزه اجلاس

ايمرجنسي ريسپونس نظام جي بهتري، ريسڪيو سروسز جي واڌ، نون اسٽيشنن جي قيام تي غور

ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر ۾ روزانو سراسري طور 24 هزار 700 ڪالز موصول ٿينديون آهن: بريفنگ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو2

عمرڪوٽ پرسان صوفي فقير وٽ فائرنگ، مري برادري جا ٻه سڳا ڀائر قتل

سيشن ڪورٽ مان پيشي بعد ڳوٺ ويندڙن تي هٿياربندن فائرنگ ڪري فرار ٿي ويا

گولين لڳڻ سبب وليداد ۽ مولا بخش مري مارجي ويا، پوليس پهچي لاش اسپتال منتقل ڪيا

وارثن پاران اڃا ڪيس داخل نه ڪرايو ويو، پوليس پاران جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪارروايون جاري

عمرڪوٽ (رپورٽ: قاضي يوسف) عمرڪوٽ ميرپورخاص روڊ تي صوفي فقير ويجهو ڪاليرپمپ وٽ نامعلوم هٿياربندن

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو2

لاهور: هاءِ ڪورٽ جو سينئر جج جسٽس منيب اختر وقتي چيف جسٽس جو حلف کڻندي

نارٿ ڪراچي ۾ گهر مان مڙس ۽ زال جا تشدد ٿيل لاش ملڻ جو ڪيس داخل

مقتول يامين جي ڀاءُ جي فرياد تي نامعلوم جوابدارن خلاف قتل جي ڏوهه تحت ڪيس داخل ڪيو ويو

ڀاڄائي جي ڀاءُ رضوان فون ڪري ٻڌايو ته گهر جو دروازو نه پيو کولي: محمد انور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نارٿ ڪراچي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو2

صوبائي محتسب سنڌ محمد سهيل راجپوت جي صدارت هيٺ ڪاتي جو اجلاس

مشيرن، ريجنل ڊائريڪٽرن ۽ صوبائي محتسب سنڌ جي آفيس جي مجموعي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ويو

ريجنل آفيسن جي رهيل ڪيسن ۽ فيصلن جا تفصيل فوري طور رجسٽرار آفيس کي فراهم ڪرڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي محتسب سنڌ

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو2

پشاور ۾ پيش آيل ڏکوئيندڙ سانحو پوري قوم لاءِ وڏو صدمو آهي: ضياءُ الحسن لنجار

معصوم ٻارن جي المناڪ موت تي هر اک اشڪبار ۽ هر دل ڏکويل آهي

سنڌ حڪومت ۽ سنڌ جو عوام هن ڏکئي وقت ۾ متاثر خاندانن جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ۽ قانون واري وزير ضياءُ الحسن لنجار پشاور ۾ اسڪول جي ڇت ڪرڻ واري افسوسناڪ واقعي ۾ معصوم ٻارن سميت قيمتي انساني جانين ضايع ٿيڻ تي گهري ڏک ۽

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو2

عوامي شڪايتن جو ازالو ۽ فيصلن تي عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي: صوبائي محتسب

اجلاس ۾ صلاحڪارن، ريجنل ڊائريڪٽرن ۽ مختلف آفيسن جي ڪارڪردگيءَ جو جائزو ورتو ويو

التوا هيٺ ڪيسن ۽ جاري ڪيل فيصلن جا تفصيل ترت رجسٽرار آفيس ڏانهن موڪلڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي محتسب سنڌ محمد سهيل راجپوت جي صدارت هيٺ ڪاتي جو اجلاس مرڪزي آفيس شاهراهه ڪمال اتاترڪ ڪراچي ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ سيڪريٽري سيد جنيد احمد،

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو2

حوثين جو مديني ڏانهن ڪروز ميزائل فائر، سعودي اتحادي فوج پاران حملو ناڪام بڻائڻ جي دعويٰ

يمن جي حوثي باغين مديني شريف تي ميزائل حملي جي ترديد ڪندي سعودي عرب جي اڳواڻيءَ ۾ قائم اتحاد جي دعويٰ کي بي بنياد قرار ڏئي ڇڏيو

رياض (مانيٽرنگ ڊيسڪ) يمن جي حوثي باغين مديني شريف تي ميزائل حملي جي ترديد ڪندي سعودي عرب جي اڳواڻيءَ ۾

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو2

اسلام آباد: پرڏيهي وزير اسحاق ڊار سان روس لاءِ مقرر ڪيل سفير فيصل نياز ترمذي ملاقات ڪري رهيو آهي

منگهوپير ٽائون چيئرمين پاران جاري ترقياتي ڪم جو دورو

گرم چشمي روڊ وٽ موٽر ايبل ٺاهڻ واري ترقياتي ڪم جو دورو ڪيو

روڊن جي بهتري سان مختلف آبادين ۾ رابطن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملي ٿي: نواز علي بروهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي گلزار آباد کان گرم چشمي

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو2

ڪراچي جليبي چوڪ ويجهو متاثر ٿيل 18 انچ قطر جي سيوريج لائين تبديل

ايگزيڪيوٽو انجنيئر سيوريج لانڍي پنهنجي ٽيم سان گڏ مرمتي ڪم جي نگراني ڪئي

سهولتن جي فراهمي ۽ سيوريج بابت شڪايتن جو ترت ازالو ڪرڻ اداري جي اولين ترجيح آهي: ترجمان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن ڪورنگي نمبر 6 ۾ جليبي چوڪ ويجهو رئيس برياني وٽ

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ فائرنگ، ڦر، گيس ليڪيج ۽ پٽ ڪرڻ جا واقعا، 3 ڄڻا فوت

مختلف علائقن مان ٻن ڄڻن جا لاش هٿ آيا، سرجاني ٽائون ۾ گهر جي پٽ ڪرڻ سبب 6 ورهين جو ٻار فوت ٿي ويو

ڪورنگي پوليس لائين ۾ گيس ليڪيج سبب باهه لڳڻ جي واقعي ۾ عورت پوليس اهلڪار سڙي زخمي ٿي پئي

ڪورنگي ۾ هڪ شخص فائرنگ ۾ زخمي ٿيڻ جي اطلاع پڻ ملي، بلديه ٽائون ۽ گلستان جوهر ۾ فائرنگ جي واقعن ۾ 2 ڄڻا زخمي ٿيا

سٽي پوليس 22 ۽ ڪيماڙي پوليس هٿان 15 جوابدار گرفتار، هٿيار، منشيات، چوري ٿيل موٽرسائيڪل ۽ موبائل فون هٿ ڪرڻ جي دعوي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ فائرنگ، ڦر، گيس ليڪيج ۽ گهر جي پٽ ڪرڻ سميت مختلف واقعا پيش آيا، جن ۾ 3 ڄڻا فوت ۽ 4 ڄڻا زخمي ٿي پيا، جڏهن ته پوليس جي مختلف

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو2

سنڌ ۾ ڪرپٽ نظام انتظامي ڍانچي کي مفلوج ڪري ڇڏيو آهي: حنيف گوهر

ڪراچي ۾ پٽاخوري، زمينن تي قبضا جا مسئلا سنگين صورت اختيار ڪري ويا آهن

سپريم ڪورٽ جي حڪمن باوجود ڪراچي جي 26 روڊن جي ڪمرشلائيزيشن نه ٿيڻ ڏيڻ جوڳو عمل آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايسوسيئيشن آف بلڊرز اينڊ ڊولپرز (آباد) جي چيئرمين محمد حنيف گوهر چيو آهي ته سنڌ ۾ ڪرپٽ نظام سڄي انتظامي ڍانچي کي مفلوج ڪري ڇڏيو آهي، جڏهن ته ڪراچي ۾

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو2

لياريءَ کي جديد ترين طبي ٽيڪنالاجيءَ جو مرڪز بڻائڻ بلاول ڀٽو جو ويزن آهي: نادر گبول

100 روبوٽڪ سرجرين جي مڪمل ڪاميابي ان عزم جو ثبوت آهي ته معياري علاج بنيادي حق آهي

بلاول ڀٽو زرداريءَ جي بهترين اڳواڻي ۾ لياري هاڻي اهڙين جديد طبي سهولتن جو مرڪز هوندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان نادر گبول شهيد محترمه بينظيرڀٽو ميڊيڪل ڪاليج (SMBBMC) لياريءَ ۾

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو2

عمرڪوٽ: صوفي فقير پرسان ڪار تي فائرنگ ۾ مارجي ويل ٻن ڄڻن جا لاش واردات واري هنڌ پيل آهن

پورهيت جي زندگي ڪنهن به مشين، برآمدي سامان جي کيپ يا منافعي کان وڌيڪ قيمتي آهي: سعيد غني

صنعتي ترقيءَ کي انساني وقار ۽ پورهيتن جي تحفظ کان الڳ نٿو ڪري سگهجي

جديد صنعتي معيشت لاءِ پيداوار سان گڏ محفوظ ماحول فراهم ڪرڻ به لازمي آهي

محنت کاتي ۽ جرمن اداري جي سهڪار سان بجليءَ جي حفاظت ۽ باهه کان بچاءَ بابت آگاهي' هيٺ منعقد سيمينار کي خطاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي محنت، افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ واري صوبائي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو2

سهيل آفريدي ڪنهن به شهيد جي جنازي ۾ نه آيو، شهيدن جي جنازن ۾ اچڻ کان ڪنهن روڪيو هو: محسن نقوي

مون پوري ڪوشش ڪئي ته خيبرپختونخوا حڪومت کي دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ اعتماد ۾ وٺجي ۽ صوبائي حڪومت دهشتگرديءَ جو مقابلو ڪري

فيبروري ۾ اپيڪس ڪميٽيءَ جو اجلاس ڪرائڻ لاءِ ڪيئن سخت تڪليفون برداشت ڪرڻيون پيون، اجلاس جي پريس رليز ۾ دهشتگرديءَ جي مذمت به نه ڪئي وئي

ڳالهين دوران دهشتگرديءَ خلاف ڪارروائين بابت بحث ٿيو پر اسد قيصر جا بيان ڪجهه ٻيا هئا، صوبائي حڪومت جو موقف مختلف هو

سهيل آفريدي کي ڪير روڪيندڙ هو، اها الڳ ڳالهه آهي، پر وزيراعليٰ کي قيادت ڪرڻ لاءِ چيو ويندو هو، هو ان لاءِ تيار نه هو: وفاقي گهرو وزير

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي چيو آهي ته مون پوري ڪوشش ڪئي ته خيبرپختونخوا حڪومت کي دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ اعتماد ۾

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو2

صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو پاران پشاور ۾ اسڪول جي ڇت ڪرڻ جي افسوسناڪ حادثي تي ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صنعت ۽ واپار ڪاتي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو2

مير رضا خان جي موت واري ڪيس جي عدالتي ڪميشن جي جاچ رپورٽ سنڌ حڪومت حوالي

حوالي ڪيل رپورٽ 7 سيل ٿيل لفافن تي مشتمل، جنهن ۾ شاهدن جا قلمبند ڪيل بيان پڻ شامل

عدالتي ڪميشن 7 آڪٽوبر تي پنهنجي ڪارروائي مڪمل ڪئي هئي، مجموعي طور 15 اجلاس ڪيا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مير رضا علي خان

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو2

خيبرپختونخوا ۾ في الحال 6 مهينن لاءِ گورنر راڄ لاڳو ڪيو ويو آهي: خواجه آصف

حالتون کي نظر ۾ رکندي وڌيڪ 2، 3 يا 6 مهينن لاءِ ان جي مدي ۾ واڌ ڪرڻ تي ٻيهر غور ڪري سگهجي ٿو

خيبرپختونخوا ۾ احتجاج جا ڪي به آثار نظر ناهن آيا، جيڪي ماڻهو ڪي پي ۾ ڦوٽ مچائي رهيا هئا، اهي هاڻي غائب ٿي ويا آهن

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بچاءَ واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته خيبرپختونخوا ۾ في الحال 6 مهينن لاءِ گورنر راڄ لاڳو ڪيو ويو آهي جنهن ڪانپوءِ وڌيڪ 2، 3 يا 6 مهينن لاءِ ان جي مدي ۾ واڌ ڪرڻ تي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو2

اپوزيشن پاڻ ڳالهين واري عمل کان ڌار ٿي: شيري رحمان

اپوزيشن پنهنجا گهڻا مطالبا مڃرائي چڪي هئي، پر آخر ۾ ڌار ٿي

معاهدي تي صحيحون ٿي وڃن ها ته عمران خان کي سهولتون يقيني بڻائڻ لاءِ ساڻ ڏيون ها

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو2

24 آڪٽوبر تي ڪراچيءَ ۾ گڏيل قومن جو ڏڻ (يوم اقوام متحده) ملهايو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي سهڪار سان 24 آڪٽوبر تي ڪراچيءَ ۾

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو2

شنگهائي ۾ 12 سالن ڪانپوءِ سنڌ انويسٽمينٽ ڪانفرنس، 400 نمائندن جي شرڪت، 34 معاهدن تي صحيحون

ڪانفرنس سنڌ ۾ چيني سيڙپڪاري، روزگار ۽ صنعتي ترقيءَ جي نئين دور جي شروعات آهي: وڏو وزير

ڌابيجي اسپيشل اڪنامڪ زون ۾ گاڏين، اليڪٽرانڪس، اسٽيل، ٽيڪسٽائل ۽ ٻين صنعتن ۾ سيڙپڪاريءَ جا معاهدا ٿيا

ٿر جي ڪوئلي، معدنيات، هوا ۽ شمسي توانائي، اليڪٽرڪ گاڏين ۽ مصنوعي ذهانت بابت منصوبا شروع ٿيندا

صوبي ۾ زرعي پيداوار جي پروسيسنگ، ڪولڊ چين، پيڪنگ ۽ برآمدات وڌائڻ لاءِ چيني ٽيڪنالاجيءَ مان فائدو ورتو ويندو

ڪراچي/شنگهائي (بيورو رپورٽ) چين جي شهر شنگهائي ۾ سنڌ حڪومت جي ميزباني هيٺ 12 سالن ڪانپوءِ سنڌ انويسٽمينٽ ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي،

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو2

شنگهائي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه سنڌ انويسٽمينٽ ڪانفرنس جي اجلاس کي خطاب ڪري رهيو آهي

شنگهائي ڪانفرنس سان اقتصادي سهڪار، معيشت جي بهتري ۽ ترقيءَ جا نوان موقعا پيدا ٿيندا: شرجيل ميمڻ

سنڌ حڪومت طرفان مختلف شعبن ۾ مجموعي طور 34 مفاهمتي يادداشتن تي صحيحون ڪيون ويون

پاڪ چين دوستي خطي لاءِ انتهائي اهميت رکي ٿي، چيني سيڙپڪارن ڌابيجي زون ۾ سيڙپڪاري ڪندا

ڪانفرنس جا ثمر جلد عوام تائين پهچندا ۽ صوبي اندر معاشي سرگرمين ۽ روزگار جي موقعن ۾ واڌارو ٿيندو

ڪراچي/شنگهائي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته حڪومت سنڌ پاران شنگهائي ۾ منعقد ڪيل سيڙپڪاري

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو2

ڪراچي ۾ پ پ اڳواڻ مرحوم راشد رباني جي ڇهين ورسي ملهائي وئي، ڀيٽا پيش

مرحوم جي نياڻي عروبه رباني، نثار کهڙو، سعيد غني، رؤف ناگوري، نجمي عالم ۽ ٻين شرڪت ڪئي

راشد رباني جي سياسي جدوجهد، پارٽيءَ سان وفاداري ۽ جمهوريت لاءِ ڪيل خدمتن تي ڀيٽا پيش ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ ۽ اڳوڻي سينيٽر مرحوم راشد رباني جي ڇهين ورسي انتهائي عقيدت ۽ احترام سان مقامي هال ۾ ملهائي وئي. ورسي تقريب ۾ مرحوم

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو2

بينڪاڪ: ناڻي وزير محمد اورنگزيب آءِ ايم ايف جي سربراهه سان گڏ بيٺل آهي

ڪراچي ۾ ڊيزل سان ڀريل آئل ٽينڪر ڪاٽي، سمورو تيل هارجي ويو نيشنل هاءِ وي بلاڪ

ٽينڪر ۽ ٽرڪ ۾ ٽڪر ٿيڻ سبب ڊيزل روڊ تي ڦهلجي ويو ۽ ٽريفڪ معطل ٿي وئي.

روڊ تي ڊيزل ڦهلجڻ سبب ڪيترائي موٽرسائيڪل سوار ترڪي ڪري زخمي ٿي پيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اسٽيل ٽائون موڙ وٽ نيشنل هاءِ وي تي آئل ٽينڪر ۽ ٽرڪ ۾ ٽڪر ڊيزل سان ڀريل آئل ٽينڪر ڪاٽي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو2

آءِ جي سنڌ سان گڏيل قومن جي اداري يونيسيف جي وفد جي سينٽرل پوليس آفيس ۾ ملاقات

پوليو مهمن جي سيڪيورٽي، گڏيل قومن جي ادارن ۽ عملي جي تحفظ، ٻارن جي حقن ۽ پوليسنگ بابت خيالن جي ڏي وٺ

وفد پوليو مهمن ۽ گڏيل قومن جي تقريبن دوران سنڌ پوليس پاران فراهم ڪيل سيڪيورٽي انتظامن تي اطمينان جو اظهار

سيڪيورٽي انتظامن کي وڌيڪ مضبوط ۽ اثرائتو بڻائڻ، لاڳاپيل ادارن ۾ رابطن ۽ گڏيل سهڪار کي بهتر ڪرڻ تي پڻ اتفاق

ٻارن جو تحفظ ۽ انهن لاءِ محفوظ ماحول فراهم ڪرڻ سنڌ پوليس جي اهم ترجيحن ۾ شامل آهي: جاويد عالم اوڍو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انسپيڪٽر جنرل آف پوليس سنڌ جاويد عالم اوڍو سان گڏيل قومن جي اداري يونيسيف (UNICEF) جي وفد سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ ملاقات ڪئي. جنهن دوران پوليو مهمن جي

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو2

ڪراچي: انسپيڪٽر جنرل سنڌ پوليس جاويد عالم اوڍو يونيسيف جي وفد کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

دفاعي ڪمپنيءَ جو ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر رشوت عيوض حساس فوجي ڄاڻ ڏيڻ جي الزام هيٺ گرفتار

نئين دهلي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڀارت جي

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو2

وفاقي آئيني عدالت سهيل آفريدي جي وڏي وزير طور مقرري خلاف درخواست بي اثر قرار ڏئي اڪلائي ڇڏي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وفاقي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو2

سنڌ جي جانورن ۾ ايمبريو ٽرانسفر ٽيڪنالاجي منتقل ڪرڻ واري ماڊرن لائيوسٽاڪ بريڊنگ پروگرام جي افتتاحي تقريب

سنڌ جا مالوند هاڻي جديد نسلن جا جانور پيدا ڪري کير ۽ گوشت مان فائدو حاصل ڪري سگهندا: محمد علي ملڪاڻي

سڀني ڌرين کي دعوت ڏيان ٿو جيڪي جانورن جي مختلف نسلن جي ترقي ۾ حصو وٺڻ جا خواهشمند آهن

اسان فن گروپ جا شڪرگذار آهيون، جن سنڌ جي جانورن لاءِ جديد ٽيڪنالاجي ذريعي دنيا جي اعليٰ نسلن جا ٻج مهيا ڪيا آهن

هن ٽيڪنالاجي جي مدد سان اسان جيڪا ترقي 30 سالن ۾ ڪري سگهون ها، اها هاڻي صرف هڪ سال ۾ ڪري رهيا آهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جديد ٽيڪنالاجي جي اچڻ سان اسان سنڌ جي لائيوسٽاڪ کاتي کي ترقي جي راهه تي گامزن ڪري

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو2

لاهور: هڪ پان جي ڪيبن تي دڪاندار آرڊر تي ملڻ پانن ۾ مختلف شيون سينگاري رهيو آهي

بقايا 1 روزاني عبرت

ڪري ڇڏيو اپوزيشن اڳواڻ محمود خان اڇڪزئي جي صدارت هيٺ ٿيل اجلاس ڪانپوءِ جاري ڪيل پڌرنامي ۾ چيو ويو آهي ته تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان حڪومت سان هر قسم جون ڳالهيون بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي اجلاس ۾ علامه راجا ناصر عباس اختر مينگل بئريسٽر گوهر سلمان اڪرم راجا ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي

بقايا 2 روزاني عبرت

33 فوتگين جي تصديق ڪئي آهي جڏهن ته ٻه لاش نصيرالله خان بابر ميموريل اسپتال آندا ويا آهن ليڊي ريڊنگ اسپتال پاران جاري ڪيل انگن اکرن موجب اسپتال ۾ آندل 33 لاشن ۾ 25 ورهين جي استاني ثمرين بي بي به شامل آهي اسپتال آندل ٻارن جي عمر 6 کان 14 ورهين جي وچ ۾ ٻڌائي وئي آهي اسپتال انتظاميا موجب ليڊي ريڊنگ اسپتال مان 17 ٻارن کي علاج ڪانپوءِ ڊسچارج ڪيو ويو آهي جڏهن ته هڪ استاد ۽ ڪي ٻار اڃا تائين اسپتال ۾ علاج هيٺ آهن. ٻئي پاسي پشاور ۾ اسڪول جي عمارت ڪرڻ ڪانپوءِ امدادي ڪارروايون مڪمل ڪيون ويون آهن. جڏهن ته واقعي واري هنڌ تي اڃا تائين ملبي جا ڍير موجود آهن. پوليس موجب، اسڪول جي پرنسپال کي گرفتار ڪيو ويو آهي. سي سي پي او پشاور پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته اسڪول جو پرنسپال ايجوڪيشن ٽرسٽ جي نالي تي اسڪول هلائي رهيو هو سندس چوڻ موجب، شروعاتي جاچ ۾ ظاهر ٿيو آهي ته عمارت جي تعمير ڪمزور هئي، جنهن سبب حادثو پيش آيو ميڊيا رپورٽن موجب، اسڪول هن ماڙ عمارت ۾ قائم هو جنهن جي ڇت تيار ٿيل ڇت وارن حصن کي ڳنڍائي ڏاهي وئي هئي

بقايا 3 روزاني عبرت

وزيراعليٰ سنڌ جي خاص معاون براءِ اقليتي معاملا ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي قومي اسيمبلي جي ميمبر صادق علي ميمڻ اڳوڻي صوبائي وزير سسي پليجو سنڌ اسيمبلي ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ علي خورشيدي ۽ سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد پشاور جي علائقي ڊير ڪالوني ۾ اسڪول جي ڇت ڪرڻ سبب معصوم ٻارن استادن ۽ ٻين قيمتي انساني جانين جي ضايع ٿيڻ تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي پنهنجن تعزيتي پيغامن ۾ سنڌ جي اڳواڻن چيو ته اسڪول جي ڇت ڪرڻ سبب معصوم ٻارن ۽ استادن جي فوت ٿيڻ جو واقعو انتهائي ڏکوئيندڙ ۽ دل ڏاريندڙ سانحو آهي،جنهن هر حساس دل رکندڙ انسان کي ڏک ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. معصوم ٻارن جي اوچتي موت سندن والدين ۽ وارثن لاءِ ناقابل تلافي نقصان آهي. هنن فوت ٿيل ٻارن استادن ۽ ٻين ماڻهن جي وارثن سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪندي چيو ته ڏک جي هن گهڙيءَ ۾ هو سوڳوار خاندانن جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهن سنڌ جي اڳواڻن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ فوت ٿيلن جي مغفرت فرمائي کين جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا ڪري ۽ سندن وارثن کي صبر جميل عطا فرمائي هنن زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ پڻ دعا ڪئي ۽ لاڳاپيل اختيارين تي زور ڀريو ته زخمين کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن هنن وڌيڪ چيو ته تعليمي ادارن ۽ شاگردن ۽ استادن جي جان ۽ سلامتي کي يقيني بڻائڻ انتهائي ضروري آهي اسڪولن جي عمارتن جي مضبوطي، تعميراتي معيار ۽ حفاظتي انتظامن جو باقاعدگي سان جائزو ورتو وڃي جيئن مستقبل ۾ اهڙن افسوسناڪ واقعن کي روڪي سگهجي سنڌ جي اڳواڻن چيو ته معصوم ٻارن جي حفاظت، تعليمي ادارن ۾ محفوظ ماحول جي فراهمي ۽ انساني جانين جو تحفظ هر صورت ۾ اولين ترجيح هجڻ گهرجي.

بقايا 4 روزاني عبرت

اظهار ڪيو آهي پنهنجي بيان ۾ آصفه ڀٽو زرداري چيو ته اسڪول جي ڇت ڪرڻ سبب نوجوان زندگين جو ضايع ٿيڻ انتهائي ڏکوئيندڙ سانحو آهي هن واقعي ۾ پنهنجن پيارن کي وڃائيندڙ خاندانن سان دلي تعزيت ۽ همدردي جو اظهار ڪريون ٿا ۽ زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعاگو آهيون آصفه ڀٽو زرداري چيو ته ڪنهن به والدين کي پنهنجي ٻار کي اسڪول موڪلڻ وقت سندس حفاظت بابت خوف ۽ ڳڻتي ۾ نه هئڻ گهرجي. اسڪول ٻارن لاءِ تعليم حاصل ڪرڻ ۽ محفوظ ماحول ۾ اڳتي وڌڻ جا مرڪز هجڻ گهرجن نه ڪي اهڙن افسوسناڪ حادثن جا هنڌ. هن وڌيڪ چيو ته ٻارن جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ جا ذميوار ادارا ۽ اختيارين کي پنهنجي ذميواري جو احساس ڪرڻ گهرجي ۽ واقعي جي ذميوارن جو تعين ڪري کين جوابده بڻايو وڃي، جيئن مستقبل ۾ اهڙن حادثن کان بچي سگهجي. آصفه ڀٽو زرداري دعا ڪئي ته الله تعاليٰ فوت ٿيلن جي وارثن کي صبر جميل عطا فرمائي ۽ زخمين کي جلد صحتيابي نصيب ڪري آمين

بقايا 5 روزاني عبرت

افسوس جو اظهار ڪيو آهي پنهنجي بيان ۾ گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار چيو ته پشاور ۾ پيش آيل هي ڏکوئيندڙ سانحو پوري قوم لاءِ وڏو صدمو آهي معصوم ٻارن جي المناڪ موت تي هر اک اشڪبار ۽ هر دل ڏکويل آهي. ٻارن جون قيمتي جانيون ضايع ٿيڻ هڪ ناقابل تلافي نقصان آهي. هن چيو ته سنڌ حڪومت ۽ سنڌ جو عوام هن ڏکئي وقت ۾ متاثر خاندانن جي ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهن ۽ خيبر پختونخوا جي عوام سان دلي همدردي جو اظهار ڪن ٿا. ضياءُ الحسن لنجار چيو ته الله پاڪ فوت ٿيل ٻارن ۽ ٻين ماڻهن جي وارثن کي صبر جميل عطا فرمائي ۽ زخمين کي جلد صحتيابي نصيب ڪري هن لاڳاپيل اختيارين تي زور ڀريو ته زخمين کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪرڻ سان گڏ اهڙن افسوسناڪ واقعن جي روڪٿام لاءِ به ضروري قدم کنيا وڃن

بقايا 6 روزاني عبرت

ڊائريڪٽر جنرل نسيم الدين ميراڻي رجسٽرار مسعود عشرت، صلاحڪارن ۽ ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس دوران صوبائي محتسب سنڌ جي صلاحڪارن، ريجنل ڊائريڪٽرن ۽ مختلف آفيسن جي مجموعي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ويو، جڏهن ته صوبائي محتسب سنڌ جي قانون جي مختلف شقن تي پڻ تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ان موقعي تي صوبائي محتسب سنڌ محمد سهيل راجپوت اداري جي مجموعي ڪارڪردگي تي اطمينان جو اظهار ڪندي هدايت ڪئي ته ٻين صوبن جي محتسب ادارن پاران ڏنل فيصلن جو تقابلي جائزو ورتو وڃي جيئن اداري جي ڪارڪردگي کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي هن سمورن ريجنل آفيسن کي هدايت ڪئي ته التوا هيٺ ڪيسن ۽ جاري ڪيل فيصلن جا تفصيل بنا دير رجسٽرار آفيس کي فراهم ڪيا وڃن صوبائي محتسب سنڌ محمد سهيل راجپوت چيو ته عوامي شڪايتن جو ازالو ڪرڻ اداري جي بنيادي ذميوارين ۾ شامل آهي ان ڪري شهرين کي انصاف جي فراهمي ۽ شڪايتن جي حل لاءِ صوبائي محتسب سنڌ جي فيصلن تي عملدرآمد يقيني بڻايو ويندو

بقايا 7 روزاني عبرت

احڪامات جاري ڪرڻ جي هدايت ڪئي هن چيو ته معاشي ۽ صنعتي شعبن کي هٿي ڏيڻ سنڌ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي ڪاروباري سرگرمين جي بهتريءَ ذريعي روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻا آهن هن چيو ته عوام ۽ ڪاروباري برادريءَ جي مشڪلاتن کي گهٽ ڪرڻ لاءِ سمورا ادارا متحرڪ رهن صنعت ۽ واپار واري صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو حڪومتي عزم کي ورجائيندي چيو ته صوبي جي معاشي ۽ سماجي ترقيءَ جي هدفن کي حاصل ڪرڻ لاءِ هر صورت ۾ ممڪن قدم کنيا ويندا.

بقايا 8 روزاني عبرت

ايس آءِ يو جي جاچ آفيسر انسپيڪٽر جهانگير تي ڪين اعتماد ناهي تنهن ڪري شهيد روشام حسين قتل ڪيس جي جاچ ڪنهن ٻئي ضلعي جي پوليس حوالي ڪئي وڃي درخواستگذارن موجب شهيد روشام حسين جي مرڻ کي 22 ڏينهن تائين دفن نه ڪرڻ باوجود منگهوپير پوليس جوابدارن کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آڻڻ ۽ ڪيس جي جاچ ۾ گهربل اڳڀرائي ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي درخواست ۾ وڌيڪ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن جو انگ 7 کان 9 ٻڌايو پيو وڃي پر اڃا تائين جيو فينسنگ جي رپورٽ حاصل نه ڪئي وئي آهي ان کان علاوه ٻن جوابدارن کي ايس ايس پي جي منظوري ڪانسواءِ آزاد ڪرڻ جو معاملو پڻ اٿاريو ويو آهي. درخواستگذارن موجب، جاچ آفيسر انسپيڪٽر جهانگير مجسٽريٽ آڏو پنهنجي بيان ۾ ٻن جوابدارن کي ڇڏڻ بابت اعتراف ڪيو هو انهن سببن جي بنياد تي موجوده جاچ آفيسر تي بي اعتمادي ظاهر ڪندي ڪيس جي جاچ ٻئي ضلعي منتقل ڪرڻ جي استدعا ڪئي وئي آهي عدالت درخواست تي لاڳاپيل ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي جواب طلب ڪرڻ لاءِ 19 آڪٽوبر 2026ع جي تاريخ مقرر ڪري ڇڏي آهي

بقايا 9 روزاني عبرت

ٿاڻي جي حد ناظم آباد نمبر 3 جي ويجهو رهائشي فليٽ مان 60 سالن جي پيرسن عارف ولد ولد نور محمد جو ڪيترائي ڏينهن پراڻو لاش مليو آهي سرجاني ٽائون ليياري 36 خلفائي راشدين مسجد ويجهو گهر جي ڇت ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ ملبي هيٺان اچي 6 سالن جو ٻار عبدالغني ولد عبدالله فوت ٿي ويو آهي صدر ٿاڻي جي حد شاهراهِ فيصل ٽيڪنالوجي پارڪ بلڊنگ جي ڇت تان پراسرار نموني ڪري پوڻ جي نتيجي ۾ 55 سالن جو ايمانوئل ولد عنايت مسيح فوت ٿي ويو آهي ملير جي علائقي صالح محمد ڳوٺ ندي جي ويجهو واٽر ٽينڪر جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل تي سوار سليمان ولد دلمراد فوت ٿي ويو ڪلفٽن ٿاڻي جي حد ڪلفٽن جي علائقي نيلم ڪالوني گهٽي نمبر 9 ويجهو ڊي ايچ اي اسڪول واري گهٽي مان 70 سالن جي پيرسن قمر الدين پٽ محمد صديق جو لاش مليو پاڪ ڪالوني ٿاڻي جي حد ميوو شاهه قبرستان جي ويجهو 70 سالن جي نامعلوم شخص جو لاش مليو ڪورنگي صنعتي ايريا جي علائقي جامع مسجد ڪي ڊي اي سوسائٽي الله والا ٽائون نامعلوم شخص جو لاش مليو

بقايا 10 روزاني عبرت

مئنيجمينٽ جا بورڊز قائم نه ٿي سگهيا نه ئي اڃا تائين اداري جا رولز جوڙي سگهيا آهن پي اي سي ۾ انڪشاف ٿيو آهي ته 2021ع کان سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جو ادارو بورڊز ۽ رولز ڪانسواءِ هلايو پيو وڃي جڏهن ته ادارو رڳو هڪ ايم ڊي جي اختيار هيٺ ڪم ڪرڻ لڳو آهي ڪراچي شهر مان روزانو 10 کان 12 هزار ٽن ڪچرو ڪڻڻ لاءِ هر سال 24 ارب رپيا خرچ ڪرڻ باوجود ادارو ڪو به روينيو پيدا نه ڪري سگهيو آهي ۽ نه ئي ڪچري مان بجلي پيدا ڪرڻ جو انتظام ڪيو ويو آهي پي اي سي سنڌ ڪابينا جي فيصلي جي روشنيءَ ۾ مڪاني ادارن واري کاتي کي سنڌ جي سمورين ڊويزنن ۾ سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جا بورڊز قائم ڪرڻ ۽ اداري جا رولز جوڙڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي.خميس ڏينهن پي اي سي جو اجلاس چيئرمين نثار احمد کهڙو جي صدارت هيٺ ڪميٽي روم ۾ ٿيو اجلاس ۾ ڪميٽي ميمبرن قاسم سراج سومرو، طاها احمد سميت سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جي ايم ڊي فواد غفار سومرو ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ ڪراچي جي سال 2023ع ۽ 2024ع جي آڊٽ پيرائن جو جائزو ورتو ويو آڊٽ اعتراض واريو ته سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جي انتظاميا ڪچري کي ري سائيڪل ڪرڻ ذريعي ڪو به روينيو پيدا نه ڪري سگهي آهي ۽ نه ئي ڪچري مان بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪو انتظام ڪيو ويو آهي جنهن سبب عوام سستي اگهه تي بجلي جي فراهميءَ کان محروم آهي.پي اي سي جي چيئرمين نثار احمد کهڙو پڇاڻو ڪيو ته سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ اداري جي سالياني بجيٽ ڪيتري آهي ۽ سنڌ جي هر ضلعي مان هي ادارو ڪيترو ڪچرو ڪڻي ٿو ۽ ڪچرو ڪڻڻ تي ڪيترو خرچ ڪيو پيو وڃي ۽ ڪچري مان ڪيترو روينيو پيدا ٿي رهيو آهي؟ ايم ڊي فواد غفار سومرو پي اي سي کي ٻڌايو ته رڳو ڪراچي شهر ۾ ٽن چيني ۽ هڪ ترڪش ڪمپنيءَ کي ڪچرو ڪڻڻ جو ٺيڪو ڏنو ويو آهي جڏهن ته برطانيا سان ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ ڪچرو گڏ ٿيڻ وارن هنڌن تي ري سائيڪلنگ يونٽ قائم ڪرڻ لاءِ معاهدو ڪيو ويو آهي.ايم ڊي وڌيڪ ٻڌايو ته سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ اداري جي سالياني بجيٽ 28 ارب رپيا آهي جنهن مان 24 ارب رپيا رڳو شهر ڪراچي مان ڪچرو ڪڻڻ تي هر سال خرچ ڪيا وڃن ٿا ۽ شهر مان روزانو 10 کان 12 هزار ٽن ڪچرو کنيو وڃي ٿو.ايم ڊي ٻڌايو ته لاڙڪاڻي وانگر ڪراچي جي هڪ ويسٽ ضلعي مان گهر گهر وڃي ڪچرو ڪڻڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي جڏهن ته ڪراچي شهر جي 70 سيڪڙو علائقن جي آبادي منظم آهي جتي هاءِ رائز عمارتن مان ڊسٽ بن ذريعي ڪچرو کنيو وڃي ٿو جڏهن ته 30 سيڪڙو ڪچي آبادي وارن علائقن مان ٽرالين ذريعي ڪچرو کنيو وڃي ٿو ڊي ايم ڊي فواد سومرو ٻڌايو ته ڪچري کي ري سائيڪل ڪرڻ لاءِ ڊي ايچ اي سان پڻ معاهدو ڪيو ويو آهي.پي اي سي جي چيئرمين نثار احمد کهڙو چيو ته رڳو ڊفينس جو علائقو سڄو ڪراچي ناهي انگري سڄي شهر مان ماڻهن جون شڪايتون ملن ٿيون ته ڪچرو نٿو کنيو وڃي ۽ اهي شڪايتون ڪير حل ڪندو ۽ ان جو ذميوار ڪير آهي؟ ڪميٽي ميمبر طاها احمد چيو ته اورنگي، نيو ڪراچي، ناظم آباد سميت شهر جي ٻين علائقن جي روڊن تي ڪچرو پيل هوندو آهي ۽ ڪو به اهو ڪچرو ڪڻڻ لاءِ تيار ناهي جڏهن ته اداري جا ڪيترائي ملازم گهر ويٺي پگهارون کڻي رهيا آهن ۽ اداري جي پورٽل تي ملازمن جي آءِ ڊي هڪ آهي پر تصوير ڪنهن ٻئي جي لڳل آهي.پي اي سي جي چيئرمين نثار احمد کهڙو چيو ته جيڪڏهن رڳو ڪراچي شهر مان روزانو ايترا هزار ٽن ڪچرو کنيو پيو وڃي ته اهو ڪچرو ڪهڙي ڪم اچي ٿو؟ اسان کي ٻڌايو وڃي ته ڪچري مان ڪيترو روينيو پيدا ڪيو پيو وڃي ۽ ضلعي وار ڪچرو ڪڻڻ جا تفصيل فراهم ڪيا وڃن جيڪڏهن ادارو ڪچري مان بجلي پيدا نٿو ڪري سگهي ته پوءِ هن اداري جو ڪهڙو ڪم آهي؟ڪميٽي ميمبر قاسم سومرو چيو ته سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ ترميمي ايڪٽ 2021ع تحت اداري جا هر ڊويزن سطح تي بورڊ قائم ڪرڻا هئا ۽ رولز جوڙڻا هئا،ان پر اڃا تائين اهي ڇو ناهن ٺاهيا ويا.ايم ڊي فواد سومرو ٻڌايو ته سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جو بورڊ ترميمي ايڪٽ کان اڳ 2014ع جي ايڪٽ تحت اڃا تائين ڪم ڪري رهيو آهي،ترميمي ايڪٽ 2021ع جي روشنيءَ ۾ ڪراچي، حيدرآباد، سکر،شهيد بينظيرآباد، ميرپورخاص ۽ لاڙڪاڻي ۾ ڊويزن جي سطح تي بورڊ قائم ڪرڻ لاءِ سنڌ ڪابينا ۽ اسٽيئرنگ ڪميٽي به منظوري ڏئي مڪاني ادارن واري کاتي کي لکيو آهي.هن ٻڌايو ته مڪاني ادارن واري وزير جي سربراهيءَ ۾ اداري جي اسٽيئرنگ ڪميٽي قائم ٿيل آهي جيڪا بورڊن جي معاملن هڪ باڊي آهي ۽ ادارو ان کي رپورٽ ڪري ٿو. ڊويزنل سطح تي بورڊن جي قيام لاءِ مڪاني ادارن واري وزير جي سربراهيءَ ۾ وزير رٿابندي ۽ ترقي ۽ وزير محنت ۽ افرادي قوت تي ٻڌل هڪ ڪميٽي پڻ قائم ٿيل آهي جيڪا پنهنجون سفارشون پيش ڪندي.پي اي سي جي چيئرمين نثار احمد کهڙو چيو ته سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ بورڊ ترميمي ايڪٽ 2021ع ۾ منظور ٿيو هو ۽ ڊويزنل سطح تي ميئر جي چيئرمين شپ هيٺ اداري جا بورڊ قائم ڪرڻا هئا پر چار سال گذرڻ باوجود نه بورڊ قائم ڪيا ويا آهن ۽ نه ئي اداري جا رولز ٺاهيا ويا آهن پوءِ ڪهڙي قانون تحت هڪ ايم ڊي ادارو هلائي رهيو آهي؟ايم ڊي فواد سومرو چيو ته سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جو ايم ڊي انتظامي اختيار استعمال ڪري سگهي ٿو.ڪميٽي ميمبر قاسم سومرو چيو ته اسان جو مقصد اختيارن کي هيٺين سطح تائين منتقل ڪرڻ هو ۽ ڇا سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ اداري جا بورڊ ان ڪري قائم نٿا ڪيا وڃن ته جيئن اختيار هيٺين سطح تائين منتقل نه ٿين.ان موقعي تي پي اي سي سنڌ ڪابينا جي فيصلي جي روشنيءَ ۾ مڪاني ادارن واري کاتي کي سنڌ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ جا ڪراچي، حيدرآباد، سکر، ميرپورخاص، شهيد بينظيرآباد ۽ لاڙڪاڻي ۾ ڊويزنل سطح تي بورڊ قائم ڪرڻ ۽ اداري جا رولز جوڙڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر
ڪراچي انسٽيٽيوٽ آف هرٽ ڊزيزز
ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن

No. ED/KIHD/1352/2026 Dated. 15/10/2026

تصحيح

روزاني اخبارن ۾ شايع ٿيل فائنل شوڪاز نوٽيس، جنهن جو اشاعتي حوالو نمبر INF/MM/171/2026 ۽ تاريخ 08-07-2026 آهي، جي حوالي سان هتي اهو واضح ڪيو وڃي ٿو ته لاڳاپيل ملازم/عهديدار جو نالو ڊاڪٽر نديم احمد جي بدران ڊاڪٽر نعيم احمد خان، ريزيڊنٽ ميڊيڪل آفيسر (BPS-17)، KMC ،KIHD پڙهيو وڃي.

ڄاڻايل نوٽيس جا باقي سڀئي تفصيل ۽ مواد بدستور ساڳيا (برقرار) رهندا.

هي تصحيح نامو معلومات ۽ شايع ٿيل نوٽيس ۾ ضروري سڌاري لاءِ جاري ڪيو ويو آهي.

ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر
ڪراچي انسٽيٽيوٽ آف هرٽ ڊيزيز

WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
INF/MM/227/2026

بقايا 11 روزاني عبرت

ڪيس ۾ نامزد 27 ڊاڪٽرن جا ناقابل ضمانت گرفتاري وارنٽ جاري مقامي عدالت ۾ پيش نه ٿيڻ تي سول اسپتال جي 27 ڊاڪٽرن ۽ انتظامي آفيسرن جا ناقابل ضمانت گرفتاري وارنٽ جاري عدالت جو پوليس کي سمورن نامزد جوابدارن کي گرفتار ڪري 27 آڪٽوبر تي پيش ڪرڻ جو حڪم گذريل سال 17 ورهين جي نوجوان حسنين عامر جي ڊينگي ۾ مبتلا هجڻ دوران فوت ٿيڻ جو ڪيس مارڪيٽ ٿاڻي تي سندس والد عامر لطيف جي فرياد تي داخل ڪيو ويو هو فوتي نوجوان جي والد پٽ جي علاج ۾ مبينا غفلت تي ڪيس داخل ڪرائڻ لاءِ عدالت سان رابطو ڪيو هوفريادي عامر لطيف جي پاران سول اسپتال جي انتظاميا تي پٽ جي علاج ۾ غفلت ۽ لاپرواهي جو الزام ڊينگي جي مريض جي فوت ٿيڻ واري واقعي تي سول اسپتال جي ڊاڪٽرن خلاف پاڪستان پينل ڪوڊ جي قلم 302 تحت ڪيس داخل ڪيو ويو هو

بقايا 12 روزاني عبرت

(FBR)ڪاروباري برادري ۽ عام عوام جي درخواستن تي عمل ڪندي، سال 2025-2026 لاءِ سالاڻي انڪم ٽيڪس ريٽرنز جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ وڌائي 31 آڪٽوبر ڪري ڇڏي آهي فيڊرل بورڊ آف روينيو (FBR)هڪ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو آهي. جنهن تحت سالاڻي انڪم ٽيڪس ريٽرنز جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۾ وڌيڪ 16 ڏينهن جي واڌ ڪئي وئي آهي ياد رهي ته مختلف واپاري ۽ صنعتي تنظيمن، گڏوگڏ ٽيڪس جي ماهرن اڳ ۾ ئي مطالبو ڪيو هو ته انڪم ٽيڪس ريٽرنز جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ڊسمبر 2026 تائين وڌائي وڃي.

بقايا 13 روزاني عبرت

جي بحالي واري کاتي جي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي جي صدارت هيٺ سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروسز 1122 جي ڪارڪردگي ۽ اڳڀرائي بابت هڪ جائزو اجلاس منعقد ڪيو گڏيو اجلاس ۾ ايمرجنسي ريسپونس نظام جي بهتري، ريسڪيو سروسز جي واڌ، نون اسٽيشنن جي قيام، ريسڪيو وارن جي اپ گريڊيشن ۽ سار سنڀال، انساني وسيلا (افرادي قوت)، تربيتي سرگرمين، بنيادي ڍانچي، مالي معاملن ۽ زير التوا منصوبن تي تفصيلي غور ڪيو ويو اجلاس ۾ وڏي وزير جي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي ريسڪيو 1122 جي ڪارڪردگي کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ، ڪراچي سميت سڄي سنڌ ۾ ايمرجنسي ريسپونس نظام کي وڌائڻ ۽ نون اسٽيشنن جي قيام لاءِ ڪارروايون تيز ڪرڻ جي هدايت ڪئي اجلاس ۾ سيڪريٽري بحالي رفيق مصطفيٰ شيخ، ڊي جي سنڌ ايمرجنسي ريسڪيو سروسز 1122 برگيڊيئر (ر) واجد صبغت الله مهر ڊائريڪٽر آپريشنز ڊاڪٽر عابد شيخ ڊائريڪٽر ايڊمن سردار شاهه ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته ريسڪيو 1122 جي ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر ۾ روزاني سراسري طور 24 هزار 700 ڪالز موصول ٿينديون آهن جڏهن ته ساليانو ڪالز جو اندازو لڳ ڀڳ 98 لک آهي ريسڪيو سروس جو سراسري ريسپونس ٽائيم 8 کان 12 منٽ آهي جڏهن ته رش جي وقتن ۾ 20 کان 22 منٽ ۽ ريسڪيو موٽرسائيڪلون سراسري طور 4 کان 5 منٽن ۾ حادثي واري جاءِ تي پهچنديون آهن اداري جي قيام کان وٺي هينئر تائين 13 لک 30 هزار کان وڌيڪ طبي هنگامي خدمتون فراهم ڪيون ويون آهن شاهراهن تي 1,822، پاڻي ۾ 740، باهه لڳڻ جي 5,264 ۽ عمارتون ڊهڻ جي 169 واقعن ۾ ريسڪيو آپريشن ڪيا ويا، جڏهن ته 5,238 انساني جانيون بچايون ويون ريسڪيو 1122 سال 2025 جي ٻوڏ دوران 1,529 ماڻهن کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪيو ۽ 750 مال مويشي بچايا اداري وٽ 149 گاڏيون ۽ 1,723 اهلڪار موجود آهن جڏهن ته صوبي ۾ 15 هاءِ وي ريسڪيو اسٽيشنز ۽ 15 سيٽلائيٽ اسٽيشنز قائم آهن ريبز جي بابت هنگامي خدمتن جي بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته 21 اپريل کان 14 آڪٽوبر 2026ع تائين 136 ڪالز مليون 86 ماڻهن کي اينٽي ريبز ويڪسين لاءِ ريفر ڪيو ويو 62 ايمبولينس روانيون ڪيون ويون جڏهن ته 65 ماڻهن کي ويڪسين لڳائي وئي اجلاس کي ٻڌايو ويو ته جولاءِ کان سيپٽمبر 2026ع دوران ريسڪيو 1122 پاران 1,220 واقعن ۾ ڪارروايون ڪيون ويون جڏهن ته گذريل سال ساڳئي عرصي ۾ 961 واقعا رپورٽ ٿيا هئا تربيتي سرگرمين جي حوالي سان ٻڌايو ويو ته مئي 2023ع کان سيپٽمبر 2026ع تائين 1,290 تربيتي سرگرميون ڪيون ويون جن ۾ 69 هزار 808 ماڻهن شرڪت ڪئي، جڏهن ته جنوري کان سيپٽمبر 2026ع دوران 1,972 فائر سيفٽي آڊٽ ڪيا ويا نون ضلعي اسٽيشنن بابت اجلاس کي آگاهه ڪيو ويو ته مٽياري، سانگهڙ ۽ نوشهرو فيروز جا اسٽيشن تيار آهن ۽ هلندڙ سال ئي اتي آپريشنز شروع ڪيا ويندا جڏهن ته خيرپور ۽ روهڙي ۾ تعميراتي ڪم جاري آهي اجلاس ۾ ريسڪيو 1122 جي انتظامي، تعميراتي ۽ مالي معاملن جو به جائزو ورتو ويو جڏهن ته ملازمن جي پگهارن جي ادائيگي، خرچن جي استعمال جي رپورٽ ۽ مالي سال 2026-27 جي ساليانو خريداري بابت پڻ بريفنگ ڏني وئي. ان موقعي تي سنڌ جي وڏي وزير جي بحالي واري کاتي جي صلاحڪار گيانچند ايسراڻي چيو ته عوام کي وقت سر ۽ اثرائتي هنگامي مدد فراهم ڪرڻ سنڌ حڪومت جي پهرين ترجيحن ۾ شامل آهي ريسڪيو 1122 جي صلاحيتن کي وڌائڻ ۽ ايمرجنسي ريسپونس نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ لاءِ سمورا ضروري قدم کنيا ويندا

بقايا 14 روزاني عبرت

جي فائرنگ ۾ سري برادري جا ٻه سڳا ڀائر وليداد سري ۽ مولا بخش سري قتل ٿي ويا، جڏهن ته فائرنگ ڪندڙ جوابدار واقعي واري هنڌ تان فرار ٿي ويا، پوليس مقتولن جا لاش ضلعي اسپتال عمرڪوٽ منتقل ڪري واقعي جي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي. خبر موجب مقتول وليداد سري ۽ مولا بخش سري سيشن ڪورٽ عمرڪوٽ ۾ پيشي بعد موٽرسائيڪل تي پنهنجي ڳوٺ شادي پلي وڃي رهيا هئا ته صوفي فقير ويجهو ڪاليپر پمپ وٽ نامعلوم ڪار سوار هٿياربندن مٿن فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ ٻئي ڀائر ٿڏي تي مارجي ويا، واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو علائقي واسين موجب سري ۽ شر برادرين وچ ۾ گذريل هڪ سال کان خوني تڪرار هلندڙ آهي جنهن دوران گذريل سال سري برادري جي ماڻهن هٿان شر برادري جا ڪي ڄڻا قتل ٿيڻ جا اطلاع پڻ آهن علائقي واسين شڪ ظاهر ڪيو آهي ته تازو واقعو به پراڻي دشمني جو نتيجو ٿي سگهي ٿو جڏهن ته واقعي جا اصل ڪارڻ جاچ ڪانپوءِ ئي سامهون اچي سگهندا، پوليس موجب فائرنگ ۾ ملوث جوابدار واقعي واري هنڌ تان فرار ٿي ويا، جڏهن ته مقتولن جا لاش اسپتال منتقل ڪيا ويا آهن. پوليس جو چوڻ آهي ته مقتولن جي وارثن پاران هن وقت تائين ڪيس داخل نه ڪرايو ويو آهي. تنهن هوندي به جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي. واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ ڳڻتي جي لهر پکڙجي وئي آهي، شهرين لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ٻنهي ڀائرن جي قتل ۾ ملوث جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو وڃي ۽ علائقي ۾ امن امان برقرار رکڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن

بقايا 15 روزاني عبرت

سيڪٽر 11 C-ون ۾ گهر مان مڙس ۽ زال جا تشدد ٿيل لاش ملڻ واري واقعي جو ڪيس سر سيد ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو آهي مقتول محمد يامين جي ڀاءُ محمد انور جي فرياد تي نامعلوم جوابدارن خلاف قتل جي قلم تحت ڪيس داخل ڪيو ويو مقتول زال مڙس ٽن ٻارن ٻن پٽن ۽ هڪ ڌيءَ جا والدين هئا. فريادي موجب سندس ڀاءُ محمد يامين ۽ ڀاڄائي نفيس اختر تازو ئي ڪئنيڊا مان ڪراچي واپس آيا هئا. ان کان اڳ سندن گهر ۾ ڀيڻ پروين پنهنجي خاندان سان گڏ رهندي هئي پر يامين واپس اچڻ کان پوءِ گهر خالي ڪرايو هو ۽ مختلف مزدورن کان مرمت جو ڪم ڪرائي رهيو هو محمد انور موجب اربع جي صبح سندس ڀاڄائي جي ڀاءُ رضوان فون ڪري ٻڌايو ته هو يامين جي گهر ٻاهران بيٺو آهي، پر ڪو به دروازو نه پيو کولي ان کان پوءِ فريادي منجهند جو گهر ويو پر دروازو نه کلڻ سبب واپس پنهنجي ڪم تي هليو ويو شام جو ٻيهر ڀاڄائي جي ڀاءُ جو فون اچڻ کان پوءِ محمد انور ڊپليڪيٽ چابي کڻي گهر پهتو دروازو کولي اندر داخل ٿيو ته ٽي وي لائونج جي فرش تي سندس ڀاءُ ۽ ڀاڄائي جا رت ۾ ٻڏل لاش پيل هئا. هن فوري طور پوليس مددگار 15 کي اطلاع ڏنو جنهن بعد لاش عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيا ويا. فريادي شڪ ظاهر ڪيو آهي ته سندس ڀاءُ ۽ ڀاڄائي کي نامعلوم جوابدارن نامعلوم سببن جي ڪري قتل ڪيو آهي پوسٽ مارٽم ۾ مٿي تي ڌڪن جا نشان ظاهر پوليس سرجن ڊاڪٽر سمعيه سيد موجب، ٻنهي جي مٿي تي ڪنهن سخت ۽ ڳري شيءِ سان ڪيترائي وار ڪرڻ سبب زخمن جا نشان مليا آهن نشي آور شين يا خوراڪ ذريعي ڪنهن نقصانڪار شيءِ جي استعمال جي امڪانن جي جاچ لاءِ نمونا پڻ ورتا ويا آهن. پوليس ذريعن موجب گهر ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن بابت اڃا تائين ڪا واضح ڄاڻ نه ملي سگهي آهي. واقعي واري هنڌ جي ڀرپاسي ڪم جي ڳولا ۾ ويهندڙ مزدورن کان پڻ پڇا ڳاڇا ڪئي پئي وڃي. پوليس جي شروعاتي جاچ موجب گهر اندر ڦر جا ڪي به واضح نشان نه مليا آهن. جڏهن ته واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي. ڪئنيڊا مان ٻار ڪراچي پهچندا مقتول محمد يامين جي ڀاءُ محمد انور موجب، سندس ڀاءُ ۽ ڀاڄائي وڏي عمر جا هئا ۽ ٿڌ برداشت ڪرڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪندا هئا. ٻئي بلڊ پريشر ۽ شگر جا مريض پڻ هئا. ڪئنيڊا ۾ سياري جي موسم شروع ٿيڻ واري هجڻ سبب هو ڪراچي واپس آيا هئا ۽ پنهنجي گهر ۾ مرمت ۽ سجاوٽ جو ڪم ڪرائي رهيا هئا. هن ٻڌايو ته مقتولن جا ٽي ٻار ٻه پٽ ۽ هڪ ڌيءَ آهن جيڪي جمعي ڏينهن ڪئنيڊا مان ڪراچي پهچندا. ان کان پوءِ ئي مڙس ۽ زال جي جنازي نماز ۽ تدفين جو انتظام ڪيو ويندو پوليس واقعي جي مختلف رخن کان جاچ ڪري رهي آهي. جڏهن ته جوابدارن جي سڃاڻپ ۽ گرفتاري بابت اڃا تائين ڪا حتمي ڄاڻ سامهون نه آئي آهي

بقايا 16 روزاني عبرت

محمد سهيل راجپوت جي صدارت هيٺ کاتي جو اجلاس مرڪزي آفيس واقع شاهراهِ ڪمال اتاترڪ ۾ منعقد ٿيو.اجلاس ۾ سيڪريٽري سيد جنيد احمد، ڊائريڪٽر جنرل نسيم الدين ميراڻي رجسٽرار مسعود عشرت، مشيرن ۽ ٻين آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ مشيرن، ريجنيئل ڊائريڪٽرن ۽ صوبائي محتسب سنڌ جي آفيس جي مجموعي ڪارڪردگي جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ شريڪ آفيسرن صوبائي محتسب سنڌ جي قانون جي مختلف شقن تي تفصيلي بحث پڻ ڪيو ان موقعي تي صوبائي محتسب سنڌ محمد سهيل راجپوت اداري جي مجموعي ڪارڪردگي تي اطمينان جو اظهار ڪندي شريڪ آفيسرن کي ٻين صوبن جي محتسبن جي فيصلن جو تقابلي جائزو وٺڻ ۽ تمام ريجنيئل آفيسن جي رهيل ڪيسن ۽ فيصلن جا تفصيل فوري طور رجسٽرار آفيس کي فراهم ڪرڻ جي هدايت ڪئي هن چيو ته عوامي شڪايتن جي ازالي لاءِ صوبائي محتسب سنڌ جي فيصلن تي عملدرآمد کي يقيني بڻايو ويندو

بقايا 17 روزاني عبرت

وزير سعيد غني چيو آهي ته هڪ پورهيت جي زندگي ڪنهن به مشين برآمدي سامان جي کيپ يا منافعي کان وڌيڪ قيمتي آهي جڏهن ته صنعتي ترقيءَ کي انساني وقار ۽ پورهيتن جي تحفظ کان الڳ نٿو ڪري سگهجي جديد صنعتي معيشت لاءِ پيداوار سان گڏ محفوظ ماحول فراهم ڪرڻ به لازمي آهي هن اهڙن خيالن جو اظهار ڪراچيءَ جي هڪ مقامي هوٽل ۾ سنڌ جي محنت کاتي ۽ جرمن ترقياتي اداري (GIZ) جي سهڪار سان بجليءَ جي حفاظت ۽ باهه کان بچاءُ بابت آگاهي جي عنوان هيٺ منعقد ڪيل سيمينار کي خاص مهمان طور خطاب ڪندي ڪيو سيمينار ۾ سنڌ جي محنت کاتي جي سيڪريٽري ساجد جمال ابڙو، بيٽر ورڪس اينڊ بزنس انوائرنمينٽ جي صدر ايمپلائرز فيڊريشن آف پاڪستان جي سيڪريٽري جنرل سيد نظير علي، پيپلز ليبر بيورو سنڌ جي صدر حبيب الدين جنيدي سميت ٻين پڻ خطاب ڪيو تقريب ۾ صنعتڪارن، ملازمن ۽ مزدور تنظيمن جي اڳواڻن توڙي محنت کاتي جي آفيسرن شرڪت ڪئي. صوبائي وزير سعيد غني چيو ته سنڌ جو صنعتي شعبو پاڪستان جي معيشت ۾ بنيادي اهميت رکي ٿو سنڌ جا ڪارخانا روزگار جا موقعا پيدا ڪرڻ برآمدات وڌائڻ مقامي ڪاروبار کي هٿي ڏيڻ ۽ قومي خوشحاليءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا پر معاشي ترقي سان گڏ پورهيتن جي جان ۽ صحت جي حفاظت کي به يقيني بڻائڻ ضروري آهي هن چيو ته ڪارخانن ۾ حفاظتي انتظام بهتر بڻائڻ سان نه رڳو انساني زندگيون بچائي سگهجن ٿيون پر صنعتي پيداوار ۽ ڪاروباري ڪارڪردگيءَ کي به وڌيڪ محفوظ بڻائي سگهجي ٿو سعيد غني چيو ته سنڌ ۾ ڪارخانن اندر باهه کان بچاءُ بابت ڳالهائيندي سيپٽمبر 2012ع ۾ پيش آيل سانحي بلدير ٽائون کي وساري نٿو سگهجي جنهن ۾ 259 قيمتي انساني جانيون ضايع ٿيون اهو دردناڪ واقعو اسان جي اجتماعي يادگيريءَ جو حصو آهي ۽ اسان کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪري ٿو ته ڇا ڪارخانن ۾ هنگامي نيڪال جا رستا کليل ۽ استعمال لائق آهن؟ ڇا باهه کان خبردار ڪندڙ الارم صحيح نموني ڪم ڪن ٿا؟ ڇا بجليءَ جي نظام جي باقاعدي سار سنڀال ڪئي وڃي ٿي؟ ڇا پورهيتن کي هنگامي صورتحال ۾ عمارت خالي ڪرڻ جي تربيت ڏني وڃي ٿي؟ هن چيو ته سانحي ۾ فوت ٿيل پورهيتن کي حقيقي ڀيٽا تڏهن ئي پيش ڪري سگهجي ٿي، جڏهن انهن سوالن جا جواب عملي قدمن ذريعي ڏنا وڃن ۽ مستقبل ۾ اهڙن واقعن کان بچڻ لاءِ اثرائتا انتظام ڪيا وڃن صوبائي وزير وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت پورهيتن جي پيشاوراڻي سلامتي ۽ صحت کي يقيني بڻائڻ لاءِ قانوني بنياد فراهم ڪيو آهي سنڌ فيڪٽريز ايڪٽ 2015ع، سنڌ آڪيوپيشنل سيفٽي اينڊ هيلٿ ايڪٽ 2017ع ۽ انهن سان لاڳاپيل ضابطا پورهيتن کي ڪم دوران پيش ايندڙ خطرن کان محفوظ رکڻ لاءِ قانوني فريم ورڪ مهيا ڪن ٿا. هن چيو ته قانونن جو اصل مقصد تڏهن پورو ٿيندو جڏهن انهن بابت ڄاڻ ڏني وڃي، انهن تي عمل ڪرايو وڃي، نگراني ڪئي وڃي ۽ ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف قانون موجب ڪارروائي ٿئي سعيد غني چيو ته ڪارخانن ۾ رڳو حفاظتي هدايتن جا ڪتاب موجود هجڻ ڪافي ناهي، پر عملي طور تي به حفاظتي انتظامن تي عمل ٿيڻ گهرجي بجليءَ جا پينل محفوظ هجڻ ايڪسٽينشن تارن تي ضرورت کان وڌيڪ لوڊ نه وڌو وڃي، ٻرندڙ شين کي مناسب هنڌ تي رکيو وڃي، هنگامي نيڪال جا رستا رنڊڪن کان پاڪ هجڻ ۽ باهه وسائڻ وارا اوزار هر وقت استعمال جي قابل حالت ۾ موجود هجڻ ان سان گڏ پورهيتن کي هنگامي صورتحال دوران پنهنجون ذميواريون نڀائڻ لاءِ عملي مشقون پڻ ڪرايون وڃن هن ٻڌايو ته آگاهي مهم تحت ڪارخانن ۾ استعمال لاءِ معلوماتي، تعليمي ۽ ابلاغي مواد تيار ڪيو ويو آهي جنهن ۾ پوسٽر متحرڪ وڊيوز ۽ ڊجيٽل مواد شامل آهن حفاظتي پيغام انهن هنڌن تي نمايان ڪيا ويندا، جتي ڪم دوران خطرا پيدا ٿيڻ جو امڪان هوندو آهي ان کان علاوه مختصر آگاهي سيشن، نون ملازمن جي شروعاتي تربيت ۽ وقت بوقت ٻيهر تربيتي پروگرام پڻ منعقد ڪيا ويندا. صوبائي وزير چيو ته آگاهيءَ جو مواد اهڙو هجڻ گهرجي جيڪو مختلف تعليمي قابليت ۽ پڙهڻ لکڻ جي صلاحيت رکندڙ پورهيتن لاءِ آسانيءَ سان سمجهڻ جوڳو هجي پوسٽر تڏهن ڪارائتو آهي جڏهن اهو رويي ۾ تبديلي آڻي، وڊيو تڏهن اثرائتي آهي جڏهن اها خطري جي سڃاڻپ ۾ مدد ڪري ۽ تربيت تڏهن بامقصد آهي جڏهن هنگامي صورتحال ۾ پورهيتن جي ردعمل کي وڌيڪ تيز ۽ محفوظ بڻائي هن ڪارخانن جي مالڪن ۽ انتظاميا تي زور ڏنو ته اهي خطرن جي باقاعدي سڃاڻپ ۽ جائزي، بجليءَ جي نظام جي سار سنڀال باهه کان بچاءُ انتظامن ۽ هنگامي نيڪال جي رستن کي هر وقت کليل رکڻ کي پنهنجي روزاني ذميوارين جو حصو بڻائين. هن چيو ته پورهيتن کي مناسب معلومات ۽ تربيت ڏيڻ سان گڏ کين حفاظتي عمل ۾ ڀائيوار بڻائڻ به ضروري آهي. جيڪو پورهيت ڪنهن خطري جي نشاندهي ڪري ٿو اهو حقيقت ۾ سڄي اداري جي حفاظت ۾ مدد ڪري ٿو تنهنڪري سندس ڳالهه ٻڌڻ ۽ ان تي ڌيان ڏيڻ گهرجي سعيد غني چيو ته محنت کاتي جي ڊائريڪٽوريٽ جنرل آف ليبر ۽ پيشاوراڻي سلامتي ۽ صحت جي ادارن وچ ۾ رابطا وڌيڪ مضبوط ڪيا وڃن جيئن آگاهي، خطري جي بنياد تي معائني، لڪيل مشاهدي، خامين جي درستگي ۽ انهن جي تصديق واري عمل کي هڪٻئي سان ڳنڍي سگهجي. هن واضح ڪيو ته معائني جو مقصد رڳو ڪاغذي ڪارروائي وڌائڻ نه، پر عملي طور تي خطرن کي گهٽائڻ آهي. سنگين يا مسلسل قانوني ڀڃڪڙين تي لاڳاپيل قانوني طريقيڪار تحت ڪارروائي ٿيڻ گهرجي جڏهن ته صنعتڪارن کي قانون تي عمل لاءِ فني رهنمائي پڻ فراهم ڪئي وڃي. هن وڌيڪ چيو ته صنعتي ادارن ۾ حفاظت يقيني بڻائڻ لاءِ مختلف سرڪاري ادارن وچ ۾ سهڪار ضروري آهي محنت کاتي، بجليءَ جي معائني وارن ادارن، فائر برگيڊ، سول ڊفينس، ريسڪيو 1122 ۽ تعميراتي ضابطن تي عمل ڪرائيندڙ ادارن جون پنهنجون پنهنجون ذميواريون آهن انهن ادارن کي پنهنجي قانوني اختيارن جي دائري ۾ رهندي باهمي رابطو وڌائڻ حفاظتي خدشن بابت معلومات جي ڏي وٺ ۽ هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ جي تياري بهتر بڻائڻ لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي صوبائي وزير چيو ته آگاهي مهم جي ڪاميابيءَ لاءِ ان جي اثر جو مسلسل جائزو وٺڻ پڻ ضروري آهي محنت کاتي، GIZ، شريڪ ڪارخانن کي آگاهي مواد جي فراهمي، جو رڪارڊ رکڻ حفاظتي رابطي لاءِ ذميوار آفيسر مقرر ڪرڻ ۽ اهو جائزو وٺڻ گهرجي ته مواد ڪارخانن ۾ مناسب هنڌن تي لڳايو ويو آهي يا نه ۽ ان کي عملي طور استعمال ڪيو پيو وڃي يا نه.

بقايا 18 روزاني عبرت

100 ڪامياب روبوٽڪ سرجرين جي تاريخي اڳڀرائيءَ کي ساراهيندي چيو آهي ته ليياريءَ کي جديد ترين طبي ٽيڪنالاجيءَ جو مرڪز بڻائڻ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ جي عوامي ۽ فلاحي ويزن تي عمل ڪري رهي آهي سوين سرجريءَ جي تاريخي ڪاميابيءَ واري تقريب کي خطاب ڪندي نادر گبول ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ليياريءَ جهڙي تاريخي طور تي محروم علائقي ۾ بلڪل مفت روبوٽڪ سرجريءَ جي فراهمي سرڪاري صحت جي شعبي ۾ هڪ وڏو انقلاب آهي هن چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل ڪاليج ۾ 100 روبوٽڪ سرجرين جي مڪمل ڪاميابي ان عزم جو ثبوت آهي ته معياري علاج بنيادي حق آهي. بلاول ڀٽو زرداريءَ جي بهترين اڳواڻي ۾ ليياري هاڻي اهڙين جديد طبي سهولتن جو مرڪز بڻجي چڪو آهي جيڪي دنيا جي بهترين ادارن جو مقابلو ڪن ٿيون اسان هاڻي مقامي نجي شعبي يا ملڪ جي ٻين صوبن سان مقابلي ۾ ناهيون پر سنڌ حڪومت هاڻي بين الاقوامي سطح تي ترقي يافته ملڪن جي ورلڊ ڪلاس هيلٿ ڪيئر نيٽ ورڪ جو مقابلو ڪري رهي آهي ترجمان سنڌ حڪومت ٻڌايو ته انتهائي پيچيده روبوٽڪ سرجريون جن تي نجي اسپتالن ۾ لکين رپيا خرچ اچي ٿو يا جن لاءِ مريضن کي ٻاهرين ملڪ وڃڻو پوندو هو اهي هاڻي ليياريءَ ۾ عام شهرين لاءِ بلڪل مفت ڪيون پيون وڃن جديد روبوٽڪ ٽيڪنالاجيءَ سان نه صرف سرجريءَ جي درستگي ۽ حفاظت ۾ اضافو ٿئي ٿو پر مريض جلد صحتياب ٿي پنهنجي روزگار ڏانهن موٽي سگهن ٿا. سنڌ حڪومت جي هيلٿ پاليسيءَ تي روشني وجهندي نادر گبول چيو ته صوبائي حڪومت پنهنجي ڪل بجيٽ جو 10 سيڪڙو کان وڌيڪ حصو صرف صحت جي شعبي لاءِ مقرر ڪيو آهي ان مالي ترجيح جي ڪري ليياري ۾ روبوٽڪ سرجريءَ کان وٺي سڄي صوبي جي ڪارڊيالوجي، ٽراما ۽ آرگن ٽرانسپلانٽ جا عالمي معيار جا مرڪز قائم ڪيا ويا آهن نادر گبول شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل ڪاليج جي سرجنن طبي عملي ۽ انتظاميا کي ان وڏي ڪاميابيءَ تي مبارڪباد ڏني ۽ عزم ورجائيندي چيو ته سنڌ حڪومت جديد ۽ مفت طبي سهولتن کي صوبي جي سمورن ضلعن تائين ڦهلائڻ جو عمل جاري رکندي

بقايا 19 روزاني عبرت

ڀتاخوري، زمينن تي قبضا ۽ لينڊ مافيا جا مسئلا سنگين صورت اختيار ڪري ويا آهن. سپريم ڪورٽ جي حڪمن باوجود ڪراچي جي 26 روڊن جي ڪمرشلائيزيشن نه ٿيڻ انتهائي ڳڻتي جوڳو عمل آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن ڊپلوميٽڪ بزنس ڪلب پاران پنهنجي ۽ آباد جي ٻين عهديدارن جي مان ۾ ڪوٺايل تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو تقريب ۾ آباد جي وائيس چيئرمين خورشيد عالم، چيئرمين سدرن ريجن معيز زيدي، اڳوڻي چيئرمين محمد حسن بخشي، سينيئر وائيس چيئرمين سيد افضل حميد، وائيس چيئرمين طارق عزيز، چيئرمين ايس آر احمد اويس ٿانوي، ڊپلوميٽڪ بزنس ڪلب جي چيئرمين محمد عمر شاهه پيٽرن ان چيف فياض الياس ۽ ٻين ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي محمد حنيف گوهر چيو ته ڀتاخوري، لينڊ مافيا ۽ ڪرپٽ نظام سبب شهرين، واپارين بلڊرز ۽ ڊولپرز کي مختلف ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ڪاروباري برادريءَ کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۽ کين بنا ڪنهن خوف جي پنهنجون ڪاروباري سرگرميون جاري رکڻ جا موقعا ڏيڻ حڪومت ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ذميواري آهي هن چيو ته سپريم ڪورٽ جي حڪمن باوجود ڪمرشلائيزيشن واري معاملي تي عمل نه ٿيڻ انتهائي افسوسناڪ آهي. لاڳاپيل ادارن کي گهرجي ته عدالتي حڪمن تي عملدرآمد يقيني بڻائين ۽ بلڊرز جي جائز قانوني مسئلن کي ترت حل ڪن جيئن تعميراتي شعبي کي غير ضروري رڪاوٽن مان ڇوٽڪارو ملي سگهي آباد جي چيئرمين واضح ڪيو ته ڪمرشلائيزيشن جو عمل شفاف، قانوني ۽ رشوت کان پاڪ هجڻ گهرجي بلڊرز ۽ ڊولپرز کي پنهنجا جائز ڪم ڪرائڻ لاءِ رشوت ڏيڻ يا غير ضروري دفتري رڪاوٽن کي منهن ڏيڻ تي مجبور نه ڪيو وڃي. لاڳاپيل ادارا ڪرپشن جي خاتمي لاءِ اثرائتا قدم کڻن ۽ قانون موجب ڪاروباري سرگرمين کي هٿي ڏين هن وڌيڪ چيو ته آباد هميشه بلڊرز ۽ ڊولپرز جي جائز حقن لاءِ آواز اٿاريو آهي ۽ ڪرپٽ نظام خلاف ڪڏهن به خاموشي اختيار نه ڪئي آهي

بقايا 20 روزاني عبرت

ڪارروايون دوران 37 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو شهر جي مختلف علائقن مان ٻن ڄڻن جا لاش هٿ آيا، جڏهن ته سرجاني ٽائون ۾ گهر جي ڇت ڪرڻ سبب 6 ورهين جو ٻار فوت ٿي ويو بلدير ٽائون ۽ گلستان جوهر ۾ فائرنگ جي واقعن ۾ 2 ڄڻا زخمي ٿيا، جڏهن ته ڪورنگي پوليس لائين ۾ گيس ليڪيج سبب باهه لڳڻ جي واقعي ۾ عورت پوليس اهلڪار سڙي زخمي ٿي پئي ان کان علاوه هڪ ٻيو شخص فائرنگ ۾ زخمي ٿيڻ جي اطلاع پڻ ملي آهي ٻئي طرف ڊسٽرڪٽ سٽي پوليس 22 ۽ ڪيماڙي پوليس 15 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي گرفتار جوابدارن وٽان هٿيار منشيات، گٽڪو ماوا، چوري ٿيل موٽرسائيڪل ۽ موبائل فون هٿ ڪرڻ جو پڻ ٻڌايو ويو آهي

بقايا 21 روزاني عبرت

متاثر ٿيل 18 انچ قطر جي سيوريج لائين تبديل ڪري ڇڏي واٽر ڪارپوريشن جي سي اي او احمد علي صديقي ۽ سي او او انجنيئر اسدالله خان جي خاص هدايتن تي ايگزيڪيوٽو انجنيئر سيوريج لياري ٽائون جاويد اقبال پنهنجي ٽيم سان گڏ مرمتي ڪم جي نگراني ڪئي ۽ متاثر ٿيل سيوريج لائين تبديل ڪرائڻ جو ڪم مڪمل ڪرايو هوڏانهن ٽائون چيئرمين ۽ ميونسپل ڪميٽي جي عملدارن پڻ متاثر هنڌ جو دورو ڪيو ۽ ترت ڪارروائي ڪندي سيوريج لائين جي بحالي تي واٽر ڪارپوريشن جي اختيارين جا ٿورا مڃيا. واٽر ڪارپوريشن جي ترجمان موجب شهرين کي نيڪالي جي بهتر سهولتن جي فراهمي ۽ سيوريج بابت شڪايتن جو ترت ازالو ڪرڻ اداري جي اولين ترجيح آهي

بقايا 22 روزاني عبرت

ٽائين روڊ کي موٽر ايبل بڻائڻ واري جاري ترقياتي ڪم جو دورو ڪيو ۽ موقعي تي پهچي ڪم جي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ان موقعي تي اسسٽنٽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر (AEE)آفاق عالم ۽ سب انجنيئر جنيد صديقي پڻ موجود هئا جن چيئرمين کي جاري ترقياتي سرگرمين بابت بريفنگ ڏني روڊ کي موٽر ايبل بڻائڻ واري ڪم جي اهميت تي زور ڏيندي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي چيو ته شهرين کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ علائقي ۾ آمدرفت جي نظام کي بهتر بڻائڻ بلدياتي اداري جي ترجيحن ۾ شامل آهي روڊن جي بهتري سان نه رڳو شهرين جي روزاني اچ وڃ آسان ٿئي ٿي پر مختلف آبادين جي وچ ۾ رابطن کي پڻ وڌيڪ بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملي ٿي هن چيو ته ترقياتي ڪمن جو بنيادي مقصد عوام کي رليف فراهم ڪرڻ ۽ کين درپيش مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم کڻڻ آهي حاجي نواز علي بروهي چيو ته گلزارآباد کان گرم چشمي ٽائين روڊ کي موٽر ايبل بڻائڻ وارو ڪم علائقي جي شهري بنيادي ڍانچي جي بهتري جي حوالي سان اهميت رکي ٿو بهتر روڊ شهرين جي روزاني معمولات، ڪاروباري سرگرمين ۽ مختلف هنڌن تائين پهچ کي آسان بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. هن زور ڏنو ته علائقي ۾ روڊن جي بهتري ۽ بنيادي بلدياتي سهولتن جي فراهمي تي خاص ڌيان ڏنو وڃي، ته جيئن مقامي رهواسين کي آمدرفت دوران پيش ايندڙ ڏکيائين ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي چيئرمين جاري ترقياتي ڪم جو جائزو وٺندي لاڳاپيل انجنيئرنگ عملي کي هدايت ڪئي ته ڪم جي اڳڀرائي تي مسلسل نظر رکي وڃي ۽ تعميراتي سرگرمين کي فني گهرجن ۽ مقرر ڪيل معيارن مطابق اڳتي وڌايو وڃي هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ترقياتي منصوبن ۾ معيار ۽ ذميواري کي بنيادي اهميت ڏني وڃي ته جيئن عوامي مفاد ۾ ڪيل قدم اثرائتا ثابت ٿين ۽ شهرين کي انهن جا فائدا حاصل ٿي سگهن اسسٽنٽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر آفاق عالم ۽ سب انجنيئر جنيد صديقي چيئرمين حاجي نواز علي بروهي کي گلزارآباد کان گرم چشمي ٽائين روڊ کي موٽر ايبل بڻائڻ واري جاري ڪم بابت بريفنگ ڏني ان موقعي تي ڪم جي اڳڀرائي ۽ روڊ کي گاڏين جي اچ وڃ لاءِ موزون بڻائڻ بابت کنيل قدمن جو جائزو ورتو ويو گلزار آباد کان گرم چشمي ٽائين روڊ جي بهتري سان مقامي رهواسين ۽ هن رستي تان گذرندڙ ٻين شهرين کي آمدرفت ۾ سهولت ملڻ جي اميد آهي روڊن جي بحالي ۽ انهن کي موٽر ايبل بڻائڻ عوام جون بنيادي ضرورتون آهن. ڇاڪاڻ ته بهتر سفري سهولتن سان روزاني اچ وڃ آسان ٿئي ٿي ۽ مختلف علائقن جي وچ ۾ رابطا وڌيڪ بهتر بڻجن ٿا.چيئرمين حاجي نواز علي بروهي ان عزم جو اظهار ڪيو ته عوامي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي علائقي ۾ بنيادي بلدياتي سهولتن جي بهتري ۽ ترقياتي ڪمن جي نگراني جو سلسلو جاري رکيو ويندو ته جيئن شهرين کي بهتر ماحول ۽ آسان آمدرفت جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن

بقايا 23 روزاني عبرت

قائم اتحاد جي دعويٰ کي بي بنياد قرار ڏئي ڇڏيو پرڏيهي خبررسان اداري جي رپورٽ موجب، حوثين جو اهو بيان سعودي عرب جي ان دعويٰ کان ٿوري ئي دير سامهون آيو جنهن ۾ چيو ويو هو ته مديني شريف ڏانهن ايندڙ ڪروز ميزائل کي روڪي تباهه ڪيو ويو آهي. حوثي فوجي ترجمان يحيٰ سريع سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ چيو ته يمن جي هٿياربند فوج اڄ سعودي سرزمين کي نشانو بڻائڻ لاءِ ڪا به ڪارروائي ناهي ڪئي. هن سعودي عرب جي مديني شريف تي حملي بابت دعويٰ کي ”کليل ۽ شرمناڪ ڪوڙ“ قرار ڏنو ان کان اڳ يمن ۾ سرگرم سعودي اڳواڻيءَ واري اتحاد جي ترجمان ترڪي المالڪي دعويٰ ڪئي هئي ته اتحاد جي فوجن مديني منوره واري علائقي ۾ هڪ ڪروز ميزائل کي هدف تائين پهچڻ کان اڳ ئي روڪي تباهه ڪري ڇڏيو ٻنهي ڌرين جي ابتڙ بيانن ڪانپوءِ واقعي جي اصل صورتحال واضح نه ٿي سگهي آهي

بقايا 24 روزاني عبرت

214 ووٽ پيا، جڏهن ته مخالفت ۾ 56 ميمبرن ووٽ ڏنا. اجلاس دوران وزيراعظم جي اپوزيشن اڳواڻ محمود خان اڇڪزئي سان ملاقات پڻ ٿي جنهن ۾ وزيراعظم ٻيهر ڳالهين جي دعوت ڏني. وزيراعظم چيو ته چيف اليڪشن ڪمشنر ۽ ميمبرن جي مقرري وارو معاملو هڪ سال کان رلجي جو شڪار آهي هن چيو ته هن اهم آئيني ضرورت تي ڪنهن کي به سياست نه ڪرڻ گهرجي

بقايا 25 روزاني عبرت

وفاقي ۽ صوبائي حڪومت گڏجي دهشتگرديءَ جو مقابلو ڪري محسن نقوي چيو ته فيبروريءَ ۾ اپيڪس ڪميٽيءَ جو اجلاس گهرائڻ لاءِ کين سخت تڪليفون برداشت ڪرڻيون پيون، جڏهن ته اجلاس جي پريس رليز ۾ دهشتگرديءَ جي مذمت به نه ڪئي وئي هن دعويٰ ڪئي ته فيبروري ڪانپوءِ سهيل آفريدي ڪنهن به شهيد جي جنازي ۾ شرڪت نه ڪئي، کين شهيدن جي جنازي ۾ اچڻ کان ڪنهن روڪيو هو؟ گهرو وزير چيو ته ڳالهين دوران دهشتگرديءَ خلاف ڪارروائين بابت بحث ٿيس پر اسد قيصر جا بيان ڪجهه ٻيا هئا. جڏهن ته صوبائي حڪومت جو موقف مختلف هو محسن نقوي جو چوڻ هو ته هو ذاتي طور تي ڪيترائي ڀيرا سهيل آفريدي سان ملي چڪو آهي ٻنهي گڏجي پنجن ضلعن ۾ پوليس کي مضبوط ڪرڻ جو منصوبو پڻ جوڙيو هو هن چيو ته سهيل آفريدي کي ڪير روڪيندو هو اها الڳ ڳالهه آهي پر سندن طرفان وڏي وزير کي قيادت ڪرڻ لاءِ چيو ويندو هو جڏهن ته هو ان لاءِ تيار نه هو

بقايا 26 روزاني عبرت

جي موت واري ڪيس جي جاچ ڪندڙ عدالتي ڪميشن جي رپورٽ سنڌ حڪومت حوالي ڪئي وئي آهي ذريعن موجب ڪميشن جي رجسٽرار رپورٽ گهرو کاتي سنڌ جي ايڊيشنل سيڪريٽري جاويد ابڙو حوالي ڪئي رپورٽ 7 سيل ٿيل لفافن تي مشتمل آهي جنهن ۾ شاهدن جا قلمبند ڪيل بيان پڻ شامل آهن واضح رهي ته مير رضا جي موت واري ڪيس جي جاچ لاءِ قائم عدالتي ڪميشن 7 آڪٽوبر تي پنهنجي ڪارروائي مڪمل ڪئي هئي ڪميشن واقعي واري هنڌ جي دوري سميت مجموعي طور 15 اجلاس ڪيا عدالتي ڪميشن جي قيام جو نوٽيفڪيشن 24 آگسٽ تي جاري ڪيو ويو هو جڏهن ته ڪميشن 27 آگسٽ کان پنهنجو ڪم شروع ڪيو هو سنڌ جي گهرو کاتي پاران ڪميشن کي هڪ مهيني اندر جاچ مڪمل ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي هئي ڪيس جو پس منظر ڪراچيءَ جو نوجوان مير رضا علي خان 28 جولاءِ تي پاڪستان ايمپلائيز هائوسنگ سوسائٽي (پي اي سي ايڇ ايس) مان گم ٿي ويو هو هو صبح جو 4 وڳي 9 منٽن تي آن لائن ٽيڪسي ذريعي گهران روانو ٿيو هو جنهن کان ٻه ڏينهن پوءِ سندس لاش گلستان جوهر مان هٿ آيو هو پوليس اختيارين موجب مقتول جي سيني ۾ گولي لڳل هئي ۽ سندس لاش انتهائي خراب حالت ۾ مليو هو لاش ملڻ کان هڪ ڏينهن اڳ سندس سمورا سوشل ميڊيا اڪائونٽس پڻ بند ٿي ويا هئا. مير رضا جي والد موجب، سندس پٽ جو نڪاح 30 آگسٽ تي گلشن اقبال جي بيت المڪرم مسجد ۾ ٿيڻو هو ۽ هو پنهنجي نئين زندگي شروع ڪرڻ تي تمام گهڻو خوش هو هاڻي عدالتي ڪميشن جي رپورٽ سنڌ حڪومت حوالي ٿيڻ کان پوءِ ڪيس جي جاچ ۾ سامهون ايندڙ حقيقتن ۽ سفارشن بابت سرڪاري موقف جو انتظار آهي

بقايا 27 روزاني عبرت

ٻيهر غور ڪري سگهجي ٿو پارليامينٽ ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي خواجا آصف چيو ته هن وقت تائين خيبرپختونخوا ۾ احتجاج جا ڪي به آثار نظر ناهن آيا. هن چيو ته جيڪي ماڻهو ڪي پي ۾ ڦرلٽ مچائي ويٺا هئا، اهي هاڻي غائب ٿي ويا آهن

بقايا 28 روزاني عبرت

پيپلز پارٽيءَ جي سينيٽر شيري رحمان چيو آهي ته گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ کان اڳ ڳالهين کي ترجيح ڏني وئي هئي، جڏهن ته بئريسٽر گوهر به ڳالهين جي معاملي ۾ سنجيده هو. پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس کي خطاب ڪندي شيري رحمان چيو ته اپوزيشن پنهنجا گهڻا مطالبا مڃرائي چڪي هئي پر ان پاڻ کي ڳالهين واري عمل کان ڌار ڪري ڇڏيو هن چيو ته لانگ مارچ ۽ احتجاجي سياست مسئلن جو حل ناهن جڏهن ته ٻاهرين اثر رسوخ سبب ڳالهين وارو عمل متاثر ٿيو. شيري رحمان اپوزيشن کي مخاطب ٿيندي چيو ته سوچيو ته معاهدي ڪرڻ ڪانسواءِ اوهان ڪهڙي بند گهٽيءَ ۾ وڃي ڦاٿا آهيو سندس چوڻ هو ته جيڪڏهن معاهدي تي صحيحون ٿي وڃن ها ته هو بانيءَ کي سمورين سهولتن يقيني بڻائڻ لاءِ ساٿ ڏين ها هن وڌيڪ چيو ته ڪي پي جي ان صوبي ۾ صبح جو پي ٽي آءِ ۽ شام جو دهشتگردن جي حڪومت هجڻ اهو قبول ناهي شيري رحمان چيو ته محترمه جي شهادت ان لاءِ نه ڏني هئي

بقايا 29 روزاني عبرت

گڏيل قومن جو ڏهاڙو (يوم اقوام متحده) ملهايو ويندو جنهن ۾ 15 هزارن کان وڌيڪ ماڻهن جي شرڪت متوقع آهي ان سلسلي ۾ راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جي سيڪريٽري منورعلي مهيسر جي صدارت هيٺ گڏيل قومن پاڪستان جي وفد سان هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ تقريب جي انتظامن ۽ تيارين تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي اجلاس ۾ گڏيل قومن جي عهديدار گولڊن مولينيس راندين واري ڊائريڪٽر اسد اسحاق ڊائريڪٽر يوٿ سيد حبيب الله عمران لغاري سميت رينجرز پوليس ٽريفڪ پوليس بلديات کاتي ڪاليجن ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي اعليٰ آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس کي خطاب ڪندي راندين ۽ نوجوانن جي معاملن واري کاتي جي سيڪريٽري منور علي مهيسر چيو ته سنڌ حڪومت جي مدد سان ڪراچيءَ ۾ گڏيل قومن جي ڏهاڙي جي تقريب منعقد ڪئي ويندي، جنهن جي ميزباني صوبائي حڪومت لاءِ اعزاز جي ڳالهه آهي هن چيو ته گڏيل قومن جي ڏهاڙي جي مرڪزي تقريب يوٿ ڊيولپمينٽ سينٽر سائوٽ ڪراچيءَ ۾ منعقد ٿيندي ۽ هي ايونٽ عوام لاءِ کليل هوندو گڏيل قومن جي وفد اجلاس کي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ان کان اڳ گڏيل قومن جو ڏهاڙو لاهور ۽ اسلام آباد ۾ ملهايو ويو آهي جتي وڏي انگ ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي هاڻي هن ڏينهن کي صوبائي سطح تي ملهائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي جنهن تحت هن سال ڪراچيءَ جي چونڊ ڪئي وئي آهي تقريب ۾ راندين جي سرگرمين، معلوماتي ۽ تفريحي اسٽالن ڪاڌي پيتي جي اسٽالز ۽ ميوزڪ شو سميت مختلف سرگرمين جو اهتمام ڪيو ويندو بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته تقريب کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ راندين ۽ نوجوانن جي معاملن وارو کاتو ثقافت کاتو بلديات کاتو پوليس، رينجرز، ريسڪيو 1122 ۽ ٻيا لاڳاپيل ادارا گڏجي انتظامن کي يقيني بڻائيندا. تقريب ۾ سنڌ جي اعليٰ سطح جي سياسي قيادت ۽ ٻين اهم شخصيتن جي شرڪت پڻ متوقع آهي گڏيل قومن جي ڏهاڙي واري تقريب جو مقصد گڏيل قومن جي ڪردار عالمي سهڪار، امن ۽ ترقيءَ جي پيغام کي نمايان ڪرڻ سان گڏ نوجوانن ۽ عوام کي هاڪاري سرگرمين ۾ شرڪت جا موقعا فراهم ڪرڻ آهي.

بقايا 30 روزاني عبرت

ڪانفرنس ۾ سنڌ صوبي ۾ سيڙپڪاري لاءِ هڪ مضبوط ڪيس پيش ڪيو ويو جنهن ۾ ان جي اسٽريٽيجڪ بيهڪ، وسيع ساموندي ۽ هوائي رابطن مقابلي واري پورهئي جي لاڳت ۽ باصلاحيت افرادي قوت کي نمايان ڪيو ويو ڪانفرنس دوران ٻن درجن کان وڌيڪ ياداشتنامن ۽ معاهدن تي صحيحون ڪيون ويون، جڏهن ته مجموعي طور تي 34 حڪومت کان حڪومت ۽ ڪاروبار کان ڪاروبار معاهدا مڪمل ڪيا ويا. وڏي وزير سيڙپڪارن کي يقين ڏياريو ته هر معاهدي لاءِ سنڌ انويسٽمينٽ ڊپارٽمينٽ ۾ هڪ خاص فوڪل پرسن هوندو ۽ صوبائي حڪومت جي اعليٰ ترين سطح تي ان جو جائزو ورتو ويندو هن چيو ته اسان لاءِ صحيح ڪرڻ ڪم جي شروعات آهي پڄاڻي ناهي مراد علي شاهه چيني سيڙپڪارن کي اهو به يقين ڏياريو ته چيني شهرين منصوبن ۽ سيڙپڪاري جي حفاظت ۽ سيڪيورٽي سنڌ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي ان کان اڳ وڏي وزير جي خاص مددگار سيد قاسم نويد سيڙپڪاري جي موقعن ۽ سنڌ جي سيڙپڪار دوست ماحول بابت تفصيلي پريزنٽيشن ڏني

بقايا 31 روزاني عبرت

ڪانفرنس ۾ پاڪستان ۽ چين جي سيڙپڪارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ڪانفرنس دوران سنڌ ۾ سيڙپڪاريءَ جي موقعن کي اجاگر ڪيو ويو ۽ مختلف شعبن ۾ مجموعي طور 34 مفاهمتي يادداشتن (ايم او يوز) تي صحيحون ڪيون ويون جن ۾ 10 حڪومتي سطح تي (جي ٽو جي) ۽ 24 ڪاروباري ادارن وچ ۾ (بي ٽو بي) معاهدا شامل آهن هڪ وڊيو بيان ۾ شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪانفرنس دوران پاڪ چين ڪاروباري سهڪار کي هٿي وٺرائڻ لاءِ مختلف شعبن ۾ مفاهمتي يادداشتن تي صحيحون ڪيون ويون جن ۾ توانائي ڪوئلي ۽ يونيورسٽين سميت ٻيا اهم شعبا شامل آهن هن چيو ته پاڪ چين دوستي پاڪستان ۽ پوري خطي لاءِ انتهائي اهميت رکي ٿي، جڏهن ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ اقتصادي سهڪار معيشت جي بهتري ۽ ترقيءَ جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو

بقايا 32 روزاني عبرت

راشد رباني جي نياٽي ۽ وڏي وزير جي صلاحڪار عروج رباني، پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو، ڪراچي ڊويزن جي صدر ۽ صوبائي وزير سعيد غني، جنرل سيڪريٽري رئوف احمد ناگوري، سيد نجمي عالم نعمان شيخ، آصف راهي، پيپلز پارٽي جي ميمبرن صوبائي اسيمبلي، ڪراچي ڊويزن جي عهديدارن، سمورن ضلعن جي صدرن، جنرل سيڪريٽرين، ذيلي تنظيمن جي عهديدارن، ٽائون چيئرمينن ۽ پارٽي ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن مرحوم راشد رباني جي سياسي جدوجهد، پارٽيءَ سان وفاداري ۽ جمهوريت لاءِ ڪيل خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو چيو ته راشد رباني سان سندس ساٿ 1988ع کان رهيو راشد رباني پارٽيءَ جو اهڙو اثاثو هو جيڪو هر وقت پارٽيءَ جي خدمت لاءِ تيار رهندو هو هن چيو ته راشد رباني کي ڪير وساري سگهي ٿو هو هر ڏکئي وقت ۾ پارٽيءَ سان گڏ بيٺل هوندو هو چاهي ريل ۾ سفر هجي يا جيل جون سختيون هو هميشه اڳين صفن ۾ نظر ايندو هو راشد رباني هڪ سادو ملنسار ۽ سڀني سان محبت ڪندڙ انسان هو جيڪو هر محفل ۾ ماڻهن سان گڏ ويهڻ ۽ سندن حال احوال وٺڻ کي اهميت ڏيندو هو

بقايا 33 روزاني عبرت

ڊيزل روڊ تي وهي وڃڻ ٽريفڪ معطل ٽينڪر ڊرائيور زخمي ڪنهن به وڏي حادثي جو خدشو خبر موجب اسٽيل ٽائون موڙ ميرز نيشنل هاءِ وي تي آئل ٽينڪر ۽ ٽنا ٽرڪ وچ ۾ حادثو ٿي پيو حادثي جي نتيجي ۾ ڊيزل سان ڀريل آئل ٽينڪر ڪلٽي ٿي پيو ۽ روڊ تلاءُ جو ڏيک ڏيڻ لڳو ڊيزل روڊ تي وهڻ سبب روڊ مڪمل طور تي بند ڪري ٽريفڪ معطل ڪئي وئي آهي روڊ تي وڏي مقدار ۾ ڊيزل پکڙجي وڃڻ جي ڪري موٽرسائيڪل سوار ڪيترائي شهري پڻ ترڪي پئجي ڪري زخمي ٿيڻ لڳا آهن

بقايا 34 روزاني عبرت

سيڪيورٽي، گڏيل قومن جي ادارن ۽ عملي جي تحفظ، ٻارن جي حقن جي واڌاري ۽ ٻارن دوست پوليسنگ جي حوالي سان تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي يونيسيف جي وفد جي اڳواڻي ڊاڪٽر جارج جي ڪيرا ورتا وفد ۾ پوليو ٽيم ليڊ سنڌ ۽ انچارج چيف فيلڊ آفيس يونيسيف سنڌ ڪئي. ملاقات ۾ ڊي آءِ جي هيڊڪوارٽرز آءِ ٽي ايڊيشنل آءِ جيز آپريشنز ۽ ايڊمن ايس پي فارينرز سيڪيورٽي سميت سنڌ پوليس جا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا وفد ۾ يونيسيف پاڪستان جي سيڪيورٽي مئنيجر سداحمد، هيڊ آف سيڪشن ۽ چائلڊ پروٽيڪشن آفيسر مهويش ماريا، سيڪيورٽي آفيسر بارڪ الله خان ۽ گڏيل قومن جي اداري براءِ تحفظ ۽ سلامتي (UNDSS) جو فيلڊ سيڪيورٽي ايسوسيئيٽ حسن عريب پڻ شامل هئا. ملاقات دوران يونيسيف جي وفد گڏيل قومن جي ادارن ماتحت تنظيمن ۽ مشنن خاص طور تي پوليو مهمن ۽ گڏيل قومن جي ڏينهن جي تقريبن دوران سنڌ پوليس پاران فراهم ڪيل سيڪيورٽي انتظامن تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ گڏيل قومن جي ادارن توڙي عملي جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ لاءِ سنڌ پوليس جي ڪوششن کي ساراهيو

بقايا 35 روزاني عبرت

سرڪاري جاچ اداري سي بي آءِ پوني ۾ قائم سرڪاري دفاعي هٿيار ٺاهيندڙ ڪمپني ”ميونيشنز انڊيا لميٽيڊ“ (ايم آءِ ايل) جي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر انيل ڪمار کي مبينا طور رشوت وٺي دفاعي پيداوار خريداري ۽ فوجي سرگرمين بابت حساس ڄاڻ هڪ خانگي دفاعي ڪمپنيءَ کي فراهم ڪرڻ جي الزام ۾ گرفتار ڪري ورتو آهي. سي بي آءِ موجب، حساس ڄاڻ خانگي ڪمپنيءَ تائين پهچڻ سان ملڪ جي فوجي ۽ دفاعي نظام کي نقصان پهچي سگهي ٿو جڏهن ته ان سان قومي سلامتي ۽ عوامي تحفظ لاءِ به سنگين خطرا پيدا ٿي سگهن ٿا. جاچ اداري جي جاري ڪيل بيان موجب، ان ڪيس ۾ هڪ خانگي دفاعي ڪمپنيءَ جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر آشش ڪنڙل ۽ ڪمپنيءَ جي هڪ ٻئي عهديدار کي به گرفتار ڪيو ويو آهي. سي بي آءِ مبينا رشوت جي ڪل رقم بابت تفصيل ظاهر ناهن ڪيا، پر سرڪاري دفاعي ڪمپنيءَ جي عهديدار جي رهائشگاهن تان ڪروڙين رپيا روڪ ۽ اهم دستاويز هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي رپورٽ موجب، جاچ اداري 12 آڪٽوبر تي لاڳاپيل ماڻهن خلاف ڪيس داخل ڪيو هو ميونيشنز انڊيا لميٽيڊ سرڪاري ملڪيت واري دفاعي ڪمپني آهي، جنهن جو هيڊڪوارٽر مهاراشٽر جي شهر پوني ۾ آهي

بقايا 36 روزاني عبرت

آئيني عدالت خيبرپختونخوا جي وڏي وزير طور سهيل آفريدي جي مقرري خلاف شير افضل مروت جي درخواست بي اثر قرار ڏيندي اڪلائي ڇڏي ٻڌڻي دوران چيف جسٽس امين الدين خان ريمارڪس ڏنا ته گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ درخواست تي وڌيڪ ڪارروائي نٿي ٿي سگهي، ڇاڪاڻ ته هن وقت سهيل آفريدي وڏي وزير جي عهدي تي مقرر ناهي جسٽس باقر نجفي ريمارڪس ڏيندي چيو ته گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي به الڳ قانوني معاملا آهن

بقايا 37 روزاني عبرت

نئين شروعات ڪري رهيا آهيون انشاءَ الله سنڌ جا مالوند هاڻي جديد نسلن جا جانور پيدا ڪري کير ۽ گوشت جي پيداوار سان وڌ فائدو حاصل ڪري سگهندا. اهڙن خيالن جو اظهار لائيوسٽاڪ ۽ فشريز جي صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي خميس جي ڏينهن ”فن گرو پرائيويٽ لميٽيڊ“ پاران سنڌ جي جانورن ۾ ايمبريو ٽرانسفر ٽيڪنالاجي (Embryo Transfer Technology)منتقل ڪرڻ واري ماڊرن لائيوسٽاڪ بريڊنگ پروگرام جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو تقريب ۾ فن گرو پرائيويٽ لميٽيڊ جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر يوسف مئنيجر جنرل عاص برگيڊيئر ارشد توفيق شمريز شرڪت ڪئي جڏهن ته سرڪاري اختيارين مان سيڪريٽري لائيوسٽاڪ اينڊ فشريز ڊاڪٽر ڪاظم جتوئي، ڊي جي سنڌ انسٽيٽيوٽ آف اينيمل هيلٿ ڊاڪٽر نظير حسين ڪلهوڙو، ڊائريڪٽر جنرل لائيوسٽاڪ ڊاڪٽر حزب الله ڀٽو، ڊائريڪٽر جنرل لائيوسٽاڪ ايڪسٽينشن اينڊ ريسرچ ڊاڪٽر نعيم صديق انصاري، ڊائريڪٽر فارمز ڊاڪٽر جاويد ديو(J. Dev)، ڊائريڪٽر اينيمل بريڊنگ ڊاڪٽر اقتدار ميمڻ لائيوسٽاڪ بريڊنگ اٿارٽي جي رجسٽرار ڊاڪٽر علي عباسي ۽ ڪراچي جي فارم سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر غلام حيدر خاصخيلي سميت لائيوسٽاڪ ۽ فشريز کاتي جي اعليٰ آفيسرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب کي سيڪريٽري لائيوسٽاڪ ڊاڪٽر ڪاظم حسين جتوئي، ڊي جي ڊاڪٽر نظير ڪلهوڙو ۽ فن گرو جي معززين پڻ خطاب ڪيو

PAA
پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي

خريداريءَ جو نوٽيس

تصحيح نمبر 1

ڪراچي، لاهور ۽ اسلام آباد جي بين الاقوامي هوائي اڏن لاءِ اشتهاري وڊيوز (ڪاروباري موقعن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ) جي تياري، جنهن ۾ گڏيل اشتهاري وڊيو، پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽيءَ جي تعارفي وڊيو، سوشل ميڊيا لاءِ مختصر وڊيو ڪلپس ۽ اعليٰ ريزوليوشن وارن ڪيپشن سان گڏ تصويرن جي تياري شامل آهي.

مٿي ڄاڻايل خريداريءَ جي نوٽيس تحت آڇون جمع ڪرائڻ جي دعوت بابت اشتهار، جيڪو 28 سيپٽمبر 2026ع تي قومي اخبارن سان گڏ EPADS v2.0، پي اي اي ۽ پي پي آر اي جي ويب سائيٽن تي شايع ٿيو هو، ان جي حوالي سان اطلاع ڏنو ٿو وڃي ته ڄاڻايل خريداريءَ جي نوٽيس ۾ آڇ جمع ڪرائڻ جي دعوت بابت شق نمبر 6 ۾ ترميم ڪري. ان جي جاءِ تي هيٺ ڏنل شق نمبر 6 لاڳو ڪئي ويندي:

6_ اي آڇون، اي آڇ دستاويزن ۾ ڏنل هدايتن موجب تيار ڪري. اڱاري ڏينهن، 10 نومبر 2026ع تي صبح جو 11:00 وڳي تائين EPADS v2.0 ذريعي جمع ڪرائڻ لازمي آهي. اي آڇون ساڳئي ڏينهن، اڱارو، 10 نومبر 2026ع تي صبح جو 11:30 وڳي کوليون وينديون. آڇون هٿ سان جمع ڪرائڻ جي اجازت نه هوندي. اهي وينڊرز، جن اڃا تائين اي پيڊز جي نئين ورجن EPADS v2.0 تي رجسٽريشن نه ڪرائي آهي، سي هن ويب سائيٽ https://vendors.epads.gov.pk تي پنهنجي رجسٽريشن مڪمل ڪري سگهن ٿا. رجسٽريشن جي طريقيڪار بابت وضاحتي ۽ رهنمائي واري وڊيو هيٺ ڏنل لنڪ تي موجود آهي:

https://www.youtube.com/watch?v=MNW6T38v7tc

خريداريءَ جي نوٽيس جي دستاويز بابت درستگي نمبر 1 جي وڌيڪ تفصيلن لاءِ EPADS v2.0 ڏانهن رجوع ڪيو وڃي. هيءَ درستگي 30 سيپٽمبر 2026ع جي تاريخ سان گڏ ڏنل آهي.

PID K-1245/26

ايڊيشنل ڊائريڪٽر، پبلڪ رليشنز پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي (PAA)
هيڊ ڪوارٽرز، پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي، ٽرمينل 1 بلڊنگ، جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ (JIAP)، ڪراچي، پاڪستان. فون: 1705-907-21-92+
اِي ميل: adld.pr@paa.gov.pk ,ahmer.azeem@paa.gov.pk
www.paa.gov.pk

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

گاڏين ۾ 770 سيڪڙو واڌ: فضائي گدلاڻ زندگيءَ لاءِ
صفحو 4

محمود شام
بلاول کي هڪ پيو صوبو ملي
صفحو 4

’اڄ جدت آڻيو، سپاڻيءَ لاءِ غذائيت فراهم
مٺل جسڪاڻي
صفحو 4

غلام نبي مگسي
تعليم، مصنوعي ذهانت ۽
صفحو 4

سجاول ۾ چئن استادن جي معطلي خلاف شاگردن ۽ ڳوٺاڻن جو احتجاجي ڌرڻو، روڊ بلاڪ

مظاهرين سجاول - چوهڙ جمالي روڊ بلاڪ احتجاجي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا، ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل

مريد ڪوسو هاءِ اسڪول جي معطل استادن ڪاشف احمد ميمڻ، شيراز ميربحر، پون ڪمار ۽ علي اڪبر ڪوسو جي فوري بحالي جو مطالبو

سجاول ۽ ٺٽي جي بار ايسوسيئيشنن پاران به ڳڻتي جو اظهار، معاملي جي غيرجانبدار جاچ ۽ ذميوارن خلاف ڪارروائي جي گهر

سجاول: مريد ڪوسو هاءِ اسڪول جي چئن استادن جي معطلي خلاف شاگردن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

سجاول(ڊ ر) سجاول ويجهو مريد ڪوسو هاءِ اسڪول جي چئن نون ڀرتي ٿيل استادن جي معطلي خلاف شاگردن ۽ ڳوٺاڻن پاران مريد ڪوسو اسٽاپ وٽ سجاول چوهڙ جمالي روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو ڌرڻي سبب روڊ جي ٻنهي پاسن کان گاڏين جو قطارون لڳي ويون احتجاج ڪندڙن معطل ڪيل استادن جي فوري بحالي، معاملي جي شفاف جاچ ۽ ذميوارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو معطل ڪيل استادن ۾ ڪاشف احمد ميمڻ، شيراز ميربحر پون ڪمار ۽ علي اڪبر ڪوسو شامل آهن ڄاڻايل استادن پاران اسڪول جي هيڊ ماستر غلام قادر گرماڻي جي مبينا غلط رويي ۽ حراسان ڪرڻ خلاف لاڳاپيل تعليمي اختيارين کي شڪايتون ڏيڻ جو معاملو سامهون آيو هو ان ڪانپوءِ چئني استادن جي معطلي تي تعليمي حلقن اساتذه تنظيمن وڪيلن ۽ علائقي واسين پاران ڳڻتي جو اظهار ڪيو ويو مليل ڄاڻ موجب ڊائريڪٽر سيڪنڊري ايجوڪيشن حيدرآباد ريجن ممتاز علي کهڙو ضلعي تعليم ڪاٽي جي جاچ رپورٽ ۽ سفارشن جي روشنيءَ ۾ چئني استادن جي معطلي جا حڪم جاري ڪيا. جاري ڪيل حڪم موجب چارئي استاد ايندڙ حڪم تائين معطل رهندا. جڏهن ته معطلي واري عرصي دوران سندن ڊيوٽي ڊائريڪٽر اسڪول ايجوڪيشن حيدرآباد ريجن جي آفيس ۾ مقرر ڪئي وئي آهي حڪم نامي موجب کين ضابطن تحت پگهار ۽ الائونس پڻ ملندا. ٻئي طرف ڄاڻايل استادن پاران اسڪول جي مخصوص بجيٽ جي خرچن بابت تفصيل طلب ڪرڻ جو معاملو پڻ سامهون آيو آهي تنهن هوندي به بجيٽ بابت پڇا ڳاڇا ۽ استادن جي معطلي وچ ۾ سڌي لاڳاپي جي باضابطه تصديق نه ٿي سگهي آهي هوڏانهن سجاول ۽ ٺٽي جي بار ايسوسيئيشنن پاران پڻ معاملي تي ڳڻتي ظاهر ڪندي سيڪريٽري تعليم ڏانهن خط موڪلڻ ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائڻ جو مطالبو ڪيو آهي استاد تنظيمن ۽ ٻين سڄاڻ ڌرين جو چوڻ آهي ته معاملي جي سمورن پاسن جو جائزو وٺي حقيقتون سامهون آنديون وڃن ۽ جيڪڏهن ڪنهن سان ناانصافي ٿي آهي ته ان جو ازالو ڪيو وڃي احتجاج ڪندڙ شاگردن ۽ ڳوٺاڻن مطالبو ڪيو ته چئني معطل استادن کي فوري طور بحال ڪيو وڃي جڏهن ته هيڊ ماستر غلام قادر گرماڻي ۽ لاڳاپيل تعليمي اختيارين جي ڪردار جي به غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي هنن خبردار ڪيو ته مطالبا تسليم نه ٿيڻ جي صورت ۾ احتجاج جو سلسلو جاري رکيو ويندو

شهادت ماڻيندڙ اهلڪار اصغر علي آرائين جون قربانيون هميشه ياد رکيون وينديون: ايس ايس پي

ايس ايس پي ميرپورخاص ساجد امير سدوزئي جي ٽنڊو جان محمد آمد، شهيد اهلڪار جي وارثن سان ملاقات

ڌاڙيلن سان مقابلي دوران زخمي ٿيل اهلڪار 23 سالن تائين تڪليفون برداشت ڪرڻ بعد شهادت جو رتبو ماڻيو

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي 23 سال بستري ڀيرو رهڻ بعد شهادت جو رتبو ماڻيندڙ پوليس اهلڪار جون قربانيون هميشه ياد رکيون وينديون ايس ايس پي ميرپورخاص .ايس ايس پي ميرپورخاص ساجد امير سدوزئي ڏگهڙي تعلقي جي شهر ٽنڊو جان محمد پهچي ڌاڙيلن سان مقابلي دوران زخمي ٿيل ڪانسٽيبل 23 سالن تائين بستري ڀيرو رهڻ بعد شهادت جو رتبو ماڻيندڙ پوليس اهلڪار اصغر علي آرائين جي وارثن سان ملاقات ڪري سندن خيريت معلوم ڪئي ان موقعي تي ايس ايڇ او محمد اسلم ابڙو پڻ ساڻس گڏ هو بعد ۾ ايس ايس پي ميرپورخاص شهيد پوليس اهلڪار جي قبر تي حاضري ڀري فاتحه خواني ڪئي ۽ شهيد جي درجن جي بلنديءَ لاءِ دعا گهري ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ايس ايس پي ساجد امير سدوزئي چيو ته پوليس اهلڪارن قومي فرض نڀائيندي ڌاڙيلن سان مقابلي دوران زخمي ٿيڻ باوجود ڊگهي عرصي تائين تڪليفون برداشت ڪيون ۽ 23 سال بستري تي رهڻ بعد شهادت جو رتبو ماڻيو هن چيو ته پوليس اهلڪارن جون قربانيون هميشه ياد رکيون وينديون ۽ شهيد اهلڪار سڄي قوم جو فخر آهن هن وڌيڪ چيو ته پوليس شهيد اهلڪار جي وارثن ۽ ٻارڙن کي اڪيلو نه ڇڏيندي سندن هر ممڪن مدد ۽ سهڪار جاري رکيو ويندو

ڏگهڙي: اهلڪار اصغر علي آرائين جي شهادت تي ايس ايس پي ساجد امير سدوزئي وارثن سان تعزيت ڪندي

راضيديري لڱ سيال برادريءَ جو معزز شفيع محمد سيال لاڏاڻو ڪري ويو

راضيديرو (ن ع) راضيديرو لڱ ڳوٺ مياڻ جان محمد عباسي جو رهواسي سيال برادريءَ جو ڪل مُکُ جهونو ۽ سيورنج شفيع محمد سيال80 سالن جي ڄمار ۾ گذريل لاڏاڻو ڪري ويو جنهن جي جنازي نماز ادا ڪئي مرحوم جي جنازي نماز ۾ سوين سيال برادريءَ جي ماڻهن ۽ ڀرپاسي جي ٻين ڳوٺن جي معززين مشهور ۽ معروف شخصيتن پورهيتن استادن صحافين دڪاندارن زميندارن هارين مزدورن سان گڏ هر مڪتب جي ماڻهن سميت نوجوانن شرڪت ڪئي جن ۾ اڳوڻو چيئرمين ميان فداحسين عباسي سيد ذوالفقار شاهه نقوي موجوده چيئرمين نبي بخش سيال فتح محمد ملاح الله بخش سيال صحافي قربان علي گلال صدر پريس ڪلب راضيديرو صحافي سارنگ جکڙو ڊاڪٽر رضا سيال ميان منور عباسي اشفاق جکڙو ۽ ٻين ڪيترن شرڪت ڪئي جنازي نماز بعد مرحوم کي اباڻي قبرستان مست فقير ۾ سوين آلين اکين سان مٽيءَ ماءِ حوالي ڪيو ويو مرحوم جو ٽڏو سندس جي ڳوٺ ۾ وڇايل آهي جتي پوئتين سان عذرخواهي جو سلسلو جاري آهي مرحوم جي عذر خواهي وصول ڪرڻ لاءِ پٽ پوٽا ڏوهٽا عزيز اقارب ۽ رشتيدار موجود آهن تعزيت جو سلسلو ٻئي ڏينهن به هلندڙ هيو

ٽنڊوالهيار ۾ گهر مان لکين رپين جي ڦرواري ڪيس ۾ اهم اڳڀرائي، 3 جوابدار گرفتار

گرفتار جوابدارن وٽان سونا زيور، هڪ لک 60 هزار رپيا روڪ ۽ موبائل فون هٿ ڪيا آهن: پوليس

سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي مدد سان ڪارروائي ڪري جهاتوي، عاقب جمالي ۽ سردار جمالي کي گرفتار ڪيو

ٽنڊوالهيار(ڊ ر) ٽنڊوالهيار پوليس جي هڪ هفتو اڳ گهر مان لکين رپيا ڦر ۾ اهم اڳڀرائي . هڪ عورت سميت 3 ڄڻا گرفتار ڪرڻ جي دعوا . ڦر ٿيل سونا زيور. ڪيش رقم . غيرقانوني هٿيار ۽ موبائيلون برآمد . ڊي ايس پي سٽي جي ميڊيا بريفنگ خبر موجب ٽنڊوالهيار جي ڊي ايس پي سٽي اعجاز پيهڻ ميڊيا بريفنگ ڏيندي دعوا ڪئي آهي ته هڪ هفتو اڳ شهر جي پاڪستان چوڪ وٽ تُلسي داس ديوان جي گهر ۾ هٿيارن جي زور تي گهرڀاتين کي يرغمال ڪري لکين رپيا ڦر ڪئي وئي هئي جنهن بعد ايس ايس پي جي جوڙيل ٽيم سي سي ٽي وي ڪيمرائن جي مدد سان محنت ڪري هڪ عورت جهاتوي . عاقب جمالي ۽ سردار جمالي کي گرفتار ڪيو جن وٽان ڦر ڪيل 2 سونيون چوڙيون. 6 آرٽيفيشل سون جون چوڙيون . هڪ لک سٺ هزار ڪيش رقم . غيرقانوني هٿيار ۽ ڦر ڪيل موبائيلون برآمد ڪيون آهن وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون جلد سمورو ڦر ٿيل سامان ريڪور ڪرايو ويندو هن چيو ته گرفتار ٿيل جوابدارن مان عاقب جمالي جيڪو پوليس عملدار جو پٽ آهي ۾ سندس والد ڏوهاري جي حيثيت سان ڪيس گرفتار ڪرڻ ۾ اسان ڀرپور مدد ڪئي گرفتار جوابدارن جو پهريون ڏوهه هو هن ڪاڻ پهرين سندن ڪٿي به ڏوهه يا ڪيس داخل ناهي ٿيل هن چيو ته ايس ايڇ او رومين ثمينه گل ، ايس ايڇ او طفيل جلالاڻي . ايس ايڇ او امجد حسين جوڻيجو ۽ منهنجي ٽيم ۾ شامل ٻين عملدارن محنت ڪري جوابدارن کي گرفتار ڪري ڦر ٿيل رقم ۽ سونا زيور ريڪور ڪيا آهن جوابدارن مٿان ڪيس پڻ داخل ڪيو ويو آهي وڌيڪ جاچ هلي رهي آهي

ٽنڊوالهيار: ڦرواري ڪيس ۾ جوابدارن جي گرفتاري بعد ڊي ايس پي سٽي ميڊيا سان ڳالهائيندي

ڏگهڙي ۾ شهري جي کيسي مان موبائل چوري، سي سي ٽي وي فوٽيج وائرل

ٽنڊو غلام علي روڊ تي خدا بخش پيل جي کيسي مان موبائل فون ڪڍڻ جو واقعو پيش

پوليس طرفان هن وقت تائين ڪنهن به گرفتاري يا ڪارروائي جي تصديق نه ٿي سگهي

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي ۾ الحرم سوئيٽ تي مبينا چوري، نوجوان مبينا طور شهري جي کيسي مان موبائل فون ڪڍي ساٿي عورت حوالي ڪري ڇڏيس سي سي ٽي وي فوٽيج وائرل ڏگهڙي شهر جي ٽنڊو غلام علي روڊ تي واقع الحرم سوئيٽ تي مبينا چوريءَ جي واردات پيش آئي آهي جتي خريداري دوران هڪ نوجوان مبينا طور خدا بخش پيل جي کيسي مان موبائل فون ڪڍي پنهنجي ساٿي عورت حوالي ڪري ڇڏيو واقعي جي سي سي ٽي وي فوٽيج سوشل ميڊيا تي وائرل ٿي وئي آهي تفصيل موجب الحرم سوئيٽ تي پيش آيل واقعي جي وائرل ٿيل سي سي ٽي وي فوٽيج ۾ مبينا طور نوجوان کي شهري جي کيسي مان موبائل فون ڪڍي پنهنجي ساٿي عورت حوالي ڪندي ڏسي سگهجي ٿو واردات ڪانپوءِ ٻئي ڄڻا دڪان تان نڪري ويا فوٽيج سوشل ميڊيا تي سامهون اچڻ بعد شهرين پاران واقعي تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو پيو وڃي جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ تفصيل سامهون نه اچي سگهيا آهن ۽ پوليس طرفان هن وقت تائين ڪنهن به ڪارروائي يا گرفتاريءَ جي تصديق نه ڪئي وئي آهي

2026-10-14 07:07:15 PM
2026-10-14
ڏگهڙي ۾ الحرم سوئيٽ تي چوري جي سي سي ٽي وي فوٽيج جو ڏيک

ميهڙ ۾ بنيادي مسئلا حل نه ٿيڻ خلاف شهرين جو 34هين ڏينهن به احتجاج جاري

سوا ارب رپين جو فلٽر پلانٽ پنجن سالن کان بند، شهرين پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم آهن: شهري اتحاد

ميونسپل ڪاميٽي جي ماهوار ساڍا ٽي ڪروڙ رپين جي بجيٽ باوجود صفائي ۽ ترقياتي ڪم نه پيا ٿين

مطالبا تسليم ٿيڻ ۽ بنيادي مسئلا حل ٿيڻ تائين روزانو پرامن احتجاج جاري رکڻ جو اعلان

احتجاج احتجاج احتجاج
شهر کي گندگي کان پاڪ ڪيو وڃي
صاف ميهڙ صحت مند ميهڙ شهر کي خارو ۽ بدبودار پاڻي ۽ شهر جي صفائي سٿرائي نه ٿيڻ خلاف
احتجاجي مظاهرو
پاران شهري اتحاد ۽ شهر جو باشعور عوام
ميهڙ: شهري اتحاد پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي پئي وڃي

ميهڙ (ن ع) ميونسپل انتظاميه، سي ايم او ميهڙ ۽ ڊڪ جي نمائندن ضلع ۽ تعلقي انتظاميه جي نااهلي سبب شهرين جا بنيادي مسئلا حل نه ٿي سگهيا شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي 34 ڏينهن به بنيادي مسئلن جي حل لاءِ شهرين بيٺو چوڪ کان گهنٽا گهر چوڪ ۽ آزاد پريس ڪلب ميهڙ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ شهري ، سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن دڪاندارن مختلف ڪالونين جي رهواسين ۽ بلدياتي ادارن جي ڪائونسلرن شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي برڙو ، پي ٽي آءِ تعلقي صدر محمد ايوب ڪوسو قومي عوامي تحريڪ اڳواڻ وڪيل مير ڪوسو ، ايس يو پي ضلعي صدر سڪندر سوڍن عوامي پورهيت تحريڪ جي اڳواڻ وڪيل پنهل ڪوسو ، سني ايڪشن ڪاميٽي اڳواڻ مولوي منظور چانڊيو ، ڪرياڻ مرچنٽ جو صدر محبوب علي ڪوسو،زبير علي سمون عبدالفتاح شاهه محمد اسمائيل بروهي ، اشتياق علي ٿنيو سميت مختلف تنظيمن جي اڳواڻن ۽ وڏي تعداد ۾ شهرين شرڪت ڪئي مظاهري جي اڳواڻي ڪندڙن چيو ته تقريبن سوا ارب رپين جو فلٽر پلانٽ ناڪارا بڻيل آهي 5 سالن کان فلٽر پلانٽ نه هلي سگهيو آهي ،ميهڙ شهر ۾ لڳل سالن کان پراڻيون واٽرسپلائي جون لائنون هنڌان هنڌان ٽٽل آهن ميهڙ واسي پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم بڻيل آهن هنن چيو ته شهر جون ڪالونيون گهٽيون محلا گندگي سان ڀريل آهن نالين جو گندو پاڻي روڊ رستن ۽ گهٽين ۾ بيٺل آهي شهر جي پاڙن ، ڪالونين ۽ محلن ۾ گندگي جو آزار وڌي ويو آهي ساڍا ٽي سئو کان وڌيڪ صفائي ڪندڙ ملازمن ۾ وائٽ ڪالر ڀرتي ڪيا ويا آهن جيڪي به سياسي آشيرواد سبب ڊيوٽي نه ٿا ڪن ميونسپل ڪاميٽي ميهڙ جي تقريبن ساڍا ٽي ڪروڙ روپيا ماهوار بجيٽ هڙپ ڪئي وڃي ٿي هنن چيو ته شهر ۾ ڪو به ترقياتي ڪم نه ٿي سگهيو آهي روڊ رستا گهٽيون کنڊر بڻيل آهن جڏهن ته تعلقي اسپتال ميهڙ ۾ ماڻهن کي دوائون نه ٿيون ملن سمورا شعبا غير فعال بڻيل آهن ، هنن چيو ته ميهڙ ۾ ٻن ٿاڻن ، ون فاءِ ۽ ڊي ايس پي جون آفيسون هجڻ باوجود به بدامني وڌي وئي آهي امن امان جي صورتحال به انتهائي خراب ٿي وئي آهي شهر جي مختلف پاڙن ۾ منشيات ، جوا جو آزار وڌي ويو آهي شهري غير محفوظ بڻيل آهن ميهڙ مسئلن جو ڳوڙهه بڻجي ويو آهي،هنن چيو ته 34 ڏينهن کان اسين شهري سراپا احتجاج بڻيل آهيون ڊڪ جا نمائندا ، ڊي سي دادو اي سي ميهڙ ۽ سي ايم او سميت سموري انتظاميه اکيون بند ڪري ڇڏيون آهن شهرين جا جائز مطالبا به تسليم نه ٿا ڪيا وڃن هنن چيو ته جيستائين شهرين کي پنهنجا حق نه ڏنا ويندا شهرين جا بنيادي مسئلا حل نه ڪيا ويندا اسان جو پرامن احتجاج روز جي بنياد تي جاري رهندو

مورو جي صحافي گلاب خان پٺاڻ کان درس ٽائي جي حد ۾ هٿيارٻندن جي ڦر

پٺاڻ ماڊل ولپيج پرسان ٽن هٿيارٻندن هٿيارن جي زور تي نيوز ڪاسٽر کان ڦر ڪئي

مورو (ن ع) صحافي گلاب خان پٺاڻ کان هٿيارٻند ڦورو موبائل فون پرس ۽ موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا مورو جي صحافي ايف ايم 88 مورو جي نيوز ڪاسٽر گلاب خان پٺاڻ کان درس ٽائي جي حد ۾ پٺاڻ ماڊل ولپيج پرسان ڦر جي ارادي سان پنڌ آيل ٽن نامعلوم هٿيارٻند ڦورن مبينا طور اسلحي جي زور تي ڦر ڪري فرار ٿي ويا گلاب خان پٺاڻ ميڊيا کي ٻڌايو ته مان ايف ايم 88 آفيس مورو کان پنهنجي ڳوٺ پورو پٺاڻ وڃي رهيو هيس ته درس ٽائي جي حد مان ٽي نامعلوم ڦورو موٽر سائيڪل موبائل فون ۽ پرس ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن صحافي گلاب خان پٺاڻ سان پيش آيل ڦر واري واقعي تي صحافتي حلقن ۽ سماجي ڌرين ۾ ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو پيو وڃي صحافين مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي ڦورو گرفتار ڪري ڦر ٿيل موبائيل فون پرس ۽ موٽر سائيڪل واپس ڪرائي وڃي هنن پوليس جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته علائقي ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي شهرين ۽ صحافين جي جان ۽ مال جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي ٻئي پاسي اطلاع تي صحافي برادري وڏي تعداد ۾ واقعي واري هنڌ پهچي ويا بعد ۾ ڳوٺاڻن ڦورن جو پيڇو ڪري ڪجهه فاصلي تان ڦر ٿيل موٽر سائيڪل هٿ ڪري ورتي آهي باقي ڦورن جي تلاش جاري آهي

حيدرآباد پريس ڪلب آڏو ڪوٽڙي واسي جو پيءُ جي ڇڏيل ملڪيت مان حصو نه ملڻ ۽ گهران بيدخل ڪرڻ خلاف احتجاج

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)ڪوٽڙي شهر جي ضمير ٽائون جي رهواسي وحيد علي هڱورو ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون پنهنجي ڀائرن پاران پيءُ جي ڇڏيل ملڪيت مان حصو نه ڏيڻ ۽ گهران بيدخل ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو ان موقعي تي هن الزام هڻندي چيو ته ڀائر شاهد،عابد،منصور ۽ واجد مرحوم پيءُ رٽائر استاد عبدالغفور هڱورو جي پينشن واري رقم،گهر ۽ زمين تي قبضو ڪري مونکي بيدخل ڪري ڇڏيو آهي هن چيو منهنجي پيءُ پنهنجي حياتي ۾ منهنجي ڄاڻايل چئني ڀائرن کي الڳ ڪري ڇڏيو هو جڏهن ته مرحوم پيءُ مون وٽ زندگي جا آخري گذاريا ۽ وفات ڪئي هن ايس ايس پي ڄامشورو ۽ ڊي سي ڄامشورو کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي ڀائرن کان پيءُ جي ڇڏيل ملڪيت مان حصو ڏياري انصاف ڪيو وڃي

حيدرآباد پريس ڪلب آڏو زال ۽ ٻن ٻارن جي مبينا اغوا خلاف احتجاج

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)ڪوٽڙي جي علائقي خدا جي بستي جي رهواسي برڪت علي گاڏهي ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون پنهنجي معصوم ٻارڙن سوڌو زال ۽ 2ٻارن جي مبينا اغوا ۽ گهر ڀاتين جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي هن الزام هڻندي چيو ته سنڌس پي حاجي پهلوان گاڏهي ويڳو ياء اياز ۽ ماءِ وزيران آئيس منشيات جو ڪڌو ڪاروبار ڪندا آهن ڪڏي ڪاروبار کان منع ڪرڻ تي منهنجا جاني دشمن بڻجي ويا آهن جڏهن ته منهنجي زال عابده ۽ 2ٻارن کي گم ڪيو ويو آهي هن چيو ته اهڙي ماسري جي حد جي ٿاڻي اطلاع ڪئي ۾ پوليس منهنجي زال ۽ ٻارن جي بازيابي سوڌو موٽماڙ ڌمڪيون ڏيندڙن خلاف ڪا به ڪارروائي نه ڪئي آهي هن ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي ڄامشورو کي اپيل ڪئي ته ماسري جو نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ ڏئي منهنجي زال ۽ ٻار بازياب ڪرايا وڃن

KARACHI DIPLOMATIC & SOCIAL ROUNDUP PAGE

THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
Website: www.dailyibrat.com Email: ibratg@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
THE DAILY IBRAT
روزاني عبرت
63 Year
1958-2021

Thai Night in Karachi Celebrates 75 Years of Thailand-Pakistan Ties

The 75th anniversary of diplomatic relations between Pakistan and Thailand was celebrated in Karachi with a special “Thai Night”, bringing together members of the diplomatic corps, distinguished guests and friends of the Thai Consulate.

Speaking on the occasion, the Consul General of Thailand said the relationship between the two countries was founded not only on diplomatic ties but also on strong people-to-people contacts. He noted that diplomatic relations were established in Karachi in 1951, while the Thai Embassy in Pakistan was established in 1957.

Recalling the visit of the late King Bhumibol Adulyadej and Queen Sirikit to Karachi in 1962, the Consul General shared a memorable story of a Pakistani worker offering chapati to the Thai King during a visit to a textile factory. He said such simple moments reflected the warmth of people-to-people relations and inspired his efforts to promote Thai food, culture and hospitality in Pakistan.

He said the evening was organised to celebrate the historic relationship through Thai cuisine, culture and hospitality, and thanked Thai Airways, HabibMetro and Marriott Hotel Karachi for their support. Cultural performances from Pakistan and Thailand were also presented.

Director General of the Ministry of Foreign Affairs Irfan Soomro said Pakistan and Thailand enjoyed longstanding friendly relations based on mutual respect, cultural understanding and people-to-people contacts. He said events such as Thai Night provided an opportunity to further strengthen the bond between the two countries.

IBMETRO Congratulates the
Consulate-General, Karachi,
th

PACC Hosts Medicam Group Leadership

On the invitation of Pakistan American Cultural Center (PACC) President Syed Makhdoom Ali Riaz, Mr. Khalil Ahmed Nanitalwala, Chairman, Medicam Group of Companies, and Mr. Khurram Ahmed Nanitalwala, COO, visited PACC.

The distinguished guests toured the PACC premises and were briefed on its educational, literary, cultural and community-focused activities. During the visit, Mr. Khalil Ahmed Nanitalwala and Mr. Khurram Ahmed Nanitaleala planted a sapling at PACC as a symbol of growth, sustainability and commitment to a better future.

The guests appreciated PACC’s initiatives and extended their best wishes for the successful organization of its 4th Learning Festival on September 20, 2026. The full-day festival will feature workshops, seminars, learning activities and interactive sessions aimed at promoting knowledge, skills development and community engagement.

They expressed their appreciation for PACC’s continued contribution to education and cultural development and wished the institution success in its upcoming initiatives.

Sitara-e-Quaid Award
On the occasion of the oath-taking ceremony of the newly elected office-bearers of the Film & TV Journalists Association, Chairman Athar Javed Soofi and Vice Chairman Wasi Qureshi present a commemorative shield to the chief guest, Governor Sindh Nihal Hashmi. Senior journalist Mahmood Sham, filmstar Mustafa Qureshi and others are also seen on the occasion.

KARACHI PRESS CLUB
Russian Consul General Andrey Viktorovich Fedorov addresses a ceremony held at the Karachi Press Club on Friday to acknowledge the achievements of students of Karachi Grammar School.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز
جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانہ عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 16 آڪٽوبر 2026ع

گاڏين ۾ 770 سيڪڙو واڌ، فضائي گدلاڻ زندگيءَ لاءِ خطرو بڻجي وئي

پاڪستان ۾ وڌندڙ فضائي گدلاڻ هاڻي رڳو ماحولياتي مسئلو نہ پر انساني صحت، زندگيءَ جي سراسري مدي ۽ ايندڙ نسلن جي مستقبل سان لاڳاپيل هڪ سنگين چئلينج بڻجي چڪي آهي. ملڪ ۾ گذريل ٽن ڏهاڪن دوران گاڏين جي انگ ۾ 770 سيڪڙو کان وڌيڪ واڌ، ڪاربن ڊاءِ آڪسائيڊ جي وڌيڪ خارج ٿيڻ ۽ وڏن شهرن ۾ ٽريفڪ سبب پيدا ٿيندڙ گدلاڻ جا انگ اکر ان خطري جي شدت کي ظاهر ڪن ٿا. هڪ تازي تحقيق موجب 1990ع ۾ پاڪستان ۾ گاڏين جو انگ 44 لک 70 هزار هو جيڪو 2025ع تائين وڌي ٽي ڪروڙ 90 لک کان بہ مٿي ٿي ويو. ساڳئي عرصي دوران گاڏين مان خارج ٿيندڙ گئسن ۽ دونهين ماحول تي دٻاءُ وڌايو آهي، جنهن جا اثر شهرين جي صحت ۽ زندگيءَ تي پئجي رهيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ حڪومت، لاڳاپيل ادارن ۽ شهرين کي گڏجي اهڙا قدم کڻڻا پوندا، جيڪي نہ رڳو گاڏين جي دونهين کي گهٽائين پر شهرن ۾ صاف هوا جي فراهميءَ کي بہ يقيني بڻائين. ٽن ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي ۾ گاڏين جي انگ ۾ هيءَ غيرمعمولي واڌ ملڪ جي ٽرانسپورٽ نظام، شهري رٿابندي ۽ ماحولياتي پاليسين بابت اهم سوال اٿاري ٿي. آباديءَ ۾ واڌ، شهرن جي پکڙجڻ، ذاتي سواريءَ جي استعمال ۾ اضافي ۽ عوامي آمدرفت جي اڻپوري سهولت سبب روڊن تي گاڏين جو دٻاءُ وڌندو رهيو آهي. گاڏين جو وڌندڙ انگ پاڻ ۾ ڪو مسئلو ناهي پر جڏهن ان واڌ سان گڏ ماحول دوست ٽرانسپورٽ، بهتر روڊن جي رٿابندي، دونهين جي اخراج تي ضابطو ۽ اثرائتي عوامي آمدرفت جا انتظام نہ هجن تہ صورتحال وڌيڪ خراب ٿي وڃي ٿي. پراڻيون گاڏيون، ناقص انجڻ، خراب ٻارڻ ۽ ٽريفڪ جام فضائي گدلاڻ ۾ اضافو ڪن ٿا. خاص طور تي وڏن شهرن ۾ جڏهن هزارين گاڏيون هڪ ئي وقت روڊن تي هلن ٿيون تہ انهن مان نڪرندڙ دونهون هوا جي معيار کي متاثر ڪري ٿو.

پاڪستان اڳ ئي گرميءَ جي لهرن، ٻوڏن، پاڻيءَ جي کوٽ ۽ موسم جي بي ترتيبيءَ جهڙن مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ دونهين ۽ گرين هائوس گئسن جي اخراج کي گهٽائڻ لاءِ ٽرانسپورٽ جي شعبي ۾ سڌارا آڻڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. ان لاءِ ٻارڻ جي بچت ڪندڙ گاڏين بجليءَ تي هلندڙ سواريءَ، بهتر عوامي آمدرفت ۽ گاڏين جي اخراج جي باقاعده جاچ کي هٿي ڏيڻ گهرجي. تحقيق موجب، لاهور ۾ ڪاربن ڊاءِ آڪسائيڊ جي اخراج ۾ ٽرانسپورٽ جو حصو 81.3 سيڪڙو ڄاڻايو ويو آهي ڪراچيءَ ۾ فضائي گدلاڻ ۾ ٽرانسپورٽ جو حصو 33 سيڪڙو، اسلام آباد ۽ راولپنڊيءَ ۾ 53 سيڪڙو، جڏهن تہ پشاور ۾ 51 سيڪڙو ٻڌايو ويو آهي. اهي انگ اکر ظاهر ڪن ٿا تہ وڏن شهرن ۾ ٽرانسپورٽ فضائي گدلاڻ جو هڪ اهم سبب آهي، جيتوڻيڪ هر شهر ۾ گدلاڻ جا ٻيا ذريعا، جهڙوڪ صنعتي سرگرميون، تعميراتي ڪم، ڪچرو ساڙڻ ۽ مٽيءَ جا ذرڙا پڻ اثرانداز ٿين ٿا. ڪراچيءَ جهڙي وڏي شهر ۾ ٽريفڪ جو وڌندڙ دٻاءُ، پراڻيون گاڏيون، عوامي آمدرفت جي کوٽ ۽ روڊن تي گاڏين جي ڊگهي قطار روزمره جي زندگيءَ کي متاثر ڪن ٿا. شهرين کي نہ رڳو سفر ۾ وڌيڪ وقت لڳي ٿو پر دونهين ۽ مٽيءَ واري هوا ۾ ساهہ کڻڻ سبب صحت جا خطرا پڻ وڌن ٿا. ان ڪري ڪراچيءَ سميت ملڪ جي ٻين وڏن شهرن ۾ ماحول دوست عوامي ٽرانسپورٽ جو دائرو وڌائڻ، ٽريفڪ جو وهڪرو بهتر ڪرڻ ۽ گاڏين جي دونهين تي ضابطو آڻڻ لاءِ عملي قدم کڻڻ ضروري آهن.

فضائي گدلاڻ جو سڀ کان ڳڻتيءَ جوڳو پاسو انساني صحت تي ان جا اثر آهن. تحقيق ۾ اندازو لڳايو ويو آهي تہ فضائي گدلاڻ سبب ماڻهن جي زندگيءَ جو سراسري مدو ستن سالن تائين گهٽجي سگهي ٿو. اهو انگ هڪ اندازو آهي پر ان مان هوا جي خراب معيار سبب پيدا ٿيندڙ صحت جي خطري جي شدت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. گدلي هوا ۾ موجود ذرڙا ۽ نقصانڪار گئسون ساهہ جي بيمارين دمہ، دل جي بيمارين ۽ ٻين صحت جي مسئلن جو خطرو وڌائي سگهن ٿيون. ٻار، پوڙها ۽ اڳ ئي بيمارين ۾ مبتلا ماڻهو ان جا وڌيڪ اثر محسوس ڪري سگهن ٿا. جڏهن شهري آباديءَ جو وڏو حصو روزانو دونهين ۽ گدلي هوا ۾ رهي ٿو تہ ان جا اثر فردن تائين محدود نٿا رهن پر اسپتالن تي بار، علاج جي خرچن ۾ واڌ ۽ ڪم ڪرڻ جي صلاحيت ۾ گهٽتائيءَ جي صورت ۾ سڄي سماج کي ڀوڳڻا پون ٿا. تنهنڪري ضروري آهي تہ انهيءَ اهم معاملي تي سرڪار ڌيان ڏئي تہ جيئن زندگيءَ جي سراسري ڄمار جي گهٽجڻ کان عوام کي محفوظ رکي سگهجي.

اختر علي جي قاضي، سياست، قانون ۽ تعليم جو يادگار ڪردار.

ثابت علي لغاري

سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ اهڙيون شخصيتون بہ گذريون آهن، جن پنهنجي زندگيءَ جو وڏو حصو سياست، قانون ۽ تعليم جي واڌاري لاءِ وقف ڪيو. اختر علي جي قاضي بہ اهڙين شخصيتن مان هڪ هو، جنهن نہ رڳو قانون جي شعبي ۾ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون، پر سنڌ جي سياسي ميدان ۾ پڻ اهم ذميواريون نڀايون. هو سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر، ڊپٽي اسپيڪر، صوبائي وزير ۽ سنڌ جو وڏو وزير رهيو. سندس زندگيءَ جو سفر تعليم حاصل ڪرڻ کان وٺي وڪالت، تعليمي ادارن جي قيام ۽ حڪومت جي واڳ سنڀالڻ تائين پکڙيل هو.

اختر علي جي قاضي 17 سيپٽمبر 1936ع تي ضلعي دادو جي تاريخي ڳوٺ پاٽ شريف ۾ جنم ورتو. پاٽ شريف سنڌ جي انهن قديم ۽ تاريخي ماڳن مان هڪ آهي جن جي سڃاڻپ علم، ادب، روحانيت ۽ علمي روايتن سان جڙيل رهي آهي. اهڙي ماحول ۾ جنم وٺندڙ اختر علي جي قاضيءَ پنهنجي تعليم مڪمل ڪري عملي زندگيءَ ۾ قدم رکيو ۽ اڳتي هلي سنڌ جي قانوني ۽ سياسي تاريخ ۾ پنهنجو نالو پيدا ڪيو.

اختر علي جي قاضيءَ پنهنجي شروعاتي تعليم ڪراچيءَ جي مشهور اين جي وي اسڪول مان حاصل ڪئي. ان دور ۾ ڪراچي تعليمي سرگرمين جو اهم مرڪز هو، جتي سنڌ جي مختلف علائقن مان شاگرد تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ايندا هئا. هن اسڪولي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ايس ايم آرٽس ڪاليج ڪراچيءَ مان گريجوئيشن ڪئي ۽ پوءِ قانون جي ڊگري حاصل ڪئي. قانون جي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ هن لاڙڪاڻي ۾ وڪالت جي شروعات ڪئي. وڪالت جو شعبو رڳو قانوني ڄاڻ تائين محدود نہ هوندو آهي، پر ان ۾ ماڻهن جي حقن جي حفاظت، انصاف جي فراهمي ۽ قانون جي بالادستيءَ لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ بہ شامل هوندو آهي. اختر علي جي قاضيءَ هن شعبي ۾ ڪم ڪندي لاڙڪاڻي جي وڪيلن جي تنظيم، بار ايسوسيئيشن ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪيو. هو ان تنظيم جو سرگرم ميمبر ۽ عهديدار پڻ رهيو. لاڙڪاڻي ۾ وڪالت دوران سندس لاڳاپو قانوني برادريءَ سان مضبوط ٿيو. اهو تجربو اڳتي هلي سندس سياسي زندگيءَ ۾ پڻ ڪم آيو، ڇاڪاڻ تہ قانون ۽ سياست جا ڪيترائي پهلو هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هوندا آهن. آئين، قانون سازي، عدالتي نظام ۽ عوامي حقن بابت ڄاڻ سياسي ذميوارين جي ادائگيءَ ۾ اهم حيثيت رکي ٿي.

سندس زندگيءَ جو هڪ اهم پاسو تعليم جي واڌاري لاءِ ڪيل ڪوششون هيون. هو لاڙڪاڻي لا ڪاليج جو باني پرنسپال رهيو. ڪنهن بہ علائقي ۾ قانون جي تعليم لاءِ اداري جو قيام ان علائقي جي نوجوانن لاءِ نوان موقعا پيدا ڪري ٿو. اهڙن ادارن وسيلي شاگرد قانون جي باقاعده تعليم حاصل ڪري وڪالت ۽ ٻين قانوني شعبن ۾ پنهنجو مستقبل ناهي سگهن ٿا. لاڙڪاڻي لا ڪاليج جي باني پرنسپال طور سندس ڪردار ان ڳالهہ جي نشاندهي ڪري ٿو تہ هو قانون جي تعليم کي هٿي وٺرائڻ ۾ دلچسپي رکندو هو. هن رڳو ذاتي طور وڪالت نہ ڪئي پر قانون جي تعليم لاءِ اداري جي تعمير ۾ بہ حصو ورتو. ان کان سواءِ لاڙڪاڻي ۾ آرٽس ۽ ڪامرس ڊگري ڪاليج جي قيام ۾ پڻ هن اڳواڻيءَ وارو ڪردار ادا ڪيو. آرٽس ۽ ڪامرس جي تعليم نوجوانن کي مختلف شعبن ۾ اڳتي وڌڻ جا موقعا فراهم ڪري ٿي. خاص طور تي انهن علائقن ۾ جتي اعليٰ تعليم جا موقعا محدود هجن، اتي نون ڪاليجن جو قيام وڏي اهميت رکي ٿو. اهڙن ادارن جي موجودگيءَ سان شاگردن کي پنهنجي علائقي ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو ۽ سندن اعليٰ تعليم تائين پهچ آسان بڻجي ٿي.

اختر علي جي قاضيءَ 1985ع ۾ سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر طور چونڊجي پنهنجي پارلياماني زندگيءَ جي شروعات ڪئي. اسيمبليءَ جي ميمبر جي حيثيت ۾ سندس ذميوارين ۾ قانون سازي، صوبائي معاملن تي بحث ۽ عوامي مسئلن بابت آواز اٿارڻ شامل هئا. اسيمبليءَ ۾ اچڻ کان پوءِ اختر علي جي قاضيءَ کي ڊپٽي اسپيڪر جي ذميواري پڻ ملي. 1986ع ۾ کيس سنڌ حڪومت ۾ تعليم، قانون، پارلياماني معاملن، آمدرفت، مڪاني حڪومتن، ڳوٺاڻي ترقي ۽ راندين جا کاتا ڏنا ويا. هڪ ئي دور ۾ ڪيترن کاتن جون ذميواريون سنڀالڻ جو مطلب اهو هو تہ کيس صوبائي حڪومت جي مختلف شعبن بابت ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو. اهڙي تجربي سان کيس انتظامي معاملن، قانون سازي ۽ صوبائي پاليسين بابت عملي ڄاڻ حاصل ٿي. اختر علي جي قاضيءَ سنڌ جي وڏي وزير طور پڻ خدمتون سرانجام ڏنيون. هو پهريون ڀيرو 11 اپريل 1988ع کان 24 جون 1988ع تائين سنڌ جو وڏو وزير رهيو. ان کان پوءِ 31 آگسٽ 1988ع کان 2 ڊسمبر 1988ع تائين ٻيهر ان عهدي تي رهيو. وڏي وزير جو عهدو صوبائي حڪومت ۾ اهم ترين انتظامي عهدو هوندو آهي. سندس وڏ وزارت جا ٻئي دور 1988ع ۾ هئا. اهو پاڪستان جي سياسي تاريخ جو اهڙو زمانو هو، جڏهن ملڪ ۾ سياسي تبديليون ۽ حڪومتن جي جوڙجڪ جا مرحلا جاري هئا. اهڙين حالتن ۾ صوبائي حڪومتن کي پنهنجا انتظامي معاملا هلائڻ سان گڏ سياسي حالتن سان بہ منهن ڏيڻو پوندو هو. جيتوڻيڪ ٻئي دور وقت جي لحاظ کان مختصر هئا، پر انهن کيس سنڌ جي اعليٰ انتظامي عهدي تي ڪم ڪرڻ جو موقعو ڏنو.

اختر علي جي قاضي 14 آڪٽوبر 2010ع تي وفات ڪئي. سندس وفات سان سنڌ جي سياسي ۽ قانوني ميدان جي هڪ اهڙي شخصيت جو سفر پورو ٿيو، جنهن پنهنجي زندگيءَ ۾ وڪالت، تعليمي ادارن جي قيام، قانون سازي ۽ صوبائي حڪومت ۾ مختلف ذميواريون نڀايون.

بلاول کي هڪ ٻيو صوبو ملي ويو



محمود شام

پيپلز پارٽي، جيڪا 1971ع کان وقفي وقفي سان اقتدار سنڀاليندي رهي آهي، تنهن کي 11 آڪٽوبر 2026ع تي هڪ ٻيو صوبو ملي ويو آهي. ٻئي پاسي پاڪستان تحريڪ انصاف کي خيبر پختونخوا ۾ پنهنجي صوبائي حڪومت ختم ٿيڻ سان آخري حڪومتي ذميواريءَ کان بہ ڇوٽڪارو ملي ويو آهي. هاڻي اها واهگا کان گوادر تائين حڪومتن جي مخالفت ڪرڻ لاءِ مڪمل طور آزاد آهي. سمورين حڪومتن جي ڪارڪردگيءَ ۽ ذميوارين بابت جوابده پاڪستان مسلم ليگ (ن) ۽ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ کي ٿيڻو پوندو.

بلاول ڀٽو زرداريءَ جي نوجوان پر اڃا تجربي ۽ طاقت جي لحاظ کان آزمائش هيٺ آيل ڪلهن تي هڪ ٻي ذميواريءَ جو بار اچي پيو آهي. هاڻي کيس پنهنجي سياسي، سماجي، انتظامي، آئيني ۽ قانوني صلاحيتن جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ هڪ پاسي افغانستان ۽ ايران سان لڳندڙ بلوچستان، ٻئي پاسي افغانستان سان ملندڙ خيبر پختونخوا ۽ ٽئين پاسي ڀارت جي قبضي هيٺ آيل علائقن سان لڳندڙ گلگت بلتستان جا حساس علائقا مليا آهن. سنڌ ۾ تہ سندس صلاحيتن کي 2008ع کان پاڪستان جا ماڻهو پرکيندا پيا اچن.

سڄي ملڪ ۾ سندس ذميواري رڳو پنجاب ۽ اسلام آباد تائين محدود ناهي جيتوڻيڪ پنجاب ۽ اسلام آباد سندس سڌي انتظامي ذميواريءَ ۾ نٿا اچن پر لاهور ۾ سندس پارٽيءَ جو گورنر موجود آهي. تنهنڪري آئيني طور اتي بہ سندس پارٽيءَ جو ڪجهہ ڪردار ضرور آهي. پاڪستان جي خاص حالتن ۾ حڪومت هلائڻ گلن جي سيج تي سمهڻ نہ پر ڪنڊن ڀري واٽ تي هلڻ برابر آهي. ان صورتحال ۾ دلچسپ ڳالهہ اها آهي تہ پيپلز پارٽيءَ جي مخالف ڌر پاڪستان تحريڪ انصاف نہ پر حڪومت ۾ سندس ساٿي پاڪستان مسلم ليگ (ن) آهي. ڪجهہ ڏينهن اڳ آزاد ڪشمير جي چونڊن دوران مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻن جون پيپلز پارٽيءَ خلاف باهہ اوڳاڇيندڙ تقريرون اسان سڀ ٻڌي چڪا آهيون. سنڌ ۾ بہ پيپلز پارٽيءَ جي مخالف ڌر متحده قومي موومينٽ آهي. جيڪا وفاق ۾ مسلم ليگ (ن) سان گڏ اقتدار ۾ شريڪ آهي. پنهنجي سرپرستن سان هم آهنگيءَ ۾ رهندي، انهن سڀني ڌرين کي پاڪستان تحريڪ انصاف جو مقابلو ڪرڻو پيو آهي.

پاڪستان تحريڪ انصاف هاڻي ڪهڙي حڪمت عملي اختيار ڪري ٿي، اهو سوال في الحال امڪانن جي دائري ۾ رهجي ويو آهي. هن وقت جي حقيقت اها آهي تہ فارم 45 ۽ فارم 47 جي بحث ۾ پوڻ کان سواءِ، ٻنهي وڏين حڪمران پارٽين کي لاهور کان ڪوئيٽا تائين معيشت، تعليم، زراعت، صنعت، سامونڊي واپار، روانگي واپار، درآمدات، ٽيڪنالاجي، پرڏيهي پاليسي، امن امان، ڪارخانيداري، ڪپڙي جي صنعت، خوراڪ، صحت، وڌندڙ آبادي، قانون، عدليہ، پيئڻ جي صاف پاڻي، نوجوانن جي وڏي انگ ۾ ملڪ ڇڏڻ، پيٽرول جي فراهمي ۽ وڌندڙ اگهن، گئس جي فراهمي ۽ ان جي وڌندڙ اگهن، ٻيلن في ايڪڙ اناج جي پيداوار، يونيورسٽين جي ملي معاملن، دهشتگردي، ابلاغي ذريعن جي آزادي، لکڻ ۽ ڳالهائڻ جي آزادي، سماجي سڌارن ۽ غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاريندڙ ماڻهن جي وڌندڙ انگ بابت جواب ڏيڻو پوندو.

25 ڪروڙ آباديءَ واري ملڪ ۾ مسلم ليگ (ن) تي پنجاب جي 12 ڪروڙ 77 لک 30 هزار ماڻهن ۽ اسلام آباد جي 23 لک 63 هزار 863 ٻارن، عورتن ۽ مردن جي حفاظت، صحت ۽ جان توڙي مال جي بچاءَ جي ذميواري آهي مطلب تہ 25 ڪروڙ ماڻهن مان لڳ ڀڳ 13 ڪروڙ ماڻهن جي ڀلائيءَ جي ذميواري مسلم ليگ (ن) تي آهي. سندس سربراهہ مياں نواز شريف، وزيراعظم مياں شهباز شريف ۽ پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز کي پارليامينٽ ۽ تاريخ آڏو جوابده ٿيڻو آهي.

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، صدر مملڪت آصف علي زرداري، سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ، بلوچستان جو وڏو وزير مير سرفراز احمد بگٽي، خيبر پختونخوا جو بااختيار گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي ۽ گلگت بلتستان جو وڏو وزير امجد حسين پنهنجين ذميوارين جا جوابده آهن. سنڌ جي ساڍن پنجن ڪروڙ باشعور ماڻهن، بلوچستان جي ڏيڍ ڪروڙ باهمت ماڻهن، خيبر پختونخوا جي لڳ ڀڳ پنجن ڪروڙ جمهوريت پسند ماڻهن ۽ گلگت بلتستان جي 17 لک درد دل رکندڙ ماڻهن جي جان ۽ مال جي حفاظت جي ذميواري هاڻي پيپلز پارٽيءَ جو آئيني، قانوني، سياسي، سماجي ۽ جمهوري فرض آهي. اها پارٽي 1967ع ۾ وجود ۾ آئي ۽ پنهنجي ٻن وزيراعظمن سميت سوين ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جون جانيون قربان ڪري چڪي آهي. تنهنڪري اها پنهنجي ذميواريءَ کان پاسو نٿي ڪري سگهي.

25 ڪروڙ پاڪستانين مان 12 ڪروڙ ماڻهن جي سمورن حقن جي حفاظت ۽ سندن ضرورتون پوريون ڪرڻ جي ذميواري 11 آڪٽوبر 2026ع کان پيپلز پارٽيءَ جي قيادت تي اچي وئي آهي ٻئي پارٽيون حڪومت ۽ مخالف ڌر ۾ رهڻ جو ڊگهو تجربو رکن ٿيون. کين پنهنجن اختيارن، فرضن ۽ قانوني مرحلن جي چڱيءَ ريت ڄاڻ آهي 11 آڪٽوبر کان پوءِ اهي ڪنهن ٻئي کي ذميوار قرار نٿيون ڏئي سگهن انهن کي اهو بہ چڱيءَ طرح احساس هوندو تہ هاڻي حڪومت هلائڻ ويهين صديءَ جي گذريل ڏهاڪن جي ڀيٽ ۾ گهڻو ڏکيو ٿي ويو آهي انهن ڏکين حالتن ۾ ٻنهي پارٽين پنهنجي مرضيءَ ۽ خوشيءَ سان اقتدار جون واڳون سنڀاليون آهن

جيڪڏهن پاڪستان جي تاريخ جي انتهائي ڏکئي، پيچيده ۽ نازڪ دور ۾ ٻئي پارٽيون حڪومت هلائڻ جو اهو ڏکيو رستو اختيار ڪري رهيون آهن تہ يقيناً وطن مستقبل لاءِ ڪو ڊگهي مدي وارو منصوبو هوندو اها تاريخي حقيقت آهي تہ اقتدار انهن جي حوالي ڪيو ويو آهي ۽ انهن ذميوارين کي سٺي نموني نڀائڻ جو قسم بہ کنيو آهي

الله تعاليٰ کي حاضر ناظر ڄاڻي، انهن سچي دل سان چيو آهي تہ هو اسلامي جمهوريہ پاڪستان سان وفادار رهندا. پنهنجي بهترين صلاحيتن ۽ وفاداريءَ سان ملڪ جي آئين، قانون ۽ ضابطن موجب پنهنجا فرض ادا ڪندا. پاڪستان جي سلامتي، خودمختياري، نظريي ۽ بقا کي هميشہ اوليت ڏيندا ۽ پنهنجي عهدي جا فرض نڀائيندي ڪنهن بہ قسم جي خوف، طرفداري، دشمني يا محبت کان سواءِ سڀني ماڻهن سان آئين ۽ قانون موجب انصاف ڪندا. هو اسلام ۽ نظريي پاڪستان جي بنياد تي حاصل ڪيل استحڪام کي برقرار رکڻ لاءِ ڀرپور جدوجهد ڪندا ٻنهي پارٽين لاءِ خوش قسمتيءَ جي ڳالهہ اها آهي تہ اهي ۽ ملڪ جا طاقتور ادارا هڪ ئي صفحي تي آهن جيتوڻيڪ هاڻي عدليہ وٽ اڳ وانگر حڪمرانن جي نگرانيءَ جا اختيار ناهن پر هي سماجي رابطن جو دور آهي. جنهن ۾ خبرون لڪائي نٿيون سگهجن ٿوري ئي دير ۾ وڊيوز سڄي دنيا جي ماڻهن تائين پهچي وڃن ٿيون. تنهنڪري حڪمران پارٽين کي هر قدم سوچي سمجهي انداز ۾ کڻڻو پوندو انهن پارٽين جي اڳواڻن کي پنهنجي قسم جي پاڙ ٿي سچي دل سان پاسداري ڪرڻي آهي ۽ خوف توڙي طرفداريءَ کان بہ پاڻ ئي پاسو ڪرڻو آهي هاڻي انهن کي اها بہ خبر آهي تہ مختلف شعبن ۾ اسان جي عظيم وطن جي حيثيت ڪهڙي آهي ۽ اسان ڪيتري زوال جو شڪار ٿي چڪا آهيون اهو بہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ ٻنهي پارٽين جي گذريل ڪارڪردگي ڪا گهڻي بهتر نہ رهي آهي

منهنجي نظر ۾ سڀ کان بهترين ترجيح اها هئڻ گهرجي تہ هڪ پاسي ماڻهن جي وڏي انگ کي غربت جي لڪير کان هيٺ ڪرڻ کان روڪيو وڃي ۽ ٻئي پاسي غربت ۾ زندگي گذاريندڙ ماڻهن کي ان حالت مان ڪڍي بهتر زندگيءَ ڏانهن آندو وڃي عالمي مالياتي ادارن (آءِ ايم ايف) جي چنبي مان ڇوٽڪارو حاصل ڪيو وڃي ۽ باصلاحيت نوجوانن کي ملڪ ڇڏڻ کان روڪيو وڃي بهتر ٿيندو تہ هڪ پاسي مسلم ليگ (ن) جو سربراهہ قوم کي خطاب ڪري پنهنجون ترجيحون ٻڌائي ۽ خاموشي ختم ڪري اهڙيءَ طرح بلاول ڀٽو زرداريءَ کي بہ پنهنجي سوچ ۽ مستقبل جي رٿابندي عوام آڏو پيش ڪرڻ گهرجي. پارلياماني جمهوريتن ۾ اهڙين بحرانن کان پوءِ آخرڪار معاملا نين چونڊن تائين پهچندا آهن جيڪڏهن اوهان عوام کي درپيش سنگين مسئلن جي حل تي ڌيان نہ ڏنو ۽ منصفانيون چونڊون نہ ڪرايون تہ پاڪستان تحريڪ انصاف ڪجهہ بہ ڪرڻ کان سواءِ مقبول ٿيندي رهندي.

تعليم، مصنوعي ذهانت ۽ سنڌ جو مستقبل!



غلام نبي مگسي

(حصو ٻيو ۽ آخري)

استادن کي اهڙي عملي تربيت هئڻ گهرجي، جنهن سان هو اي آءِ جي مدد سان سبق جي رٿابندي، مشقون، مختلف سکيا جي سطحن مطابق مواد ۽ شروعاتي جاچ تيار ڪري سگهن پر تربيت جو ٻيو پاسو بہ ايترو ئي ضروري آهي تہ استاد کي اي آءِ جي غلطين، تعصب، رازداري، غلط معلومات، نقل ۽ حد کان وڌيڪ انحصار جي خطرن جي ڄاڻ هجڻ گهرجي. آخرڪار استاد جو ڪم صرف جواب ڏيڻ ناهي هو شاگرد ۾ تجسس پيدا ڪري ٿو، اعتماد وڌائي ٿو ۽ کيس سماجي ۽ اخلاقي ذميواريءَ جو احساس ڏياري ٿو. اها انساني رشتي واري جاءِ ڪنهن الگورٿم حوالي ڪرڻ نہ گهرجي. امتحان جو پراڻو نظام بہ بدلڻو پوندو شايد اي آءِ جو سڀ کان وڏو اثر امتحاني نظام تي پوي. جيڪڏهن امتحان اهڙا سوال پڇندو، جن جا تيار جواب اي آءِ آسانيءَ سان لکي سگهي ٿو تہ پوءِ نقل روڪڻ لاءِ صرف اي آءِ تي پابندي لڳائڻ مسئلي جو مستقل حل نہ ٿيندو ضرورت امتحان کي تبديل ڪرڻ جي آهي. شاگرد کان اهو پڇڻ گهرجي تہ هن نتيجو ڪيئن ڪڍيو؟ ڪهڙا ذريعا استعمال ڪيا؟ اختلاف ڪندڙ نقطي کي ڪيئن ڏٺو ۽ پنهنجي جواب جو دفاع ڪيئن ڪندو؟ پروجيڪٽ، تحقيق، زباني وضاحت، مقامي مسئلن جا حل ۽ تخليقي ڪم امتحاني نظام جو وڌيڪ اهم حصو بڻجي سگهن ٿا. شاگرد اي آءِ استعمال ڪري تہ ان کان اهو پڻ ٻڌائڻ گهرجي تہ هن اي آءِ ڪٿي استعمال ڪيو؟ ڪهڙي معلومات جي تصديق ڪئي ۽ پنهنجي فڪر سان ڇا شامل ڪيو؟ اهڙي طريقي سان اي آءِ نقل جو اوزار ٿيڻ بدران علمي ايمانداري سيکارڻ جو موقعو بڻجي سگهي ٿو سنڌ پنهنجي مسئلن کي اي آءِ جي ڪلاس روم ۾ آڻي سگهي ٿو سنڌ ۾ اي آءِ جي تعليم کي علمي مثلن جي نقل تائين محدود رکڻ جي ضرورت ناهي ٿر جو شاگرد پاڻي ۽ موسمياتي تبديليءَ تي ڪم ڪري سگهي ٿو. زرعي علائقي جو شاگرد فصلن جي بيمارين يا پاڻيءَ جي بهتر استعمال بابت اي آءِ تي ٻڌل منصوبو ناهي سگهي ٿو. ڪراچيءَ جو نوجوان ٽريفڪ، شهري خدمتن يا اسڪول ڇڏي ويندڙ ٻارن بابت ڊيٽا جو تجزيو ڪري سگهي ٿو سنڌي ٻولي، ٻوڏ، صحت، تعليم، پاڻي ۽ زراعت جهڙا مقامي مسئلا اي آءِ سکيا جا حقيقي ليبارٽري بڻجي سگهن ٿا. اهڙي تعليم نوجوانن کي صرف نوڪريءَ لاءِ نہ پر سماجي مسئلا سمجهڻ ۽ حل ڪرڻ لاءِ تيار ڪندي.

سنڌ کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

سنڌ لاءِ سڀ کان مناسب رستو شايد ڪنهن وڏي ۽ مهانگي اي آءِ منصوبي جو اعلان نہ پر مرحليوار تعليمي حڪمت عملي هجي پهريون قدم هڪ واضح Sindh اي آءِ Education Policy هئڻ گهرجي، جنهن ۾ تعليم، ٻارن جي تحفظ، ڊيٽا پرائيويسي، علمي ايمانداري ۽ انساني نگراني بابت اصول طئي ڪيا وڃن ٻيو، چونڊيل سرڪاري اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ ننڍا پائيليٽ پروگرام شروع ڪيا وڃن جن ۾ شهري علائقن سان گڏ ٻهراڙي ۽ پٺتي پيل علائقن کي بہ شامل ڪيو وڃي ٽيون، استادن جي تربيت کي سڀ کان وڏي سيڙپڪاري سمجهيو وڃي چوٿون، سنڌي ڊجيٽل مواد ۽ اي آءِ لاءِ معياري سنڌي ڊيٽا تي ڪم شروع ڪيو وڃي پنجون، اي آءِ جي تعليم کي عمر مطابق نصاب ۾ شامل ڪيو وڃي ڇهون، امتحاني نظام کي نقل کان ڪڍي دليل ۽ تخليقي صلاحيت ڏانهن منتقل ڪيو وڃي سڀ کان اهم ڳالهہ اها آهي تہ اي آءِ تائين رسائي کي تعليمي امتياز نہ بڻجڻ ڏنو وڃي

فيصلو ٽيڪنالاجي نہ پر سماج ڪندو؛ هر وڏي ٽيڪنالاجي پاڻ نہ سٺي آهي نہ ئي خراب هوندي آهي اصل سوال آهي تہ سماج ان بابت ڪهڙا فيصلا ڪري ٿو؟ مصنوعي ذهانت سنڌ جي استاد کي وڌيڪ بااختيار بڻائي سگهي ٿي، سنڌي ٻوليءَ کي نئين ڊجيٽل دنيا تائين پهچائي سگهي ٿي ۽ پٺتي پيل شاگرد لاءِ علم جي رسائي وڌائي سگهي ٿي پر اهو سڀ پاڻمرادو نہ ٿيندو ان لاءِ پاليسي، تربيت، تحقيق، ٻولي، انفراسٽرڪچر، سماجي انصاف ۽ مضبوط انساني نگراني ۾ سيڙپڪاري ڪرڻي پوندي ڇا سنڌ جو تعليمي نظام پنهنجي ٻارن کي ان جو ڪسٽمر بڻائيندو يا کين اهڙو باشعور، تخليقي ۽ ذميوار انسان بڻائيندو، جيڪو هن ٽيڪنالاجيءَ کي سماج ۽ انسانيت جي بهتريءَ لاءِ استعمال ڪري سگهن؟

عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان

’اڄ جدت آڻيو، سڀاڻيءَ لاءِ غذائيت فراهم ڪريو‘



مٺل جسڪاڻي

’اڄ جدت آڻيو سڀاڻيءَ لاءِ غذائيت فراهم ڪريو‘ جي عنوان سرڪاري مرڪزي خيال (ٿيم) سان گڏيل قومن جو ادارو (فوڊ اينڊ ايگريڪلچر آرگنائيزيشن، يعني FAO) خوراڪ جو عالمي ڏينهن 2026ع سڄي دنيا ۾ اڄ جمع جي ڏينهن 16 آڪٽوبر تي ملهائي رهيو آهي. اڄوڪي ڏينهن تي ’زرعي خوراڪ جي نظامن ۾ تبديلي آڻڻ، بُک ۽ غذائيت جي کوٽ کي منهن ڏيڻ ۽ خوراڪ جي فراهميءَ جا اهڙا مضبوط ۽ جامع نظام (سپلاءِ چينز) قائم ڪرڻ لاءِ سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ مقامي ڄاڻ استعمال ڪرڻ‘ تي بنيادي ڌيان ڏنو يا ڇڪايو ويندو.

اهو تہ ٿيو مجموعي طور عالمي سطح جو بحث، پر پنهنجي مقامي صورتحال ڪيئن آهي؟ ان کان باخبر هجڻ ضروري آهي. پاڻ وٽ صورتحال اها آهي تہ ماضيءَ ۾، اٽڪل اڌ صدي اڳ تائين، هر گهر ۾ 3 ويلا، يعني صبح جو نيرن، منجهند وقت ۽ سج لهڻ بعد رات جي ماني ٿيندي هئي، ورلي ئي ڪنهن گهر ۾ جيڪو ويلو نہ ٿيندو هو. خبر پوڻ تي سڄي پاڙي ۾ ٽرڪلو مچي ويندو هو. جڏهن ان گهر ۾ سانجهڻ ٿيندي هئي، پوءِ ئي هر ڪو ڪاٽي ڀي ڀي اونو ٿيندو هو.

گذريل اڌ صديءَ کان حالتون تبديل ٿيڻ شروع ٿيون. ڪِن گهرن ۾ صبح جو نيرن ۾ ماني بدران ڪارا (سموسا) يا پاپا، چانهہ سان کائڻ جو سلسلو شروع ٿيو جيڪو بہ هاڻي اتي اڃا پختو آهي تہ ڪِن چند گهرن ۾ نيرن اڌ صدي اڳ تائين وانگر ٿئي ٿي. ڪِن چند گهرن ۾ چانهہ سان ڪارا (سموسا)، پاپا يا ڪي هڪ ٻہ بسڪيٽ کائين ٿا. هاڻي ڪِن گهرن ۾ هڪ ويلو ماني بہ غنيمت سمجهي وڃي ٿي. اڪثريت صبح واري نيرن ۽ منجهند جي ماني گڏيل، ڏينهن جو 11 کان 12 تائين کائين، پوءِ جهڙو بہ حال، رات جي ماني کن ٿا. جتي 3 ويلا ٿيندا هئا، اتي بہ ويلا مشڪل ٿي پيا آهن جيڪو فيشن نہ، نئين روايت نہ، غربت جي مجبوري سبب ٿي رهيو آهي. جو تہ انيڪ قسم جي مختلف سببن جي ڪري روزگار جا ذريعا گهٽ ٿي رهيا آهن. جيڪي روزگار سان لڳل آهن، سي تہ گهٽ پگهار تي روزگار ڪرڻ لاءِ مجبور بڻيل آهن گهٽ آمدني سميت ٻين بہ انيڪ سببن جي ڪري، اڪثريت انيڪ مسئلن ۽ مونجهارن جي ڏُهڻ ۾ ڦاٿل آهي. جيتوڻيڪ پنهنجو ملڪ ان ۾ بہ پنهنجو خطو يعني سڄي سنڌ، دنيا جي گولي تي زرعي حوالي سان منفرد، زرخيز ۽ زرعي خطو آهي پر گذريل اڌ صديءَ کان ان ۾ اهڙي تکڙي تبديلي اچي رهي آهي جو مستقبل ڀيانڪ حد تائين ڇرڪائيندڙ ۽ پريشان ڪندڙ آهي. جو تہ هڪ طرف شهر تيزيءَ سان پکڙجي رهيا آهن تہ ٻئي طرف اچ وڃ، سفري سهولتن جي ڪري وڏا، ويڪرا روڊ رستا وڌي ويا آهن. ان جي نتيجي ۾ جيڪڏهن درست انگ اکر گڏ ڪيا تہ منهنجي اندازي مطابق هزارين نہ پر لکين ايڪڙ زرعي زمين رهائشي عمارتن ۽ روڊن رستن جي ڪري سيڙهجي (والارجي يا قبضو ٿيل زمين) وئي آهي ۽ اهو سلسلو تيزيءَ سان جاري آهي. جنهن ڪري زرعي روزگار ۽ زرعي اپت حيران ڪندڙ حد تائين گهٽجي رهي آهي ۽ امڪان آهي تہ مستقبل ۾ پڻ ائين ئي گهٽجندي رهندي. اهو بہ ڪڙو سچ آهي تہ اڌ صديءَ کان اڳ تائين زرعي آبادي لائق غير آباد زمين کي زرعي آبادي لاءِ ڪتب آڻڻ جو هڪ سلسلو هلندو رهيو هو. جيڪو پوءِ آبپاشي واري پاڻي جي مسئلن ۽ مونجهارن سبب، غير آباد زمينن کي آبادي لائق ڪري ڪم آڻڻ تمام گهٽجي ويو. جيڪڏهن موثر انداز ۾ سروي ڪري انگ اکر گڏ ڪيا تہ لکين ايڪڙ آباد زرعي زمين، هاڻي غير آباد رهجي وڃڻ جي خبر پوندي ۽ احساس ٿيندو تہ اهو سلسلو بہ جاري آهي. سچ صفا سچا اهو تہ هڪ طرف آدمشماري وڌي رهي آهي، ٻئي طرف زرعي ايراضي گهٽجي رهي آهي. جڏهن تہ في ايڪڙ زرعي پيداوار اڳي جي ڀيٽ ۾ گهٽجڻ هڪ الڳ پريشان ڪندڙ صورتحال بہ آهي. جنهن جا پڻ اڻ ڳڻيا سبب، مسئلا ۽ مونجهارا آهن. حالت اها آهي تہ پيڙهي در پيڙهي زراعت ۾ مصروف آبادگار بهتر جنس جي ٻوڪ لاءِ، معياري ٻج حاصل ڪرڻ لاءِ پريشان آهن. ٻڌل خبرن موجب تہ ٻج ڪمپنيون، ٻج مهانگي مُلهہ تہ وڪڻن. ڪي ڪمپنيون اڳواٽ رقم وصول ڪرڻ باوجود، وقت سر ٻج ڪونہ ڏين. ڪي نعم البدل جنس جو ٻج ڪٽائين. ڪي ڪمپنيون ٻج گهٽ مقدار ۾ ڏين. ڪن ڪمپنين پاران ٻج جي قيمت اڳواٽ وٺڻ باوجود ٻج تہ ڪونہ ڏين، ورتل رقم جي واپسي بہ شايد ڪِن کي ٿئي تہ شايد ڪي وصول بہ ڪونہ ڪري سگهن.

جهڙو تهڙو ٻج ملي وڃي ٿو تہ مشيني ٻوڪ جي ڪري، ٽريڪٽر جو ڊيزل مهانگو هجڻ سبب، خرچ ججهو ٿئي ٿو. ان خرچ جي پورائيءَ لاءِ اوڌر وارو اگهہ وڌيڪ مهانگو ٿيو وڃي.

ڏکيو سُکيو ٿي سهي، جيڪي زميندار، آبادگار توڙي هاري فصل پوکڻ ۾ ڪامياب ٿين ٿا. انهن کي فصل جي خوراڪي گهرج پوري ڪرڻ لاءِ گهربل ڪيميائي ڀاڻ مهانگا بہ ملن، غير معياري بہ ملن. عجيب غريب خبرون عام آهن. ڪهڙيون خبرون لکجن؟ فصلن ۽ باغن ۾ جيتن ۽ بيمارين جا مسئلا ٿين تہ ڀهرين انهن جي صحيح سڃاڻپ مسئلو، پوءِ بچاءَ جي طريقن جي خبر پوري سوري، جيڪڏهن زرعي زهر گهرجن تہ جتي انسان ذات لاءِ گهربل دوائن ۾ نقل ۽ مهانگو اگهہ عام آهي اتي زرعي زهرن بابت خبرون، آبادگارن کان پڇي معلوم ڪري سگهجن ٿيون. في ايڪڙ لاڳت ۽ في ايڪڙ پيداوار جو حساب ڪتاب ڪري، في مڻ خرچ، ان مطابق اگهہ مقرر ٿيڻ. زرعي اپت جي خريداري توڙي وڪري جا مسئلا ۽ مونجهارا بہ ڳجها نہ آهن. سنهي ٿلهي ليکي پاڻ وٽ زراعت گهاٽي جو سودو سمجهڻ عام آهي. جيڪڏهن الف کان ي تائين لکجي تہ ڪتاب لکجي وڃن. ويجهڙائيءَ ۾ مون معروف شاعر علي دوست عاجز جو هڪ نڪور شعر پڙهيو آهي. اوهان بہ پڙهو:

اٽو ۽ دال وَٽائين تہ گِيهہ وٺي نہ سگهيا
مرڻ جو سوچي، مڙئي ويو جو وهم وٺي نہ سگهيا

زرعي ماهر ۽ ليکڪ غلام حسين لغاري ٻہ ڏينهن اڳ پنهنجي فيس بڪ وال تي لکيو تہ: ’سنڌ جي ماڻهن کي بُکيو ڪري مارڻ جي سازش! اٽي سميت ڪاڌي جي ٻين شين جا اگهہ چوٽ چڙهي ويا. دوائون ۽ علاج بہ وس ۾ ناهي رهيو.‘ هيءَ اهو سچ آهي، جنهن جي روشنيءَ ۾ پاڻ کي ’خوراڪ جو عالمي ڏينهن‘ ملهائڻو آهي. اڄوڪي ڏينهن تي ’اڄ جدت آڻيو سڀاڻيءَ لاءِ غذائيت فراهم ڪريو‘ جي عنوان سان سوچڻو، ويچارڻو، سمجهڻو آهي. حڪمتِ عملي طئہ ڪرڻي آهي ۽ پوءِ عمل بہ ڪرڻو آهي. اڄوڪو ڏينهن پورو ٿيڻ تي، ٻئي ڏينهن، سڏ پڏ جي ذريعن معرفت خبر پوندي تہ مستقبل جي لاءِ ڇا طئہ ٿيو؟ يا عملي طور تي ڇا ٿيڻ شروع ٿيو؟

لطيفي لات —— شاهہ عبداللطيف ڀٽائي

جِيهو جُکِيءَ ڪَنڍِين، ڪِٿائِين ڳُونگَ تي ڳَل،
هَڏاڪَيٽَان هَلِيو ڀَرِي تَرايُون تَل،
آنڊِي آبَ اُڇَل، مَڱِي ٻاغُ بَهَارَ ڪَري.

لطيف سائين هن بيت ۾ اسان کي سندس ئي علائقي ڀٽ شاهہ ۽ ان جي پسگردائيءَ وارن ماڳن جو سير ڪرائي ٿو تہ ساوڻيءَ جي مند ۾ جڏهن مينهن پون ٿا تہ پوءِ هتي جي صورتحال بہ ڏاڍي مزيدار ۽ روح پرور ٿي پوي ٿي جيهو گاهہ جُکي ڍنڍ جي پاسن ۽ ڪنڌين تي ڪانهہ جي پراڻن ٿڻ مان ڦٽي نڪري ٿو (ياد رهي تہ ڪانهہ ٻن قسمن جا ٿيندا آهن هڪ سريا ٻوڙي وانگر ٿئي ۽ اڇا سنگ جهليندا آهن ٻيو ڪانهہ بغير ڪانن جي ٿيندو آهي ۽ مال کي کارائبو آهي جنهن سان مينهن جو کير گهاٽو ۽ مٺو ٿيندو آهي) ۽ اوسي پاسي وارن ماڳن ڳونگ، باغ تي گلڪاريءَ سان رونق اچي وئي آهي هڏاڪيٽان جي وسنديءَ کي آباد ڪري، پرياسي جون ترائيون ۽ تَل (هيٺاهين وارِيون زمينون) ڀري ڇڏيا، جن ۾ گڏ ٿيل پاڻيءَ مان زمينون آباد ٿينديون، خوشحالي ٿي ويندي ٻک، ڏِک، ڏولاوا لهي ويندا. برسات جي پوڻ ڪري هر طرف نيٺن نار رونق جو سمان آهي هر پاسي بهار يعني وٺندڙ ۽ لطف ڏيندڙ موسم آهي **(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)**

اڄوڪو ڏينهن ـــــ 16 آڪٽوبر

آخوند حافظ ولي محمد

آخوند حافظ ولي محمد هالا جو هڪ نيڪ بزرگ ۽ ديني عالم هو. هن جي ولادت 16 آڪٽوبر 1867ع تي ٿي. هو هڪ نيڪ نمازي ۽ پرهيزگار شخص هو ۽ ٻارن کي مفت ۾ قرآن شريف پڙهائيندو هو. مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ بہ هن وٽ قرآن شريف پڙهيو. ديني ۽ تدريسي خدمتن سان گڏ هو هالا جو مشهور درزي پڻ هو. هالا جي مخدوم خاندان جا فرد وٽانئس ڪپڙا سبرائيندا هئا. هن 15 مئي 1944ع تي دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو.

سندر حشمتراءِ نيپواڻي

هن نامور ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1919ع ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو. هن مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪئي. هو پنهنجي دور جو نامور ليکڪ هو. ڪهاڻين ۽ ناولن سان گڏ آزاد شاعري پڻ ڪيائين. ورهاڱي کان پوءِ هندستان جي شهر بئنگلور ۾ وڃي رهائش اختيار ڪيائين. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "نراس ناري"، "پيار جا سپنا"، "سڙيل زمانو بگڙيل پيار"، "ديوتا روئي ڏنو" ۽ "مٽر ملن" شامل آهن.

آنند رامچند گولاڻي

آنند گولاڻي سنڌي ٻوليءَ جو ناليوارو ڪهاڻيڪار، افسانا نگار ۽ ناول نگار هو. هن جو جنم 16 آڪٽوبر 1925ع تي شهيد بينظيرآباد ضلعي جي ڳوٺ ڀاڳو ديرو ۾ ٿيو. ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ وڃي رهيو. هن ڪيترين ئي ڪهاڻيون ۽ ناول لکيا. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "چريو" (افسانا)، "ڪشمور جيوڻ" (افسانا)، "مڇو" (ناول)، "زندگي خواب آهي" (ناول)، "پنهنجو موت" (ناول)، "ڪمزور ڪڙيون" (ناول) ۽ "مان نئون جنم وٺندس" (ناول) شامل آهن. هن 13 سيپٽمبر 2011ع ۾ هيءُ جهان ڇڏيو.

رميش بجلاڻي

رميش بجلاڻي هندستان جو مشهور ليکڪ، تعليمي ماهر ۽ ميڊيڪل سائنسدان آهي. هن جو جنم 16 آڪٽوبر 1947ع تي سنڌ جي شهر سکر ۾ ٿيو. اڃا مهيني ڪن جو معصوم ٻارڙو هو، جڏهن هن جا مائٽ سنڌ جي سرزمين ڇڏي دهليءَ ۾ وڃي ٽڪيا. هن دهليءَ جي مختلف تعليمي ادارن مان تعليم حاصل ڪئي ۽ 1970ع ۾ آل انڊيا انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز مان ايم بي بي ايس جي سند حاصل ڪئي. 1979ع ۾ هن آمريڪا جي مشهور ميساچوسٽس انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجيءَ مان غذائيت ۾ ماسٽر ڊگري حاصل ڪئي. 1977ع ۾ هو آل انڊيا انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. 1987ع ۾ پروفيسر مقرر ٿيو ۽ 1996ع ۾ فزيالوجي شعبي جو چيئرمين مقرر ٿيو. 2005ع ۾ رضاڪارانہ طور تي رٽائر ٿيو. هو غذائيت، فزيالوجي ۽ يوگا جو ماهر آهي. هن سائنسي موضوعن تي 2 سؤ کان وڌيڪ مقالا ۽ 14 ڪتاب لکيا آهن. هن جو ٻارن لاءِ لکيل ڪتاب " Our Body — A Wonderful Machine" ڪافي مشهور آهي. هو يوگا جو بہ وڏو ماهر آهي ۽ يوگا تي سندس لکيل ڪتاب "A Primer on Yoga: Theory and Practice" يوگا سکندڙن لاءِ هڪ بهترين ڪتاب آهي. هن کي هندستان جي ايسوسيئيشن آف فزيالوجسٽس ۽ فارماڪولوجسٽس پاران "لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ" سان نوازيو ويو. ان کان علاوه ٻيا بہ ڪيترائي ايوارڊ ۽ اعزاز حاصل ڪيائين. هن سنڌ ڄائي پروفيسر جا ڪيترائي ليڪچر يوٽيوب تي موجود آهن. جن مان لاڀ پرائي سگهجي ٿو.

هيما مالني

اڄ باليووڊ جي مشهور اداڪاره، پروڊيوسر ۽ سياستدان هيما مالنيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. هن کي "باليووڊ جي ڊريم گرل" جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. هن جو جنم 16 آڪٽوبر 1948ع تي هندستان جي تامل ناڊو رياست جي شهر سرينگر ۾ ٿيو. هن 1963ع ۾ تامل فلمن ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. 1968ع ۾ فلم "سپنون ڪا سوداگر" ۾ پهريون ڀيرو هيروئن طور ڪم ڪيائين. هن جي مشهور فلمن ۾ سيتا اور گيتا (1972ع)، شعلي (1975ع)، ڊريم گرل (1977ع) ۽ ٻيون بہ ڪيترين ئي فلمون شامل آهن. اداڪاره هجڻ سان گڏ هوءَ هڪ مشهور ڊانسر پڻ رهي آهي. خيراتي ۽ سماجي ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ بہ ڀرپور حصو وٺندي رهي آهي. هن جي شادي مشهور اداڪار ڌرميندر سان ٿيل آهي. سياسي طور تي ڀارتيہ جنتا پارٽيءَ سان لاڳاپيل آهي ۽ هندستاني پارليامينٽ جي ميمبر پڻ رهي آهي. هن بهترين اداڪاره طور ڪيترائي فلم فيئر ايوارڊ حاصل ڪيا. 2000ع ۾ کيس پدما شري ايوارڊ سان نوازيو ويو. هن فلم فيئر لائيف ٽائيم اچيومينٽ ايوارڊ سميت ٻيا بہ ڪيترائي ايوارڊ حاصل ڪيا.

مختيار اٽر

ڊاڪٽر رفيق احمد مگريو

اڄ مشهور ليکڪ ۽ تعليمي ماهر ڊاڪٽر رفيق احمد مگرئي جي جنم جو ڏينهن آهي. ڊاڪٽر مگرئي جو جنم 16 آڪٽوبر 1962ع تي نوشهروفيروز ضلعي جي ڳوٺ بازيدپور ۾ ٿيو. هن گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪنڊياري مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (اسلاميات)، ايم ايڊ ۽ پي ايڇ ڊي جون سندون حاصل ڪيون. هن قرآن شريف حفظ ڪرڻ جي سعادت بہ حاصل ڪئي. عملي زندگيءَ جي شروعات سنڌ جي تعليم کاتي ۾ اسلاميات جي ليڪچرار طور ڪيائين. هو هڪ سٺو ليکڪ آهي. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "شرح اربعين ملا علي قاري"، "عيادت جو ۽ ڪهڙيءَ طرح"، ۽ "مخدوم محمد عابد سيوهاڻي" شامل آهن. پاڻ مسلم سائنس ڪاليج پاران جاري ٿيندڙ "مسلم" مئگزين جو چيف ايڊيٽر بہ رهي چڪو آهي.

لتا ڀڳتاڻي

اڄ هندستان جي مشهور گلوڪاره لتا ڀڳتاڻيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي. ممبئيءَ ۾ 16 آڪٽوبر تي جنم وٺندڙ هن سريلي گلوڪاره 8 ورهين جي ننڍڙي ڄمار ۾ ڳائڻ شروع ڪيو. هن پنهنجي گهرواري سونو وشناڻيءَ سان گڏجي "لتا ميوزيڪل گروپ" ناهيو ۽ انهيءَ گروپ پاران هندستان جي مختلف شهرن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري داد حاصل ڪيو آهي. هندستان کان علاوه هن دبئي، آمريڪا، ڪينيا، اولهہ آفريقا، هانگ ڪانگ، چين ۽ سنڌ ۾ بہ پنهنجي سُريلي آواز جو جادو جاڳايو آهي. هن کي لوڪ گيت، صوفي ڪلام ۽ ڪلاسيڪي موسيقي ڳائڻ تي وڏي مهارت حاصل آهي.

شبير بيدار ڀٽو

هن محنتي صحافيءَ ۽ سياسي ڪارڪن 14 جون 1959ع تي ڏهرڪي شهر ويجهو ڳوٺ ڪوٽلو مرزا ۾ پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو. هن پنهنجي سياسي سفر جي شروعات "ڊيموڪريٽڪ اسٽوڊنٽس فيڊريشن" ۾ شموليت سان ڪئي. هن سنڌ هاري ڪاميٽيءَ ۾ بہ سرگرميءَ سان حصو ورتو. ايم آر ڊي واري تحريڪ ۾ حصو وٺڻ سبب جيل جون سختيون بہ برداشت ڪيائين. هو هڪ سچو صحافي پڻ هو ۽ سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاري، ڪالاباغ ڊيم ٺهڻ ۽ اهڙن ٻين ڪوڙ سارن مسئلن تي بهترين رپورٽنگ ڪيائين. اڳوڻو وزيراعليٰ سنڌ ڄام صادق علي، جڏهن سکر جي دوري تي آيو تہ شبير بيدار هن کان سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاري ۽ پاڻي جي چوريءَ بابت ڪجهہ سوال پڇيا. انهن سوالن ڄام صادق عليءَ کي ڪاوڙائي وڌو. نتيجي طور شبير بيدار کي پوليس گرفتار ڪري ورتو ۽ ڪيترائي ڏينهن لاڪپ ۾ رهيو. هن 16 آڪٽوبر 2016ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪئي.

ڄڳديش شهدادپوري

ڄڳديش شهدادپوري ڀارت جو مشهور سنڌي ناٽڪ نويس، شاعر ۽ مضمون نگار هو. سندس جنم 13 جنوري 1961ع تي احمد آباد ۾ ٿيو. هن بي ايڊ، بي ڪام ۽ ايم اي (سنڌي) جون سندون حاصل ڪيون ۽ 34 سالن کان وڌيڪ عرصي تائين اسڪول جي استاد طور خدمتون سرانجام ڏئي رٽائر ٿيو. هن ليلارام روچنداڻيءَ سان گڏ سنڌي لوڪ ادب تي 17 ڪتاب لکيا. ان کان علاوه 9 ٻيا ڪتاب بہ لکيائين. ڄڳديش شهدادپوري هڪ برک اديب هئڻ سان گڏ هڪ مشهور اداڪار ۽ پروڊيوسر پڻ هو. هن 1970ع کان سندس لاڏاڻي تائين آڪاش واڻي ۽ دور درشن جي ڏيڍ سؤ کان مٿي ڊرامن ۽ ڪيترن ئي سنڌي فلمن ۾ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. هو ريڊيو جو مشهور اناؤنسر بہ رهيو. ادب ۽ فن لاءِ سندس خدمتن جي مڃتا طور کيس ڪيترائي انعام ۽ ايوارڊ مليا. هو ڪيترين ئي ادبي ۽ سماجي تنظيمن سان پڻ سلهاڙيل هو. هن 16 آڪٽوبر 2025ع تي پنهنجي جيون جو سفر پورو ڪيو.

روزاني عبرت

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج II قاضي احمد
فيملي سوٽ نمبر 60 سال 2026

مسمات زينل ڌيءُ امام بخش رهاڻ ڳوٺ نواب ولي محمد تعلقو قاضي احمد ..پلينٽف ...بخلاف.. صديق ولد رجب لاڪو رهاڻ لال بيگ نزد درگاه سيوهڻ شريف تعلقو سيوهڻ شريف ضلعو ڄامشورو. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 17-10-026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج II قاضي احمد

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ڏجي ٿو ته عرضدار علي محمد ولد الهه بخش ڪلهوڙو تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي الهه بخش ڪلهوڙو ولد علي محمد تاريخ 04-03-1998 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين سروي نمبر 55/1.2 54/1.2.3 ۽ ٻيا ايراضي حصي موجب ديهه ٻساهڪي ٽپولي حسين خان ٽوڙهو تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام بيان ۾ ڏني آهي فوتي غلام علي جا وارث (1) علي محمد (پٽ) (2) محمد رفيق ڪلهوڙو (پٽ) (3) غلام عباس (پٽ) (4) محمد فصيح (پٽ) (5) عصمت النساء (بيواهه) جن جي نالي تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪو جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراڻالنڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري. معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪو اعتراض يا دعوي قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

عبدالوحيد ولد غلام صديق گاڏهي درخواست ڪئي آهي ته هر خاص وعام کي اطلاع ڏو ڪجي ٿو ته فوتي ڪاتيدار نالي غلام صديق ولد صاحبڏنو گاڏهي فوت ٿي ويو آهي فوتي کي زرعي زمين سروي نمبر ديهه ... تپو ڪنهري تعلقو نصير آباد سنڌن رڪارڊ جي کاتي ۾ آهي مرحوم جي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺيان وارث ڇڏيل آهن (1) عبدالوحيد ولد غلام صديق گاڏهي (2) عبدالڪريم ولد غلام صديق گاڏهي (3) عبدالحفيظ ولد غلام صديق گاڏهي (4) مسمات مريم ولد غلام صديق گاڏهي (5) مسمات اور ولد غلام صديق گاڏهي (6) سڪينه ولد غلام صديق گاڏهي (7) مسمات ڪلثوم ولد غلام صديق گاڏهي (8) وحيده ولد غلام صديق گاڏهي (9) ڪشش ولد غلام صديق گاڏهي (10) مسمات سليم خاتون زال غلام صديق گاڏهي هنن وارثن کان علاوه ٻيو ڪو به وارث ڪو نه آهي اگر ڪنهن به شخص کي ڪو به اعتراض وغيره هجي ته هن اخبار جي اشاعت جي 08 اٺن ڏينهن جي اندر ڪاغذن ۽ ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ اچي اعتراض داخل ڪرائي ٻي صورت ۾ فوتي کاتو جو قانوني نيڪال ڪيو ويندو

مختيارڪار تعلقو نصير آباد ضلعو قمبر شهدادڪوٽ

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي جان محمد ولد محمد هارون هنگورو ويٺل حاجي جان محمد هنگورو اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس ولد محمد هارون ولد مير محمد جيڪا تاريخ 22-12-2017 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي کاتي تي زرعي زمين ديهه ڪهڪي تپو نوبت مري تعلقو متياري ۾ آهي جنهنجو هيٺين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) جان محمد (پٽ) (2) عرفان (پٽ) (3) شگفته (ڌي) (4) صفيه (ڌي) (5) مسمات ڪيرتي (بيواهه) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي فقه سني جو مسلمان هو سندس ولد ۽ والده فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق بن شاهدن نالي جان محمد ولد محمد صوف ميرجت (2) ظهير علي ولد مير محمد هنگورو جن ڳوٺ قيصر گهوٽ اسٽاپ ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسان جي روبرو ڀڻ ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ڏو ڪجي ٿو ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي جي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 موجب فوتي جي مٿين جائز وارثن جي نالي فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو متياري

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي مسمات ممتاز بيواهه وزير علي خاصخيلي ويٺل ڳوٺ عارف ڪتيان تعلقو ضلعو متياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني اهي ته سندس مڙس وزير علي خاصخيلي ولد الهورايو جيڪو سنڌ پوليس ۾ رٽائرڊ ڪانسٽيبل هو ۽ فقه سني جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 05-06-2026 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي (1) مسمات ممتاز خاصخيلي (بيواهه)(2) ڪوثر خاصخيلي (ڌي) (3) رجب علي خاصخيلي (پائيٽيو) (4) محرم علي خاصخيلي (پائيٽيو) جڏهن ته اهڙي تصديق بن شاهدن هر هڪ نالي (1) محمد رفيق ولد روشن علي شناختي ڪارڊ نمبر 4130548835335 ۽ حاجي ملوڪ ولد محمد ملوڪ ملاهي شناختي ڪارڊ نمبر 4130505448437 ڀڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ڏو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙجي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي جي مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو متياري

لاتعلقي جواظهار

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته جيئن ته مان پنهنجي پائرن ۽ پيڻن هرهڪ نالي (1) بابو ولد اڪبر (2) مسمات ريحانه ڌيءِ اڪبر (3) مسمات خيرپاتو ڌي اڪبر زال علي نواز (4) مسمات فرزانه ڌي اڪبر (5) مسمات زينب ڌي اڪبر (6) مسمات شارخ ڌي اڪبر زال شاهه گل (7) مسمات ارم ڌي اڪبر (8) محمد شاهنواز ولد اڪبر سان هر قسم جو خانداني مالي ۽ جائيدادي تعلق ختم ڪيان ٿو منهنجي پيءُ اڪبر جي جائيداد ۽ ورهاست مان به لاتعلقي جو اظهار ڪيان ۽ منهنجي پيءُ جي زمين تي منهنجو جيڪو گهر ٺهيل آهي اهو به پنهنجي پائيٽي علي اصغر ولد بابو جي نالي ڪيان ٿو ته سندن ڪنهن به قسم ڏيتي ليتي سان منهنجو ڪو به واسطو نه هوندو. مٿين نالي وارن پائرن پيڻن جو منهنجي ملڪيت ۽ جائيداد تي ڪو به حق يا دعويٰ نه هوندو منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت ضرورت ڪم اچي سگهي

علي نواز ولد اڪبر رهاڻ ڳوٺ هنگورنو تعلقو سنڌڙي ضلعو ميرپورخاص

لاتعلقي جواظهار

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته جيئن ته منهنجو پاءُ نالي سمير اقبال ميمڻ گذريل 10 سالن کان اسان کان الڳ ٿي ويو آهي ۽ هاڻي اسان جو هن سان ڪنهن به قسم جو ڪو تعلق يا واسطو ناهي هن شخص جي ڪاروباري لين دين پئسن جي معاملن سجهوتن، قرض، گارنٽي ڪنهن به قسم جي ذميواري جهيڙن ۽ هن جي پنهنجي زندگي سان لاڳاپيل سيني ڳالهين سان منهنجو ڪو به تعلق ناهي هن جي ڪنهن به ڪم يا عمل جي ذميواري يا جوابداري مون تي ناهي ۽ نه ئي آئون ان جو ذميوار هوندس. تنهنڪري سيني ماڻهن ۽ ادارن کي گذارش آهي ته مون کي هن شخص جي ڪنهن به ڪاروبار، لين دين يا معاملي سان مون کي نه ڳنڍين منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت ضرورت ڪم اچي سگهي. منهنجو ان جي ڪنهن به قسم جي قول فعل ڏيتي ليتي ڦڏي فساد سان ڪنهن به قسم جو ڪو به واسطو نه آهي

سلمان اقبال ميمڻ ولد اقبال احمد ميمڻ شناختي ڪارڊ نمبر 4130671774171

لاتعلقي جواظهار

حلفيه بيان ڏيان ٿو ته نالي ممتاز علي منهنجو حقيقي پٽ آهي جيڪو نافرمان ۽ بي ادب ٿي چڪو آهي بري صحبت ۾ رهڻ ڪري منهنجي چوڻ ۾ ڪونهي ان لاءِ مون سميت منهنجي ٻين پٽن منصور علي، محسن علي .مظهر علي ۽ مظفر علي سميت سائنس لاتعلقي ڪريون ٿا هاڻي ممتاز علي سان اسان جو ڪوبه تعلق ناهي هاڻي ڪوبه سائنس ڏيتي ليتي ڪندو اهو پاڻ ذميوار رهندو منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيڪو وقت ضرورت ڪم اچي سگهي

علي بخش ولد علي نواز مسلم بالغ ذات ڪوسو شناختي ڪارڊ نمبر 44206-0395740-7 رهاڻ بيراڻي بس اسٽينڊ ٽنڊوآدم

عام اطلاع

جيئن ته منهنجي پاءُ محمد ثناءِ الله ولد محمد دين شناختي ڪارڊ نمبر 4410265744523 جي وفات تاريخ ڊيٿ سرٽفڪيٽ ۾ غلطي سان 2012-04-22 لکجي وئي آهي جنهن کي درست ڪري 22-04-2014 لکيو ۽ پڙهيو وڃي. جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪوبه اعتراض هجي ته هن اشاعت جي شايع ٿيڻ جي 07 ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ٽائون ڪاميٽي ڪوٽ غلام محمد ۾ داخل ڪرائي سگهي ٿو ٻي صورت ۾ مدو گذرڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو

سيران بي بي زال محمد صديق تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص شناختي ڪارڊ نمبر 4410261905724

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج V حيدرآباد
(روبرو جناب فهد ڪلهوڙو)
فيملي سوٽ نمبر 1636 سال 2026

شريمتي انيلا پائي ڌيءِ لڇيت هندو بالغ رهاڻ سارنگ ريذيڊنسي نزد جيجل ماءُ اسپتال نسيم نگر قاسم آباد حيدرآباد ..پلينٽف ...بخلاف.. اوم پرڪاش ولد پويت هندو بالغ رهاڻ ميهشوري محله تعلقو چاچرو ضلعو ٿرپارڪر ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار جوڊيشنل سيپريشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 24-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج V حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج XI حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات مريم زال سرفراز علي ..پلينٽف ...بخلاف.. سرفراز علي ولد محمد انور هاليپوٽو ذات هاليپوٽو رهاڻ ڳوٺ جٿيندو هاليپوٽو تعلقو ضلع حيدرآباد ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، رڪوري آف مينٽيننس ميبيڪل ڊاور اماؤنٽ گفٽ اينڊ ڊاوري آرٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته28-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج XI حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج XI حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات عليشا ڌيءِ لياقت علي ..پلينٽف ...بخلاف.. افتخار علي ولد نذير احمد رهاڻ مدينه ڪالوني ميهڙ سٽي ضلعو دادو... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته28-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج XI حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج XI حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

گهنشام ولد ٻچو مل ..پلينٽف ...بخلاف.. شريمتي پونم زال گهنشام هندو بالغ رهاڻ ڳوٺ سري تعلقو ضلعو حيدرآباد SICVD ٽنڊو محمد خان ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته28-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج XI حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج VI حيدرآباد
(روبرو جناب خالد حسين لغاري)
سمري سوٽ نمبر 241 سال 2026

ساجد حسين ولد الله ڏنو رهاڻ G-12 سينٽرل جيل ڪالوني حيدرآباد ..پلينٽف ...بخلاف.. سيد فرخ شاهه ولد لال بادشاهه رهاڻ گهر نمبر 33 گلشن فيض ڪالوني ٽنڊو محمد خان 03136939483 ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سمري سوٽ زير قلم 37 رول 1 ۽2 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته2026 -02-11 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج VI حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج IV ٽنڊو الهيار
فيملي سوٽ نمبر 133 سال 2026

مسمات دعا زال محمد خان ذآت درس رهاڻ گلشن اسلام ڪالوني ٽنڊو الهيار ..پلينٽف ...بخلاف.. محمد خان ولد ولي محمد ذات درس رهاڻ ڳوٺ حاجي مبين درس تعلقو ڪيرو ضلعو سانگهڙ ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته16-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج IV ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 387 سال 2026

مسمات فرزانه ..پلينٽف ...بخلاف.. عبدالرحيم ولد الله وسايو ذآت پٽو رهاڻ ڳوٺ پلو پٽاڻ پي او گل محمد ڄانڊيو تعلقو ڪي اين شاهه ضلعو دادو 03451353370 ... ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته20-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب گارڊين جج ڄامشورو
گارڊين سوٽ نمبر 54 سال 2026

عبدالقيوم ..اپليڪينٽ ...بخلاف.. (1) عبدالخالق ولد امير بخش جمالي (2) عبدالڪريم ولد امير بخش جمالي (3) عبدالرحيم امير بخش جمالي (4) مسمات زبيده زال سمير (5) مسمات ثوبيه زال ياسين (6) مهوش زال اسلم سڀ مسلم بالغ رهاڻ بهار ڪالوني غريب آباد سنڌي پرائمري اسڪول ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو (7) جنرل پبلڪ... اپوننٽس (1) مسمات عليشا ڌيءِ امير بخش جمالي. مائنر

مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين اپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7 ۽ 10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته23-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

گارڊين جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
ايگزيڪيوشن نمبر52 سال 2026فيملي سوٽ 272 سال 2025

مسمات گل پري رهاڻ ڳوٺ ايوب خان رند ديهه 08 داد تعلقو نوابشاهه ..پلينٽف ...بخلاف.. ڪريم بخش ولد محمد عارب ڪوري رهاڻ ڳوٺ گلاب شاهه نزد نواب ولي محمد تعلقو قاضي احمد .. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف ايگزيڪيوشن درخواست زير قلم (3)13 فيملي ڪورٽ ايڪٽ 1964 تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 27-10-026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاڪو)
فيملي سوٽ نمبر 417 سال 2026

مسمات رضيه ڌيءِ نور الدين بگٽي رهاڻ ڳوٺ بگٽي آباد تعلقو دوڙ ..پلينٽف ...بخلاف.. حنيف ولد بشير احمد بگٽي رهاڻ جام صاحب سٽي نزد نوابشاهه بس اسٽاپ تعلقو دوڙ ضلعو شهيد بينظير آباد. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته 24-10-026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

بقايا 1 ”روزاني عبرت“

معدنيات سنڌ سيد سردار علي شاهه خاص مهمان طور شرڪت ڪئي. تقريب کي صوبائي وزير سيد سردار شاهه خطاب ڪندي صحافت جي اهميت، صحافين جي ذميوارين ۽ معاشري ۾ ميڊيا جي ڪردار تي روشني وڌندي چيو ته صحافت معاشري جو هڪ اهم ۽ ذميوار شعبو آهي جيڪو عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ، عام ماڻهن جي آواز کي اعليٰ اختيارين تائين پهچائڻ ۽ سماج ۾ شعور پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو صحافين تي ذميواري عائد ٿئي ٿي ته هو سچائي ايمانداري، غيرجانبداري ۽ پيشه ورانه اصولن کي نظر ۾ رکندي پنهنجون ذميواريون ادا ڪندا ۽ پنهنجي حلف جو وقار رکندا، جيئن عوام کي صحيح ۽ مستند معلومات فراهم ٿي سگهي، هن چيو ته صحافت رڳو خبرن جي اشاعت جو نالو نه آهي، پر اها عوام ۽ حڪومت وچ ۾ رابطي جو هڪ اهم ذريعو پڻ آهي، صحافين کي گهرجي ته هو عوام کي درپيش مسئلن تعليم، صحت، بنيادي سهولتن، ترقياتي ڪمن ۽ سماجي معاملن کي مناسب انداز ۾ اجاگر ڪن جيئن مسئلن جي حل لاءِ لاڳاپيل ادارن جي توجهه حاصل ڪري سگهجي، هن چيو ته صحافين کي سماج جي عڪاسي ڪرڻ گهرجي ۽ صحافي سماج جو آئينو آهن هن چيو ته مون ڪڏهن به تنقيد کي تصحيح نه سمجهيو آهي ۽ صحافين جي تنقيد سان ئي اصلاح ٿئي ٿي سوشل ميڊيا جي اچڻ کان پوءِ صحافت جو دور ئي تبديل ٿي چڪو آهي هن چيو ته نوجوان صحافين کي جديد ٽيڪنالاجي جي ذريعي سکيا ڏني وڃي. تقريب ۾ عمرڪوٽ پريس ڪلب جي نون چونڊيل عهديدارن صدر امين محمد ميمڻ نائب صدر ممتاز آريسر جنرل سيڪريٽري مدن گوپال جوائنٽ سيڪريٽري محمد اسلم مهر خزانچي نظر سميجو پريس سيڪريٽري ڪانجي مل، آفيس سيڪريٽري ناهيد حسين خٽڪ رابطه سيڪريٽري سهيل ڪنبر کان حلف ورتو ۽ کين مبارڪون ڏنيون ويون ، ان موقعي تي نون چونڊيل عهديدارن چيو ته هو صحافتي اصولن ۽ اخلاقي قدرن کي اوليت ڏيندي صحافين جي ڀلائي، صحافتي سرگرمين جي واڌاري ۽ عوامي مسئلن جي نشاندهي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا. عمرڪوٽ پريس ڪلب ضلعي جي صحافتي سرگرمين جو هڪ اهم مرڪز آهي جتان صحافي عوامي مسئلن سماجي معاملن ۽ ضلعي جي مختلف سرگرمين کي اجاگر ڪرڻ ۾ پنهنجون ذميواريون ادا ڪن ٿا. نئين باڊي جي چونڊ ۽ حلف برداري کي صحافتي سرگرمين جي تسلسل ۽ اداري جي مضبوطيءَ جي حوالي سان اهم اڳڀرائي قرار ڏنو ويو ۽ اميد ظاهر ڪئي وئي ته هو صحافتي برادريءَ جي اتحاد، پائيداري ۽ پيشه ورانه ذميوارين کي وڌيڪ مضبوط بڻائيندا. جڏهن ته عوام جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۽ سماجي ترقيءَ لاءِ مثبت صحافت کي هٿي ڏيندا، ان موقعي تي تقريب ۾ ڊپٽي ڪمشنر عمرڪوٽ نويد الرحمن لاڙڪ، چيئرمين ضلع ڪائونسل عمرڪوٽ حاجي محمد بقا پلي، اسسٽنٽ ڪمشنر عمرڪوٽ رجب علي سليس ڊسٽرڪٽ انفارميشن آفيسر عمرڪوٽ محمد اسلم پلي، وائيس چيئرمين ميونسپل ڪميٽي عمرڪوٽ ڪمار ٺڪراڻي، سينيئر سٽيزن اقبال ميمڻ جلال ڪوري، حاجي ساند، دليپ مولچندائي قاسم ساند، پ پ انفارميشن سيڪريٽري ضلع عمرڪوٽ گهنشام ٻجيس سيد شمشير علي شاهه ڊويزنل هيڊ 1122 ميرپورخاص ڊويزن بنسي مالهي، سليم مهر ڊسٽرڪٽ مئنيجر هينڊز منصور ميمڻ، راڳي رفيق فقير ڪنري ، ساماري ڊورو نارو ۽ چور سميت ضلعي عمرڪوٽ جي مختلف صحافين سميت ٻين اهم اڳواڻن شرڪت ڪئي.

بقايا 2 ”روزاني عبرت“

پوليس ڦر ٿيل موٽرسائيڪل هٿ ڪري اصل مالڪ طاهر جوڻيجو حوالي ڪئي. جڏهن ته ميان جو ڳوٺ ٿاڻي جي پوليس پڻ ڦر ٿيل موٽرسائيڪل هٿ ڪري اصل مالڪ محمد الياس بروهي حوالي ڪري ڇڏي پوليس موجب گرفتار جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي پئي وڃي ايس ايس پي شڪارپور محمد ڪليم سمورن ايس ايڇ اوز کي هدايتون جاري ڪيون آهن ته ڏوهاري عنصرن خلاف ڪارروايون وڌيڪ تيز ڪري امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻايو وڃي.

بقايا 3 ”روزاني عبرت“

دانهون ٻهارو پوليس ريسوري ۾ پٽيجي وئي ياد رهي ته ٻهارو ٿاڻي جي حد ۾ امن امان جي صورتحال تمام گهڻي خراب ٿي چڪي آهي روزانو ڦريون چوريون ۽ بي گناهه ماڻهن جو قتل ٿيڻ ٻه بدامنيءَ جي علامت آهي.

بقايا 4 ”روزاني عبرت“

ٿي عرصي کان اسان استادن جا سروس اسٽرڪچر ، پرائمري استادن جا ڏکيل پروموشنن سميت ٻيا جائز مطالبا تسليم نه ٿا ڪيا وڃن مسلسل احتجاج ڪري رهيا آهيون پر ان جي باوجود به تعليم کاتي جون اختياريون مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سنجيده ناهن هنن چيو ته پ ٽ الف جي سرڪري سنڌ تي پنهنجي جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ ٽوڪن احتجاج شروع ڪيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته بايو ميٽرڪ جي سجاڳيب واري حاضري سسٽم ۾ پيدا ٿيل خرابين سبب تمام گهڻيون ڏکيائيون پيش اچن ٿيون ۽ استاد حاضري ۾ غير حاضر ٿي وڃن ٿا تنهن ڪري بايوميٽرڪ سزائن ۾ نظرثاني ڪئي وڃي.استادن تعليم کاتي جي صوبائي وزير سردار شاهه ۽ ٻين اختيارين کان مطالبو ڪيو ته نوٽيس وٺي جائز مطالبا تسليم ڪيا وڃن نه ته ٻئي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ کي وسيع ڪيو ويندو

بقايا 5 ”روزاني عبرت“

آئون پنهنجي مڙس ڪمال ڪوسو سان خوش آهيان جنهن سان مونکي هڪ پٽ پڻ آهي هن چيو ته منهنجا مائٽ غلام نبي ڪوسو قادر ڪوسو پوڙهو ڪوسو ،علي بخش ڪوسو حيات ڪوسو اسان جي زندگي برباد ڪري ڇڏي آهي اسان کي نڪاح ٽوڙڻ لاءِ حراسان ڪري رهيا آهن هن الزام هڻندي چيو ته منهنجو پيءُ اهو نٿو چاهي پر منهنجا ٻيا مائٽ مونکي زبردستي چون ٿا مڙس کان طلاق وٺ جيڪا آئون نه وٺنديس آئون پنهنجي مڙس ڪمال ڪوسو سان خوش آهيان صنم ڪوسو جي مڙس ڪمال ڪوسو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته زال جي مائٽن مان اسان زال مڙس کي خطرو آهي هو اسان کي جدا ڪري منهنجي زال کي مونکان زبردستي طلاق ڏياري ڪيس ٻي مرد سان شادي ڪرائڻ چاهين ٿا هنن پ پ ايم اين اي ملڪ اسد سڪندر خان ايس ايس پي ڄامشورو ٻين وس وارن کان تحفظ جو مطالبو ڪيو آهي

بقايا 6 ”روزاني عبرت“

بهتر صحت جون سهولتون پهچائڻ لاءِ سمورن لاڳاپيل ادارن کي پنهنجي ذميوارين کي مؤثر نموني ادا ڪرڻ گهرجي،هن اهڙن خيالن جو اظهار ڊپٽي ڪمشنر سيڪريٽريٽ مٽياري جي لطيف هال ۾ سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي جي ماما پروگرام بابت ضلعي رابطا ڪميٽي (DCC) ۽ ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪميٽي فار نيوٽريشن (DCCN)جي الڳ الڳ اجلاسن جي صدارت ڪندي ڪيو اجلاسن دوران ماما پروگرام جي جاري سرگرمين، عملدرآمد جي صورتحال ضلعي ۾ غذائيت جي موجوده صورتحال ۽ غذائي ڪوٽ جي روڪٿام لاءِ کنيل قدمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو مختلف لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ ٿيندڙ ڪمن حاصل ڪيل اڳڀرائي جاري سرگرمين ۽ عملي طور پيش ايندڙ مسئلن بابت بريفنگ ڏني.ان موقعي تي صحت، مقامي حڪومت، عورتن جي ترقي، سماجي ڀلائي، آبادي جي ڀلائي ۽ ٻين لاڳاپيل شعبن جي ڪارڪردگي تي پڻ بحث ڪيو ويو آفيسرن پنهنجي پنهنجي کاتن پاران جاري قدمن ۽ پيش ايندڙ چئلينجن بابت آگاهي ڏني جڏهن ته مستحق ماڻهن جي نشاندهي سهولتن جي فراهمي سرگرمين جي نگراني ۽ مختلف ادارن جي ڪوششن کي گڏيل بڻائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ويو

بقايا 7 ”روزاني عبرت“

هو جوتش علم جو ماهر جو داستان گو ۽ پنڊت هو مليل ڄاڻ موجب سندس جنم 16 اپريل 1930ع تي ٿيو پنهنجي علم فن ڏاهپ ۽ محبت ڀريي شخصيت سبب هميشه ياد رکيو ويندو هندو برادري سندن وڇوڙي تي ڏکاري آهي رهواسين موجب ڪاهي هڪ عظيم محبتي شخصيت کان محروم ٿي وئي آهي ٻي طرف سندس آخري رسمون اڄ عمرڪوٽ لڳ ڳوٺ ڪاروڙو چارڻ جي شو منڊر پرسان ٿينديون. هوڏانهن سندس فرزندن ڊاڪٽر نرمل ڪمار پريم چند، نندلال ڊاڪٽر وجي شنڪر ۽ ڪٽنب جي ٻين پاتين سان ڏک ونڊڻ جو سلسلو جاري آهي.

بقايا 8 ”روزاني عبرت“

عورت زينب زال مزار خان گهرو مسئلن سبب زهريلي جيت مار دوا پي آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کي تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو جتي سندس حالت سڌرڻ بڌائي وڃي پئي.

بقايا 9 ”روزاني عبرت“

ته هو فيصلي لاءِ تيار آهن.جمعيت علماء اسلام جي اڳواڻن اميد ظاهر ڪئي ته برادرين جا سردار جلد تڪرار جو فيصلو ڪري علائقي ۾ امن امان جي فضا بحال ڪرائيندا، جيئن جهيڙن ۽ تڪرارن جو خاتمو اچي سگهي.امن قافلي ۾ يوسي فتح تندو جو چيئرمين استاد بشير احمد مهر، چڪ ٽائون جو ڪائونسلر سعيد احمد انصاري، تعلقه لکي جو جنرل سيڪريٽري مولانا تاج محمد مهر علائقي جا معزز سياسي ۽ سماجي تنظيمن جا اڳواڻ ڪارڪن ۽ سوين ماڻهو پڻ شامل هئا.

بقايا 10 ”روزاني عبرت“

ڳالهائيندي پ ٽ الف تعلقي جنرل سيڪريٽري خادم حسين بروهي، ضلعي انفارميشن سيڪريٽري محبوب علي مگسي ، تعلقه پريس سيڪريٽري صفدر علي گولو عمران حسين مگسي ، ممتازعلي بروهي ، ضميرعلي گولو امداد حسين بروهي ،عابدعلي چانڊيو بيڪس ٽيچر صدر عبدالعزيز ڪوسو ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته استادن جا جائز مسئلا سالن کان حل نه ٿي سگهيا آهن جنهن سبب استادن ۾ بيچيني پکڙيل آهي هنن چيو ته سنڌ ڪابينا سال 2021ع ۾ استادن جي سروس اسٽرڪچر جي منظوري ڏني هئي پر ان باوجود پرائمري استادن کي اڃا تائين سروس اسٽرڪچر فراهم نه ڪيو ويو آهي هنن مطالبو ڪيو ته استادن جا جائز مسئلا فوري طور حل ڪيا وڃن

بقايا 11 ”روزاني عبرت“

جو چوڻ آهي ته زمين تي ويچي رهيا هئاسين ته جوابدارن حملو ڪري ڏنو ۽ فائر ڪري ۽ ڪهاڙيون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 12 ”روزاني عبرت“

ڦر ڪرڻ بعد آساني سان فرار ٿي ويا. علائقي واسين پاران پوليس کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري ڦريل سامان واپس ڪرايو وڃي

بقايا 13 ”روزاني عبرت“

موجود آهن جڏهن ته هلندڙ سال ٽيڪس گوشوارا جمع ڪرائڻ لاءِ نيون ۽ اضافي تفصيلون طلب ڪرڻ سبب ٽيڪس ڏيندڙن ۽ ٽيڪس معاملن سان لاڳاپيل وڪيلن کي وڌيڪ وقت جي ضرورت آهي.تفصيل موجب ايف بي آر پاران انڪم ٽيڪس گوشوارا جمع ڪرائڻ لاءِ 15 آڪٽوبر آخري تاريخ مقرر ڪئي وئي هئي ان حوالي سان پاڪستان ٽيڪس بار ايسوسيئيشن جي نائب صدر ايڊووڪيٽ انور جانوري ميڊيا سان ڳالهائيندي مطالبو ڪيو ته گوشوارا جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۾ واڌ ڪري نومبر کان ڊسمبر تائين مهلت ڏني وڃي، جيئن ٽيڪس ڏيندڙ پنهنجون گهربل تفصيلون مڪمل ڪري صحيح نموني گوشوارا جمع ڪرائي سگهن.

بقايا 14 ”روزاني عبرت“

مريضن کي شروعاتي طبي سهولتون فراهم ڪندو ان سلسلي ۾ سيد گلفام شاهه ٻڌايو ته سول سوسائٽي آف سنڌ جو مقصد هن يونٽ کي مستقبل ۾ SICVDيا انبس اسپتال جي طرز تي جديد ۽ بهتر دل جي علاج واري مرڪز ۾ تبديل ڪرڻ آهي ته جيئن هالا ۽ ڀرپاسي جي علائقن جي ماڻهن کي بروقت طبي مفت ۾ سهولتون ملي سگهن هن وڌيڪ چيو ته سول سوسائٽي آف سنڌ پاران مخير حضرات، ڊاڪٽرن واپارين ، اوريسز ۽ سماجي شخصيتن کي اپيل ڪئي آهي ته يونٽ جي دورو ڪري عملي سهڪار ڪن ۽ هن انسان دوست منصوبي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۾ پنهنجو حصو وجهن اچو ته گڏجي هالا ۾ دل جي مريضن لاءِ اميد ۽ زندگيءَ جو نئون رستو کوليون

بقايا 15 ”روزاني عبرت“

ڪئي سيمينار ۾ خاص مهمان طور پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ ۽ پ پ لاڙڪاڻي ڊويزن جي انفرميشن سيڪريٽري فراز امتياز شيخ پاڪستان ايسوسيئيشن آف دي بلائينڊ جا نائب صوبائي صدر مظفر علي قريشي، سماجي اڳواڻ عبدالجبار ميراڻي زوهيب ميراڻي استادن صحافين، سول سوسائٽي جي نمائندن ۽ شهرين جي وڏي انگ شرڪت ڪئي ان موقعي تي سيمينار کي خطاب ڪندي پ پ اڳواڻ فراز امتياز شيخ ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي هنن چيو ته اڇو لڪڻ رڳو هڪ لڪڻ نه پر نابين ماڻهن جي خودمختياري، خود اعتمادي ۽ آزادي جي علامت آهي هن ڏينهن کي ملهائڻ جو مقصد سماج ۾ نابين ماڻهن جي حقن بابت شعور اجاگر ڪرڻ آهي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته بدقسمتي سان اسان جي سماج ۾ اکين جي روشني کان محروم ماڻهن کي اڃا تائين نظرانداز ڪيو وڃي ٿو کين تعليمي روزگار ۽ زندگي جي ٻين شعبن ۾ مناسب موقعا نٿا ڏنا وڃن جنهن ڪري اهي احساس محرومي جو شڪار آهن اڳواڻن حڪومت سنڌ ۽ ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته نابين ماڻهن لاءِ خاص ڪوٽا تي روزگار جا موقعا فراهم ڪيا وڃن سندن لاءِ معياري تعليم بريل سسٽم سرڪاري عمارتن ۽ روڊن تي اچ وڃ لاءِ بهتر سهولتون ويل چيئر ۽ اڇي لڪڻ مفت فراهم ڪيو وڃي. آخر ۾ سيمينار ۾ شرڪت ڪندڙن ۾ اڇيون لڪڻون ۽ تحفا پڻ ورهايا ويا.

بقايا 16 ”روزاني عبرت“

جو هائير سيڪنڊري اسڪول کي هر سال مرمت لاءِ لکين روپيه سالياني بجيٽ ملي ٿي، ان جي باوجود بوائز پرائمري اسڪول تي ڏکو به خرچ نه ڪيو ويو آهي، ڏاڙو سنڌ حڪومت پاران اسڪولن جي بهتري لاءِ جاري ڪيل اسپيسفڪ بجيٽ فنڊ مان پرائمري اسڪول باقراڻي کي ڪوبه فائدو ملي نه سگهيوسرڪار پاران گورنمنٽ هائير سيڪنڊري اسڪول باقراڻي لاءِ جاري ڪيل هڪ ڪروڙ 14 لک 17هزار روپيا اسپيسفڪ بجيٽ جي رقم تعليم کاتي جي عملدارن ۽ هائير سيڪنڊري اسڪول باقراڻي انتظاميا جي نااهلي ۽ عدم دلچسپي سبب وقت تي اسڪول جي بهتري لاءِ استعمال نه ٿيڻ سبب واپس ٿي ويا، گورنمنٽ بوائز پرائمري اسڪول باقراڻي هائير سيڪنڊري اسڪول باقراڻي ۾ مرج هجڻ سبب سخت متاثر ٿيوهوڏانهن ان سلسلي ۾ گورنمنٽ بوائز پرائمري اسڪول باقراڻي جي هيڊ ماسٽر عبدالحمري‌ءَ راجپوت، استاد ارسلان عباسي آصف علي راجپوت، محمد اعظم راجپوت، صفدر علي ڪلهوڙو،انعام الله ڪلهوڙو، علي رضا ابڙو سميت ٻين استادن شاگردن ۽ شاگردياڻين ڳالهيندي چيو ته افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته باقراڻي شهر جو مين ۽ مڊر پرائمري اسڪول مڪمل طور نظر انداز آهي باقراڻي جي هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ مرج ڪيو ويو مگر پوءِ به بوائز پرائمري اسڪول جو بنيادي ڍانچو بحال نه ٿيو توڙي جو هائير سيڪنڊري اسڪول کي هر سال مرمت لاءِ لکين روپيه سالياني بجيٽ ملي ٿي، ان جي باوجود بوائز پرائمري اسڪول تي ڏکو به خرچ نٿو ڪيو وڃي ، ڏاڙو سنڌ حڪومت پاران اسڪولن جي بهتري لاءِ جاري ڪيل اسپيسفڪ بجيٽ فنڊ مان پرائمري اسڪول باقراڻي کي ڪوبه فائدو ملي نه سگهيوسرڪار پاران گورنمنٽ هائير سيڪنڊري اسڪول باقراڻي لاءِ جاري ڪيل هڪ ڪروڙ 14 لک 17هزار روپيا اسپيسفڪ بجيٽ جي رقم تعليم کاتي جي عملدارن ۽ هائير سيڪنڊري اسڪول باقراڻي انتظاميا جي نااهلي ۽ عدم دلچسپي سبب وقت تي اسڪول جي بهتري لاءِ استعمال نه ٿيڻ سبب واپس ٿي ويا پر اسڪولن تي خرچ نه ٿي سگهيا، ڪافي پيرا تعليم کاتي جي اعليٰ عملدارن کي لکت ۾ شڪايت ڪرڻ باوجود ڪوبه ڪوٽيل نه نڪتو آهي، هنن تعليم کاتي جي صوبائي وزير سيد سردار علي شاهه ،ايم پي اي عادل الطاف حسين انڙ ۽ ٻين اعلي عملدارن کان مطالبو ڪيو ته گورنمنٽ بوائز پرائمري اسڪول باقراڻي کي بنيادي سهولتون فراهم ڪري استادن ۽ شاگردن ۾ پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪئي وڃي، هوڏانهن ان سلسلي ۾ گورنمنٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول باقراڻي جي پرنسپال احمد بخش مهر ڳالهيندي چيو ته بوائز پرائمري اسڪول باقراڻي ون هائير سيڪنڊري اسڪول باقراڻي سان مرج آهي ،آيل ايس ايم سي فنڊ مان پرائمري اسڪول کي ڪجهه فرنيچر وغيره وٺي ڏنو هو باقي گورنمنٽ هائير سيڪنڊري اسڪول باقراڻي لاءِ آخري ۾ اسپيسفڪ بجيٽ فنڊ جاري ڪيا ويا هئا، دير سان ٿيڻ سبب آيل رقم واپس ٿي وئي.

بقايا 17 ”روزاني عبرت“

آهي اسڪول جي ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ سبب تعليم حاصل ڪندڙ نياڻين ۽ ڊيوٽي ڪندڙ ٽيچرز جي زندگين کي خطرو درپيش آهي اسڪول انتظاميا طرفان تعليم کاتي جي اعليٰ اختيارين کي ڪافي شڪايتون ڪرڻ باوجود هن وقت تائين ڪو به نوٽيس نه ورتو ويو آهي. هوڏانهن اسڪول جي هيڊ ماسٽرياڻي، ٽيچرز ۽ شاگردياڻين تعليم کاتي جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته اسڪول جي عمارت جي ڇت جي فوري مرمت ڪرائي وڃي، جيئن ڪنهن به امڪاني جاني نقصان کان بچي سگهجي ۽ نياڻين کي محفوظ تعليمي ماحول فراهم ٿي سگهي.

بقايا 18 ”روزاني عبرت“

ڳوٺهي خيرو(ن ع) ڳوٺهي خيرو جي محمد حيات ڪنڌ ايليمينٽري اسڪول ۾ ناقص تعميراتي ڪم سبب وڏو حادثو ٿيندي ٿيندي بچي ويو آهي اسڪول جي آفيس جي ڇت جا سمورا ڇاپڙ اچانڪ ڪري پيا. جنهن جي نتيجي ۾ استاد ۽ شاگرد معجزاتي طور وڏي جاني نقصان کان بچي ويا ڇت جا ڇاپڙ ڌماڪي سان ڪرڻ تي اسڪول ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو ۽ شاگردن توڙي استادن ۾ افرا تفري مچي وئي ان موقعي تي اسڪول جي استادن

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ٻڌايو ته اسڪول جي هيءَ عمارت سال 2014ع ۾ تعمير ڪئي وئي هئي، پر تعميراتي ڪم انتهائي ناقص ۽ غير معياري ڪيو ويو هو انهن چيو ته اسان پهرين ڏينهن کان دانهون ڪري رهيا آهيون ته عمارت جو ڪم ناقص ٿيل آهي ۽ اها خطري جي علامت بڻيل آهي پر رسوارن مان ڪنهن به اسان جي دانهن نه ٻڌي استادن ۽ شاگردن سخت تشويش جو اظهار ڪندي اعليٰ اختيارين، خاص طور تعليم کاتي جي رسوارن کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو فوري طور نوٽيس ورتو وڃي انهن چيو ته ڪنهن به وڏي جاني نقصان يا ناخوشگوار حادثي کان اڳ اسڪول جي خستہ حال عمارت جي نئين سر معياري تعمير ڪرائي وڃي ۽ ناقص ڪم ڪندڙ ٺيڪيدار توڙي لاڳاپيل عملدارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 19 ”روزاني عبرت“

چانڊيو اي ايم ايس سول اسپتال حيدرآباد ڊاڪٽر نياز حسين ٻبر ، ڊاڪٽر مير افضل ڊاڪٽر فرزانه شيخ ، ڊاڪٽر ڪاشف شيخ ڊاڪٽر سليمان شيخ ۽ ٻين مطالبو ڪيو ته سندن مقصد ڪنهن اداري يا عدالت سگهوري سان ٽڪرار نه آهي، بلڪ ڊاڪٽرن جي لاءِ قانوني تحفظ، منصفاڻي ڪارروائي ۽ محفوظ پيشي ورانه ماحول کي يقيني بڻائڻو آهي هنن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته ڊاڪٽرز ڪميونٽي جي تحفظات کي سنجيدگي سان ٻڌو وڃي ۽ اهڙو قدم کنيو وڃي ته جيئن ڊاڪٽر بنا ڪنهن ڊپ جي پيشي ور ذميداريون نڀائي سگهن ۽ مريضن جي خدمت جاري رکي سگهن هنن چيو ته (اڄ) ڊاڪٽرن کي گرفتاري وارنٽ جاري ڪرڻ واري عمل خلاف جمع جي ڏينهن ڪاريون پٽيون ٻڌي ڪارو ڏينهن ڪري ملهايو ويندو هي احتجاج پر امن طريقي سان جاري رهندو

بقايا 20 ”روزاني عبرت“

ڪلهوڙو،امير ڪلهوڙو شهزادو ڪلهوڙو ۽ ٻين جتوئي برادريءَ جي ڪجهه ماڻهن تي ايف آءِ آر ڪرائي جنهن ۾ منهنجو پڻ نالو ڏنو ويو آهي جڏهن ته ٻنهي ڌرين جي رنجش سان منهنجو ڪو به تعلق ناهي ياد رهي ته ڪجهه مهينا اڳ ڪلهوڙا برادريءَ جا لوفر ڇوڪرا چوريءَ جي ارادي سان منهنجي گهر ۾ داخل ٿيا هئا پر اسان جي جاڳڻ تي هو فرار ٿي ويا پر اسين کي سڃاڻي ورتو هيوسين جنهن جي ايف آءِ آر اڳ ۾ ٿاڻي تي داخل ڪرائي سين جنهن کان ڪجهه ڏينهن پوءِ ڪيس تان هٿ ڪڍائڻ لاءِ منهنجي ٻارهن سالا نينگري شهزادي مٺو جيڪا گورنمنٽ ايليمينٽري اسڪول راضيديرو کان واپس گهر اچي رهي هئي ته رستي تي ڪيس فهيم ولد مير ڪلهوڙو ۽ به نامعلوم اوباش ڇوڪرا هٿيارن جي زور کي حراسان ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون جنهن بعد اهڙي دانهن اڳ ۾ ٿاڻي تي ڏني جنهن کي پوليس ٻڌي اين سي داخل ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو هيواسين ايس ايس پي خيرپور ڊي آئي جي سکر ۽ اعلي اختيارين کان اپيل ٿا ڪريون ته قرآن پاڪ تي انڪوائري ڪري ڪلهوڙا برادريءَ جي جتوئي برادريءَ تي ٿيل ايف آءِ آر مان منهنجو نالو خارج ڪري انصاف ڏنو وڃي .

بقايا 21 ”روزاني عبرت“

ٿي هئي پر پوليس ڏوهارين خلاف ڪا به ڪارروائي نه ڪئي آهي. هنن چيو ته شهر سان گڏ ڳوٺن ۾ به ماڻهو محفوظ ناهن ڦر جي وارداتن سبب شهري توڙي ڳوٺاڻا سخت پريشان آهن هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي فورو گرفتار ڪري ڦريل سامان واپس ڪرايو وڃي ۽ علائقي ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي وڃي

بقايا 22 ”روزاني عبرت“

شڪل نه ملڻ واري معاملي تي سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ حيدرآباد ۾ درخواست داخل ملازمن عبدالرزاق ۽ غلام سرور سنڌ حڪومت ۽ يونيورسٽي انتظاميه خلاف آئيني درخواست داخل ڪرائي سينارٽي رڪارڊ ۾ شفافيت، قانوني حقن جي تحفظ ۽ ڪيڊر وائز توڙي پوسٽ وائز حتمي سينارٽي لسٽون جاري ڪرڻ جي استدعا ڪئي آهي سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ حيدرآباد جي جسٽس عدنان ڪريم ميمڻ ۽ جسٽس محمد جعفر رضا تي مشتمل ڊويزن بئنچ آڏو داخل ڪرايل درخواست ۾ سيڪريٽري يونيورسٽيز اينڊ بورڊز يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ۽ رجسٽرار سميت لاڳاپيل اختيارين کي ڌر بڻايو ويو آهي درخواستگذارن جو موقف آهي ته سال 2003ع کان 2015ع تائين سينارٽي لسٽون تيار نه ٿيڻ سان گڏ سال 2016ع جي عبوري سينيٽري لسٽ کي پڻ اڃا تائين حتمي شڪل نه ڏني وئي آهي جنهن سبب ملازمن جي سروس معاملن سينارٽي ۽ ترقيءَ بابت فيصلن ۾ من پسند ۽ غيرشفاف طريقيڪار اختيار ٿيڻ جا خدشا پيدا ٿي رهيا آهن درخواست ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته 25 مارچ 2025ع تي پهرين سليڪشن بورڊ آڏو پيش ڪيل سينارٽي لسٽ ۾ ملازمن جي اصل ڪيڊر سروس رڪارڊ، مقرريءَ جي تاريخ ملازمت جي مجموعي عرصي ۽ ترقيءَ بابت ضروري تفصيل ظاهر نه ڪيا ويا درخواستگذارن الزام هنيو آهي ته اسسٽنٽ، سپرنٽينڊنٽ، سب انجنيئر ۽ اسسٽنٽ لائبريرين سميت مختلف عهدن تي ترقي ماڻيندڙ ملازمن جي بنيادي سروس رڪارڊ بابت به گهربل وضاحت موجود نه آهي جنهن ڪري ٽيڪنيڪل آءِ ٽي ۽ منسٽريئل ڪيڊرن سان لاڳاپيل ملازمن جي سينيئرٽي متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي درخواستگذارن موجب سينارٽي لسٽن جي تياري ۽ جاري ڪرڻ بابت اختيارين سان رابطو پڻ ڪيو ويو پر 19 جون 2026ع تي درخواست ڏيڻ ۽ 18 آگسٽ 2026ع تي ياد ڏيارڻڊ موڪلڻ باوجود سينيئرٽي لسٽون جاري نه ڪيون ويون سندن موقف آهي ته ملازمن جي سينارٽي بابت مڪمل ۽ مستند رڪارڊ جي موجودگي ضروري آهي ڇاڪاڻ ته ان بنياد تي ترقيون، مقرريون ۽ ٻيا اهم سروس معاملا طئي ٿيندا آهن

بقايا 23 ”روزاني عبرت“

(اي آءِ) جي استعمال بابت تربيتي سيشن منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ صحافين کي جديد ٽيڪنالاجي جي مختلف اوزارن ۽ صحافتي ڪمن ۾ انهن جي استعمال بابت ڄاڻ ڏني وئي شڪارپور پريس ڪلب ۾ منعقد ٿيل تربيتي سيشن جي تربيت ٽيڪنالاجي ٽرينر ۽ ”اردو اي آءِ دوست“ جي ميزبان آصفه جمالي ڏني ان موقعي تي هن مصنوعي ذهانت جي اهميت ۽ صحافت ۾ ان جي استعمال بابت تفصيلي آگاهي ڏيندي چيو ته جديد دور ۾ صحافين لاءِ ٽيڪنالاجيءَ کان واقف هجڻ ضروري آهي ڇاڪاڻ ته اڄ جي مدد سان خبرن جي تياري، ترجمي، مواد جي ترتيب ۽ ڊجيٽل ميڊيا لاءِ مختلف مواد ڏاهڻ جا ڪم وڌيڪ آساني سان ڪري سگهجن ٿا، هن چيو ته مصنوعي ذهانت صحافين لاءِ هڪ مددگار اوزار آهي جنهن ذريعي خبرن جي تياري ۽ تحقيق واري عمل ۾ سهولت حاصل ڪري سگهجي ٿي جڏهن ته معلومات جي تصديق ڪرڻ ۽ خبرن جي درستگي کي يقيني بڻائڻ لاءِ صحافين کي پنهنجي پيشاورانه ذميواري پڻ ادا ڪرڻي پوندي، تربيتي سيشن دوران صحافين کي مصنوعي ذهانت جي مثبت ۽ تعميري استعمال بابت ڄاڻ ڏني وئي ۽ ٻڌايو ويو ته جديد ٽيڪنالاجيءَ مان فائدو وٺي صحافتي ڪم کي وڌيڪ بهتر ۽ اثرائتو بڻائي سگهجي ٿو سيشن ۾ شڪارپور پريس ڪلب جي عهديدارن ۽ ميمبرن سميت سينيئر صحافين وحيد بروهي، زاهد محمود نون، رحيم بخش جمالي سلطان رند، گل ميمڻ ، عمران مرتضي ابڙو، اياز منگي، الطاف لاڙڪ ابراهيم بروهي، زاهد سنجراڻي، عتيق ڏڪڻ وسيم سنجراڻي، ذوالفقار مگسي، پاڳچند وليچا ۽ ٻين صحافين شرڪت ڪئي ان موقعي تي شرڪت ڪندڙ صحافين پاران ”اردو اي آءِ دوست“ ۽ آصفه جمالي جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ويو ته صحافين لاءِ اهڙا تربيتي پروگرام وقت جي ضرورت آهن جن ذريعي کين جديد ٽيڪنالاجي جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۽ صحافت ۾ ان جو مناسب استعمال ڪرڻ جا موقعا ملن ٿا.

بقايا 24 ”روزاني عبرت“

استاد مولانا عبيدالرحمن گلال، قاري الطاف الرحمان گلال ، حافظ سجاد ، عبدالرزاق خواجه، شفيع محمد سولنگي علي گل سولنگي، عتيق الرحمٰن سولنگي ۽ ٻين شرڪت ڪئي قرآن پاڪ مڪمل ياد ڪندڙ شاگرد حافظ محمد حارث بن ذاڪر حسين سولنگي جي والدين ۽ مختلف علائقن مان مهمانن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ملڪي سلامتي لاءِ دعا گهري وئي

بقايا 25 ”روزاني عبرت“

شخصيتن عبدالرزاق نوناري، ڪامريڊ ممتاز پنهور لطيف چنه سور سنڌي ۽ ٻين شرڪت ڪري سيوهاڻي سڙڪ جي نئين سر تعمير ڪرائڻ لاءِ زوردار نعريبازي ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي احتجاج ڪندڙن چيو ته سيوهاڻي سڙڪ علائقي جي اهم ۽ تاريخي روڊن مان هڪ آهي جنهن تان روزانو وڏي انگ ۾ ماڻهو سفر ڪن ٿا، پر ڏگهي عرصي کان روڊ جي تعمير نه ٿيڻ سبب مسافرن ۽ علائقي واسين کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي هنن چيو ته روڊ جي خراب حالت سبب ٽرانسپورٽ جي اچ وڃ متاثر ٿيڻ سان گڏ عام ماڻهن لاءِ به سفر ڪرڻ ڏکيو بڻجي ويو آهي هنن چيو ته روڊ جي تعمير لاءِ بار بار احتجاج ڪرڻ باوجود لاڳاپيل اختيارين پاران ڪو به اثرائتو قدم نه کنيو ويو آهي جنهن ڪري عوام ۾ بيچيني وڌي رهي آهي هنن سنڌ حڪومت، روڊس کاتي جي وزير ۽ ٽڪ جي چونڊيل نمائندن کان مطالبو ڪيو ته سيوهاڻي سڙڪ جي نئين سر تعمير جو ڪم بنا دير شروع ڪري عوام کي درپيش مشڪلاتن کان نجات ڏياري وڃي

بقايا 26 ”روزاني عبرت“

اسٽرڪچر ڏنو وڃي، جيئن مستقبل بابت پيدا ٿيل خدشا ختم ٿي سگهن جڏهن ته بينوولنٽ فنڊ ۽ گروپ انشورنس جون رقمون رٽائرمينٽ وقت ادا ڪيون وڃن استادن مطالبن جي منظوري لاءِ پنهنجو احتجاج جاري رکندي حڪومت کان مسئلن جي حل لاءِ فوري قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو

بقايا 27 ”روزاني عبرت“

باقراڻي تائين احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب باقراڻي اڳيان علامتي بک هڙتال تي ويهي رهيا، ان موقعي تي استاد اڳواڻن چيو ته پرائمري اسڪولن جي استادن کي سروس اسٽرڪچر جاري ڪيو وڃي ، انيشئل اپائنٽمنٽ کان ريگيولر ڪيو وڃي، آءِ بي اي جي رهيل ڏيٽا بيس جاري ڪيو وڃي، بائيو ميٽرڪ نظام ضلعي سطح تي ڪيو وڃي، نه ته ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا 28 ”روزاني عبرت“

تڏي تي پهچي تعزيت ڪئي ۽ مرحوم جي مغفرت لاءِ دعا گهري ان موقعي تي سائنس فاروق پليجو صاحب وحيد عارفاڻي يعقوب پليجو جن پڻ گڏ هئا ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي محترم سسئي پليجو چيو ته سنڌ جي امڪاني ورهاڱو انهن ڪراچي جي لساني لوڙن جا وڏا به نٿا ڪري سگهن سنڌ جي وحدانيت لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي هڪ سيسا پلائي ديوار بنجي بيٺل آهي پ پ پ جي اعلي قيادت کي سنڌ مفادن جو تحفظ ڪرڻ خوب اچي ٿو سنڌ جغرافيائي سان هٿ چراند ڪندڙن کي تاريخ ۾ عبرت جو نشانو بڻائيندي

بقايا 29 ”روزاني عبرت“

شاخ مان هٿ آيو آهي جتي پيري پوليس سان رابطو ڪيو ويو پر انهن حد جو جواز ڄاڻايو جنهن بعد پاڳوديرو پوليس جي مدد سان نامعلوم شخص جو لاش ڪيرائي تعلقا اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي هن چيو ته چنبڙ شاخ ۾ پاڻي گهٽ هجڻ سبب لاش کي رولو جانورن نقصان ڏنو آهي هوڏانهن آخري اطلاعن تائين لاش جي سڃاڻپ ناهي ٿي سگهي

بقايا 30 ”روزاني عبرت“

سهولتن جي اڻهوند سبب سکر جي اسپتال نيو ويو جڏهن ته زخمي جي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي ٻي پاسي اهڙي واقعي بعد لغاري برادري جي ماڻهن ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو پهچي احتجاجي مظاهرو ڪري ميرپور ماٿيلو پوليس خلاف نعريبازي ڪندي انصاف جو مطالبو ڪيو

بقايا 31 ”روزاني عبرت“

سکر جي ميئر ۽ ميونسپل ڪمشنر جي آفيس ٻاهران احتجاجي ڌرڻو هنيو ويو جتي ملازمن پنهنجن مطالبن جي مڃتا لاءِ سخت نعريبازي ڪئي

بقايا 32 ”روزاني عبرت“

پنهنجي تحويل ۾ وٺي سندس قبضي مان پستول هٿ ڪري ڪيس ڪيو سول اسپتال منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن پاران زخمي جوابدار کي طبي امداد ڏني وئي اهڙي واقعي بعد زخمي جوابدار سميت ٻن اڻڄاتل جوابدارن معان حد جي ٿاڻي تي واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

بقايا 33 ”روزاني عبرت“

اگهه تي اٽو جو نٿو ملي ڪٽڪ جي ذخيرن ۽ وڪري بابت شفاف جاچ ڪرائي وڃي ته جيئن ڪٽڪ ضايع ٿيڻ بدران عوام جي ضرورتن لاءِ استعمال ٿي سگهي عوام کي مهانگو اٽو خريد ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ بدران اٽي جا اگهه ڪنٽرول ڪيا وڃن ۽ ذخيره اندوزي توڙي ناجائز منافعي خوري خلاف فوري ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا 34 ”روزاني عبرت“

اڪبر محمد پريل عرف پري رياض چانڊيو ۽ ٻين ٻارائي ڳالهه تان منهنجي پوروهيت پاءُ مير محمد عرف ڊولڻ چانڊيو کي گولين هڻي بيدردي سان قتل ڪري ڇڏيو هو جنهن واقعي جو ڪيس حد جي سيهڙ ٿاڻي تي ڄاڻايل جوابدارن معان داخل ڪيو ويو آهي، جنهن تي پوليس هڪ جوابدار غلام اڪبر چانڊيو کي گرفتار ڪري جيل اماڻي ڇڏيو جنهن تي عدالت سگهوري ڏوهه ثابت ٿيڻ تي عمر قيد ۽ ڏنڊ جي سزا ٻڌ ٻڌائي آهي، هن وقت جوابدار ڌر پاران ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ اسان کي موتمار ڌمڪيون پڻ ڏنيون پيون وڃن جن مان جان جو خطرو پڻ آهي هن وس وارن اعليٰ اختيارين کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي پاءُ جي قتل ڪيس ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ سان گڏ اسان کي تحفظ فراهم ڪري انصاف ڪيو وڃي

بقايا 35 ”روزاني عبرت“

مڙس محمد سليم سانگي گذريل رمضان مهيني ۾ گردن جي بيماري وگهي وفات ڪري ويو هيو جيڪو اسسٽيٽ لائيف لاڙڪاڻو ۾ سيلز مينيجر هيو هن الزام لڳايو ته مڙس جي وفات کان پوءِ اسسٽيٽ لائيف طرفان ملندڙ ڪليم شپ جي رقم حاصل ڪرڻ جي لالچ ۾ منهنجا بااثر ڏير نعيم سانگي، وسيم سانگي سندن چاچو حاڪم سانگي، مائٽ محمد علي سانگي ۽ دوست ديدار مري اسان جي جان ويري بڻجي ويا آهن جيڪي ٿوري ٿوري ڳالهه تي مون بيواهه سميت منهنجي معصوم ٻچن معان تشدد ڪندا رهن ٿا، جڏهن ته ڄاڻايل ڏير اسسٽيٽ لائيف جي انتظاميه کي گمراهه ڪري رهيا آهن ته جيئن هو مرحوم مڙس جي ڪليم شپ واري رقم پنهنجي امڙ رحيمان جي نالي تي ڪرائيندي پاڻ هڙپ ڪري سگهن جنهن رقم تي مون سميت منهنجي يتيم ٻچن جو حق آهي هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي، ايس ايس پي سميت اسسٽيٽ لائيف جي اعليٰ عملدارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي بااثر ڏيرن توڙي سندن ساٿين خلاف ڪارروائي ڪرڻ سان گڏ ڪليم شپ واري رقم اسان کي ڏياري انصاف ڪيو وڃي

بقايا 36 ”روزاني عبرت“

سان گڏجي ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته آئون گذريل اربع ڏينهن ڪاليج جي پارڪنگ اندر پنهنجي موٽرسائيڪل کي تالا هڻي بيهاري ڪلاس اندر ويس، جڏهن واپس آيس ته موٽرسائيڪل موجود نه هئي، اهڙي شڪايت مان ڪاليج انتظاميه سان گڏ سميت حد جي رحمت پور ٿاڻي تي اطلاع پڻ ڏنو پر ان باوجود چورن خلاف ڪابه ڪارروائي ناهي ڪئي وئي ۽ نه ئي وري موٽرسائيڪل واپس ڪرائي وئي آهي، جيڪا سراسر ناانصافي آهي هن لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي، ايس ايس پي ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي چورن خلاف ڪارروائي ڪرڻ سان گڏ منهنجي موٽرسائيڪل واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 37 ”روزاني عبرت“

قوم جو سرمايو هوندا آهن جن کي جديد تعليم ، هنر ۽ خاص طور مصنوعي ذهانت (AI)جي ٽيڪنالاجي مان فائدو حاصل ڪري ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪرڻ گهرجي اسان جو عوامي طاقت جي پليٽ فارم تان اهو ئي پيغام ۽ مقصد آهي جڏهن ته ان سان گڏ ظلم ۽ نا انصافي خلاف آواز اٿارڻ ۽ معاشرتي برائين خلاف بيهڻ به اسان جو مقصد آهي هن وڌيڪ چيو ته اچو ته عوامي طاقت آرگنائيزيشن کي وڌيڪ مضبوط ڪيون ڇاڪاڻ جو اسان جو ڪم سماجي پاسي به تمام گهڻو سگهارو آهي ان موقعي تي تنظيم جي ٻين عهديدارن پڻ خطاب ڪيو انهن ۾ منصور جمالي ، مسڪين جوکيو، مولويٰ بخش لاڪو ، مير ظفر خان ، عزيز خان شامل هئا جن وچن ورجايو ته انسانيت جي خدمت لاءِ تنظيم کي منظم ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي ويندي .

بقايا 38 ”روزاني عبرت“

باگو پوليس ڪارروائي ڪندي قتل ڪيس ۾ نامزد ٽن جوابدار کي گرفتار ڪري ورتا آهين

بقايا 39 ”روزاني عبرت“

لنبڙحسين بخش ڪبڙ مولوي اعجاز آرائين چيو ته وڏي عرصي کان سم نالي جي کاٽي ۽ صفائي نه ٿيڻ سبب پاڻي جي نيڪال جو نظام متاثر آهي جنهن ڪري علائقي واسين کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي هنن چيو ته سم نالي جي صفائي نه ٿيڻ سبب پاڻي جي نيڪال ۾ رڪاوٽون پيدا ٿي رهيون آهن. جڏهن ته لاڳاپيل ڳوٺن ۽ آبادين کي گهاري سبب نقصان پهچڻ جو خدشو آهي هنن چيو ته لاڳاپيل ادارن کي ڪيترائي پيرا آگاهي ڏني آهي پر صفائي ڪرڻ کان لنوائي رهيا آهن ۽ سم نالي جي صفائي ۽ کاٽي نه ٿيڻ سبب صورتحال ڳڻتي جوڳي بڻجي وئي آهي.احتجاج ڪندڙن اسڪارپ کاتي جي اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سم نالي جي فوري کاٽي ۽ صفائي ڪرائي پاڻي جي نيڪال کي يقيني بڻايو وڃي جيئن علائقي واسين جي ممڪنه نقصان ۽ وڌيڪ پريشانين کان بچائي سگهجي

بقايا 40 ”روزاني عبرت“

ماڻهن جي اثر رسوخ سبب سندن فرياد ٻڌڻ وارو ڪو به نظر نٿو اچي جنهن ڪري کين احتجاج جو رستو اختيار ڪرڻو پيو آهي مظاهرين وس وارن اختيارين، ضلعي انتظاميا ۽ پوليس جي اعليٰ عملدارن کان مطالبو ڪيو ته معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي، سندن موقف ٻڌو وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن سان ناانصافي ٿي آهي ته ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪري کين انصاف فراهم ڪيو وڃي احتجاج ڪندڙن اپيل ڪئي ته سندن جائز مسئلا حل ڪري کين تحفظ ڏنو وڃي، جيئن هو عزت ۽ سکون سان پنهنجي زندگي گذاري سگهن

بقايا 41 ”روزاني عبرت“

فورم جي اڳواڻ ساجاهو وندن معزز شهرين شفيع ملاح اميربخش لاڪو جاويد شيخ محمد هاشم ملاح دريا خان برهماڻي ۽ ٻين تعليم جي وزير سيد سردار شاهه سيڪريٽري ڪاليجز ڊائريڪٽر جنرل ڪاليجز سنڌ کي درخواست ڪندي چيو ته گورنمنٽ بوائز ڊگري ڪاليج جا ڪلاس نيو عمارت ۾ هلايا وڃن هن وقت گرلس ڪاليج جي عمارت ۾ ڇوڪرن جا ڪلاس هلي رهيا آهن ۽ نياڻين جي تدريسي عمل شروع نه ٿيو آهي بوائز ڪاليج جي پنهنجي ڇوڪرن واري عمارت ۾ هلايا وڃن ته نياڻين جي تدريسي عمل نياڻين جي عمارت ۾ شروع ڪرائجي ياد رهي ته صوبائي وزير تعليم سيد سردار شاهه شاهه لطيف علمي ادبي فورم جي جي درخواست تي 2018 ۾ بوائز ڊگري ڪاليج مانجهند منظور ڪري 2019 ۾ تدريسي عمل شروع ڪرايو هو 2024 ۾ شاهه لطيف علمي ادبي فورم جي درخواست تي گورنمنٽ گرلس ڊگري ڪاليج مانجهند منظور ڪيو هو گرلس ڪاليج جي عمارت ۾ هن وقت بوائز ڪاليج جا ڪلاس هلي رهيا ڇوڪرن جي نيو عمارت ۾ تدريسي عمل هلايو جيئن نياڻين جي ڪاليج جي تدريسي عمل شروع ٿئي سگهي

بقايا 42 ”روزاني عبرت“

ڪلوئي ۽ ٽپيدارن خلاف احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي ڳالهيندي اڳواڻن جو چوڻ هو ته اسان جي سروي زمين ڳوٺ لڳڻيو موڙا پرسان آهي جنهن تي رات دير سان مختيارڪار ڪلوئي عبدالقدير ميمڻ ۽ ٽپيدارن بااثر ماڻهن جي ونگار وهندي وڏي رشوت عيوض بنا جواز جي ٻني جا لوڙها ختم ڪرائي اندر مال ڇڏي ڏنو ۽ اسان جو لکين رپين جو فصل ڪارائي نقصان ڏياريو ويو آهي انهن چيو ته اسان سان ظلم ٿيو آهي مختيارڪار ڪلوئي بنا اطلاع جي رات دير سان اچي نقصان ڪرايو آهي ۽ اسان کي معاشي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آئس هنن ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر ڪمشنر ميرپورخاص روينيو کاتي جي وزير ۽ وس وارا نوٽيس وٺي انصاف ڪرائڻ ٻئي طرف رابطو ڪرڻ تي مختيارڪار ڪلوئي عبدالقدير ميمڻ جو چوڻ هو ته اسان کي مقامي ڳوٺاڻن بار بار شڪايتون ڪيون ته ڳوٺ جي بااثر زميندار اسان جي مال جا رستا بند ڪيا آهن تنهن تي اسان قانون موجب ڪارروائي ڪندي احتجاج ڪندڙ آهن انهن جي دنگن تائين نشان ڏياريا آهن باقي ڪا به زيادتي ناهي

بقايا 43 ”روزاني عبرت“

۽ اهو پڻ فيصلو ڪيو ويو ته داخلا جو پهريون مرحلو مڪمل ٿيڻ ۽ ميرٽ لسٽون جاري ٿي وڃڻ بعد، جن شعبن ۾ سيٽون بچي پونديون انهن جي ايڊورٽائيزمينٽ ڪري رهجي ويل نوجوانن کي بيهر اپلاءِ ڪرڻ ۽ بيهرٽيسٽ ڏيڻ جو موقعو فراهم ڪيو ويندو

بقايا 44 ”روزاني عبرت“

الوداعي تقريب ۽ ريفريشمينٽ پارٽي منعقد ڪئي وئي اسڪول جي تاريخي آرٽ گيلريءَ ۾ ٿيل تقريب جي صدارت چيف هيڊماسٽر پروفيسر رياض احمد ملاح ڪئي جڏهن ته هيڊماسٽر خليل الرحمان قل مجيب الرحمان مهيسر عبدالحق چانڊيو ٻين تدريسي عملي ۽ شاگردن شرڪت ڪئي ان موقعي تي استاد سليم الله چنڊ جي تعليمي خدمتن ايمانداري، محنت ۽ فرض شناسي کي ساراهيندي کيس خراج تحسين پيش ڪيو ويو شرڪت ڪندڙ چيو ته استاد جي ڏنل علم ۽ تربيت جا اثر هميشه شاگردن جي زندگين ۾ زنده رهندا تقريب جي پڄاڻيءَ تي سندس صحتمند ۽ خوشحال زندگيءَ لاءِ دعا گهري وئي

بقايا 45 ”روزاني عبرت“

احتجاجي ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ استادن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري پنهنجي جائز مطالبن جي حق ۾ زوردار نعريبازي ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ استادن مطالبو ڪيو ته سروس اسٽرڪچر جي بحاليءَ واري مسئلي کي فوري طور حل ڪري استادن کي سندن جائز حق ڏنا وڃن جيئن کين ترقيءَ جا مناسب موقعا ميسر ٿي سگهن استادن جو چوڻ هو ته سروس اسٽرڪچر جي بحالي سندن بنيادي ۽ جائز گهرج آهي جنهن کي نظرانداز ڪرڻ سان استادن ۾ بيچيني پيدا ٿي رهي آهي هنن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته استادن جي مسئلن کي سنجيدگيءَ سان وٺندي سروس اسٽرڪچر بحال ڪري سندن جائز مطالبا جلد منظور ڪيا وڃن احتجاج ڪندڙ استادن ان عزم جو اظهار ڪيو ته هو پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ اتحاد، اتفاق ۽ پرامن جدوجهد جاري رکندا ۽ مطالبن جي منظوري تائين پنهنجو آواز بلند ڪندا رهندا ريلي دوران استادن سروس اسٽرڪچر جي بحالي بابت نعرا هنيا

Oil & Gas Development Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through **SAP-Ariba Discovery** for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PNP-60-4611-340986284-2026	RENTAL GAS GENSETS (600-750 KW) FOR TOGH PLANT, DISTRICT KOHAT, KPK	02.11.2026 AT 1430 HRS
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-EXPL-340676373-2026	MOUNTAINEERS SERVICES FOR KOHAT NORTH 3-D PROJECT, KPK	02.11.2026 AT 1430 HRS

EXTENSION IN BID
CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **12.09.2026** and **30.09.2026,** it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER NO.	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SER-CB-DO-338820351-2026	HIRING OF IWS FOR PASAHKI-15(SLANT)	21.10.2026 AT 1430 HRS
2.	OGDC-SCM-FB-CB-PEFD-333555568-2026	SPARE PARTS OF DANIEL GC 500 AND 700 SERIES	29.10.2026 AT 1430 HRS

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621.** For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot No. 03, Jinnah Avenue,
Blue Area, Islamabad, Pakistan.
Phone No. 92-51-920023540/3795

ogdcl.com
No.232/20

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

صحافت هڪ اهم ۽ ذميوار شعبو آهي، جيڪو سماج ۾ شعور پيدا ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو: سردار شاهه

صحافي سچائي، ايمانداري، غيرجانبداري ۽ پيشه ورانه اصولن کي نظر ۾ رکندي پنهنجون ذميواريون ادا ڪندا ۽ پنهنجي حلف جو وقار رکندا

صحافت رڳو خبرن جي اشاعت جو نالو نه آهي، پر اها عوام ۽ حڪومت وچ ۾ رابطي جو هڪ اهم ذريعو پڻ آهي

سردار شاهه جو عمرڪوٽ پريس ڪلب جي ڪامياب ٿيل عهديدار جي حلف برداري واري تقريب ۾ خطاب

عمرڪوٽ (ڊ ر) عمرڪوٽ پريس ڪلب جي سال 2026 ع جي چونڊن ۾ ڪاميابي ٿيل نون چونڊيل عهديدارن جي حلف برداري جي پروقار تقريب مقامي گيسٽ هائوس ۾ ٿي جنهن ۾ صوبائي وزير تعليم ۽ بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ: صوبائي وزير سردار شاهه پريس ڪلب جي چونڊيل عهديدارن کي حلف وٺي رهيو آهي

شڪارپور پوليس پاران 6 جوابدارن کي گرفتار ڪري ڦر ٿيل موٽرسائيڪلون هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

لکي غلام شاهه(ن ع) ڏکڻ ٿاڻي جي پوليس ڪيس ٽريڪنگ ٽيم جي مدد سان چوري جي ڪيس ۾ گهربل جوابدار وزير شر کي گرفتار ڪري ورتو ٻئي طرف ماڙي ٿاڻي جي پوليس ڪارروائي ڪندي ڏاڙي جي ڪيس ۾ گهربل 5 جوابدارن حاڪم غلام شبير علي حسن رحيم بخش ۽ غلام محمد کي گرفتار ڪري ورتوهوڏانهن لکي غلام شاهه ٿاڻي جي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

راڌيديرو لڳ هٿيارٻند پورهيت کان موٽرسائيڪل ڦري ويا، متاثر جو احتجاج

راڌيديرو(ن ع) ڀهارو ٿاڻي جي حد ڦورن لاءِ ٻهاري بڻجي ويو آئي روز ڏوهه ٿيڻ معمول بڻجي ويو بدامني عروج سان برقرار شهر رهڙي جي رهواسي درزڪو ڪم ڪندڙ توفيق شيخ ٻهارو ريگيوليٽر وٽان نامعلوم ڦورن کان پاڻ کي ڦرائي ويٺو ڦورن توفيق شيخ کان موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ سان ئي اک ڇنب ۾ ڪسڪي ويا دريءِ جون بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: ريلوي پل تي پوليس ۽ موٽرسائيڪل سوار ۾ ٿيل جهيڙي جو ڏيک

خيرپور ۾ استادن پاران جائز طالبن جي مڃتا لاءِ ٻئي ڏينهن به احتجاجي مظاهرو

استادن لعل محمد جانوري، نصرالله سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

احتجاجن باوجود به تعليم کاتي جون اختياريون مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سنجيده ناهن

خيرپور(ڊر) پ ٽ الف خيرپور جي استادن پاران سروس اسٽرڪچر، پرائمري استادن جا ڏکيل پروموشن ۽ بايوميٽرڪ سزائن تي نظرثاني سميت ٻين جائز طالبن جي مڃتا لاءِ پريس ڪلب آڏو ٻئي ڏينهن ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي استاد لعل محمد جانوري، نصرالله سومرو، محمد شريف ٻگٽي ممتاز حسين سولنگي ثناءَ الله منگهار شعيب رسول نسيم احمد مهيسر عاشق حسين مهيسر وڪاش ڪمار ماجد علي ڪناسرو عرفان علي چنا ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. ان موقعي تي استاد اڳواڻن جو چوڻ هو ته گڏيل ڪيٽري بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ٽانڊو بولاخان ۾ زال مڙس جو مائٽن پاران زبردستي نڪاح ٽوڙائڻ جي ڪوشش خلاف احتجاج

خوشيءَ سان زندگي گذاري رهيا آهيون، مائٽ زبردستي ٻي شادي ڪرائڻ چاهين ٿا: صنم ڪوسو

ٽن ورهين جي معصوم پٽ سميت زندگي برباد ڪرڻ جون ڪوششون ڪيون پيون وڃن

ٽانڊوبولاخان(ن ع) ٿاڻي بولاخان جي علائقي ڪندي ترائي جي رهواسي زال مڙس ڪمال ڪوسو ۽ صنم ڪوسو طرفان پنهنجي ڪن ورهين جي معصوم پٽ سان گڏ مائٽن پاران زبردستي نڪاح ٽوڙائڻ واري عمل خلاف صحافين اڳيان دانهيندي صنم ڪوسو چيو ته اسان زال مڙس پاڻ ۾ خوشي سان زندگي گذاري رهيا آهيون اسان کي ٽن ورهين جو پٽ به آهي منهنجا جا مائٽ زبردستي نڪاح ٽوڙائي ڪيس ٻي مرد سان پرڻائڻ چاهين ٿا جيڪو سراسر ظلم آهي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو پرسان اڪرم واهه جي پل تان موٽرسائيڪل سوار ۽ معصوم ٻار واهه ۾ ڪري ٻڏي ويا

بدين روڊ تي وڏهائي شريف بس اسٽاپ وٽ پل جي تعمير دوران حادثو پيش آيو، موٽرسائيڪل سوار ٻار سميت واهه ۾ ڪري پيو

اڪرم واهه ۾ موٽرسائيڪل سوار ۽ معصوم ٻار جي ٻڏي وڃڻ بعد ڳوٺاڻن ۽ پوليس پاران ڳولا شروع

ٽنڊوباگو (ت ر) ٽنڊوباگو لڳ بدين روڊ تي بس اسٽاپ وڏهائي شريف وٽ اڪرم واهه جي پل جي تعمير دوران پل جي جاري تعمير دوران هڪ موٽر سائيڪل سوار ۽ ساڻس گڏ هڪ ننڍو معصوم ٻار سميت پل جي ٽينڊر تعميراتي ڪم دوران پل مٿي لڳايل پٽو تان ڪراس ڪرڻ دوران اڪرم واهه ۾ ڪري ٻڏي ويا آهين. ڳوٺاڻن ۽ پوليس پاران سنڌس تلاش جاري

ٻنون پرسان زمين جي تڪرار تان جهيڙو، پيءُ ۽ پٽ زخمي، اسپتال منتقل

ڳوٺ عبدالله پليجو ۾ پليجا برادري جي ٻن ڌرين جي جهيڙي ۾ ڪهاڙين جو استعمال

جهيڙي ۾ ملو پليجو ۽ سنڌس پٽ سردار پليجو زخمي ٿي پيا، رورل هيلٿ سينٽر منتقل

دڙو (ن ع) ٻنون پرسان جي ڳوٺ عبدالله پليجو ۾ زمين جي تڪرار تان جهيڙو پيءُ ۽ پٽ زخمي، اسپتال منتقل ٻنون شهر ويجهو ڳوٺ عبدالله پليجو ۾ پليجا برادري جي ٻن ڌرين ۾ زميني تڪرار تان جهيڙو، فائر ۽ ڪهاڙيون لڳڻ ڪري پيءُ ۽ پٽ زخمي، زخمين ۾ ملو پليجو ۽ سنڌس پٽ سردار پليجو شامل زخمي علاج لاءِ اسپتال منتقل ٻنون ٿاڻي تي رپورٽ داخل زخمين کي فوري طور رورل هيلٿ سينٽر دڙو آندو ويو ان سلسلي ۾ دڙو اسپتال آندل زخمين بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

دڙو: پليجا برادري جي ڌرين ۾ ٿيل جهيڙي جا زخمي اسپتال ۾ موجود آهن

شڪارپور ۾ اڇي لٺ جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان سيمينار

سيمينار ۾ ضلعي جي مختلف علائقن اکين جي روشني کان محروم ماڻهن شرڪت ڪئي

اڇي لٺ رڳو نابين جي خودمختياري، خود اعتمادي ۽ آزادي جي علامت آهي: فراز امتياز شيخ

شڪارپور (ڊ ر) پوري دنيا جيان شڪارپور ۾ به اڇي لٺ جو عالمي ڏينهن انتهائي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو پاڪستان ايسوسيئيشن آف دي بلائينڊ ڊسٽرڪٽ برانچ شڪارپور پاران پريس ڪلب جي شيخ اياز هال ۾ هڪ شاندار سيمينار منعقد ڪيو ويو سيمينار ۾ ضلعي جي مختلف علائقن جن ۾ شڪارپور، لکي، خانپور، ڳڙهي ياسين ۽ ٻين علائقن سان تعلق رکندڙ اکين جي روشني کان محروم سوين مردن، عورتن ۽ ٻارڙن وڏي انگ ۾ شرڪت بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

WELCOME TO
INTERNATIONAL WHITE CANE SAFETY DAY
ONE DAY SEMINAR

شڪارپور: معذورن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان منعقد ڪيل تقريب جو ڏيک

هنگورجا ويجهو هٿيارٻندن جي ڳوٺاڻن کان ڦرلٽ، متاثرن پاران انصاف جو مطالبو

هنگورجا (ن ع) هنگورجا قومي شاهراهه تي ٻن نامعلوم هٿيارٻندن شهباز علي ميمڻ کي پسٽل جي زور تي يرغمال بڻائي ڦر ڪري فرار ٿي ويا. متاثر شهباز علي ميمڻ موجب جوابدار سنڌس 125 موٽرسائيڪل ٽچ موبائل فون 50 هزار رپيا روڪ رقم ۽ 2 اي ٽي ايم ڪارڊ ڦر ڪري ويا. واردات دوران شهباز علي ميمڻ جا ٻئي هٿ مٿي تي رکيل رهيا، جڏهن ته جوابدار بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

پاڪستان ٽيڪس بار ايسوسيئيشن پاران ٽيڪس گوشوارن جي آخري تاريخ ڊسمبر تائين وڌائڻ جو مطالبو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) پاڪستان ٽيڪس بار ايسوسيئيشن پاران فيڊرل بورڊ آف روينيو (ايف بي آر) کان انڪم ٽيڪس گوشوارا جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۾ نومبر بدران ڊسمبر تائين واڌ ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي پاڪستان ٽيڪس بار ايسوسيئيشن جي نائب صدر ايڊووڪيٽ انور جانوري چيو آهي ته ملڪ ۾ مجموعي طور ڏيڍ ڪروڙ اين ٽي اين بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ۾ تعلقي اسپتال هالا جي تعاون سان چيسٽ پين يونٽ شروع ڪيو ويو

سڪرنڊ (رپورٽ قاضي جاويد سنائي) سول سوسائٽي آف سنڌ پاران هالا جي سرندي ۽ وارن جي سهڪار ۽ تعلقه اسپتال هالا جي خصوصي تعاون سان چيسٽ پين يونٽ شروع ڪيو ويو آهي جيڪو شام ۽ رات جي وقت دل جي تڪليف ۾ مبتلا بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ 27 ڊاڪٽرن جا وارنٽ جاري ٿيڻ خلاف سنڌ جي اسپتالن ۾ اڄ ڪارو ڏينهن ملهايو ويندو

ينگ ڊاڪٽرز ايسوسيئيشن، پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئيشن ۽ ٽيچرز ايسوسيئيشن طرفان گڏيل احتجاج

حيدرآباد، ڄامشوري سميت سنڌ جي اسپتالن ۾ ڪاريون پٽيون ٻڌي پرامن احتجاج ڪرڻ جو اعلان ڪيو

ڊاڪٽرن قانوني تحفظ، منصفاڻي ڪارروائي ۽ محفوظ پيشيوراڻي ماحول کي يقيني بڻائڻ جو مطالبو ڪيو.

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ينگ ڊاڪٽرز ايسوسي ايشن سنڌ، پاڪستان ميڊيڪل ايسو سي ايشن ۽ ٽيچر ايسو سيئيشن جي اڳواڻن پاران 27 ڊاڪٽرن جي گرفتاري وارنٽ جاري ٿيڻ تي سخت ڳڻتي جواظهار ڪندي ان عمل خلاف اڄ حيدرآباد، ڄامشورو سوڊو سموري سنڌ جي اسپتالن ۾ احتجاج رڪارڊ ڪرائڻ لاءِ ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي پر امن احتجاج ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي ان حوالي سان ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي ڊاڪٽر روشن علي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام ويجهو ڳوٺ ارباب ناهيون ۾ پيءُ پٽ کان ڦر جي واردات

ڦورو هريش ڪمار ۽ سنڌس پيءُ کان پنهنجي ئي گهر ٻاهران ڦر ڪري ويا

رقم، موٽرسائيڪل ۽ ٻه فون ڦر خلاف ڳوٺاڻن ٽنڊوڄام ٿاڻي آڏو احتجاج ڪيو

شهر ۽ ڳوٺ به محفوظ ناهن، ڦورو گرفتار ڪري سامان واپس ڪرايو وڃي: هريش

ٽنڊوڄام(ت ر) ٽنڊوڄام ۾ ايل پي جي جو ڪاروبار ڪندڙ هريش ڪمار ۽ سنڌس پيءُ راجچند ٽنڊوڄام شهر مان پنهنجو ڪاروبار بند ڪري ڳوٺ ارباب ناهيون ۾ پنهنجي گهر ٻاهران پهتا ته ٻن هٿيارٻندن هٿيارن جي زور تي ڪانئن 50 هزار رپيا روڪ رقم سي ڊي 70 موٽرسائيڪل ۽ ٻه موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا. واقعي جي اطلاع تي وڏي تعداد ۾ ڳوٺاڻن ٽنڊوڄام ٿاڻي آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري پوليس خلاف نعريبازي ڪئي ان موقعي تي ڳوٺاڻن چيو ته ڪجهه ڏينهن اڳ به سنڌن ڳوٺ ۾ ڦر جي واردات بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: ڦر خلاف شهري احتجاج ڪري رهيا آهن

راڌيديرو ۾ مٿو برادريءَ جي ماڻهن جو ٻاٿرن جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

راڌيديرو (ن ع) راڌيديرو ۾ مٿو برادريءَ جي ماڻهن ڪلهوڙو برادريءَ جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو جنهن جي اڳواڻي اصغر مٿو ڪئي. احتجاج ۾ اصغر مٿو دانهيندي صحافين کي ٻڌايو ته ڪجهه ڏينهن ڀهريان ڪلهوڙا ۽ جتوئي برادريءَ جو هڪ ٻئي سان مينهن جي ڦرتان تڪرار هلندڙ هيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪلهوڙا برادريءَ جي ماڻهن نالي صدام بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

شهيد الله بخش سومرو يونيورسٽي ملازمن جي سينيئرٽي لسٽن بابت سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل

ملازمن عبدالرازق ۽ غلام سرور سنڌ حڪومت ۽ يونيورسٽي انتظاميه خلاف سرڪٽ بينچ ۾ آئيني درخواست داخل ڪرائي

داخل ۾ سينارٽي رڪارڊ ۾ شفافيت ۽ ڪيڊر توڙي پوسٽ وائز سينارٽي لسٽون جاري ڪرڻ جي استدعا

ملازمن جي اصل ڪيڊر، سروس رڪارڊ، تاريخ، ملازمت بابت ضروري تفصيل ظاهر نه ڪيا ويا آهن: درخواست

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) شهيد الله بخش سومرو يونيورسٽي ڄامشورو ۾ ملازمن جون سينيئرٽي لسٽون جاري نه ٿيڻ ۽ عبوري لسٽ کي حتمي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

شڪارپور جي صحافين ۾ اي آءِ جي استعمال بابت ٽريننگ سيشن منعقد ڪيو ويو

ميزبان آصفه جمالي جديد ٽيڪنالاجي جي اوزارن ۽ ان جي استعمال بابت ڄاڻ ڏني

شڪارپور(ڊ ر) شڪارپور ۾ صحافين لاءِ مصنوعي ذهانت بابت ٽريننگ سيشن جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال بابت شڪارپور پريس ڪلب جي سهڪار سان "اردو اي آءِ دوست" پاران صحافين لاءِ مصنوعي ذهانت بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

پيرجوڳوٺ ۾ قرآن پاڪ مڪمل ڪندڙ شاگردن جي حوصلا افزائي لاءِ تقريب منعقد ڪئي وئي

ڪمبٽ (ت.ر) پيرجوڳوٺ ۾ مدرسه مدينة العلوم نزد اناج منڊي ۾ قرآن پاڪ مڪمل ڪندڙ شاگردن جي حوصلا افزائي ڪرڻ لاءِ تقريب منعقد ڪئي وئي ان موقعي تي جميعت العلماء اسلام تعلقه ڪنگري جي مهتمم حضرت مولانا خوش محمد ڪلاڙ خصوصي طور شرڪت ڪري شاگردن جي حوصلا افزائي ڪئي تقريب ۾ مدرسي جي استاد مولانا عبداللطيف حيدر خواجه بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ: پ ٽ الف پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

INTERNATIONAL DAY OF RURAL WOMEN

مٽياري: عورتن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي ٿيل ورڪشاپ جو ڏيک

مٽياري ۾ مامتا پروگرام ۽ غذائيت بابت ضلعي رابطا ڪميٽين جا اجلاس

ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر امجد جمالي صدارت ڪئي، مختلف کاتن پاران اڳڀرائي بابت بريفنگ

عوام کي صحت سهولتون پهچائڻ لاءِ ادارن کي ذميوارين کي مؤثر نموني ادا ڪرڻ گهرجي: اي ڊي سي

مٽياري(ڊ ر) ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر II- مٽياري امجد جمالي چيو آهي ته مامتا پروگرام تي اثرائتي عملدرآمد ۽ ضلعي ۾ غذائيت جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل سرڪاري کاتن ۽ غير سرڪاري تنظيمن وچ ۾ گڏيل سهڪار رابطن ۽ هم آهنگي کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ضروري آهي هن چيو ته حامله عورتن مائرن ۽ ٻارن جي صحت ۽ ڀلائي کي بهتر بڻائڻ غذائي کوٽ جي روڪٿام مستحق خاندانن کي سماجي تحفظ فراهم ڪرڻ ۽ عوام کي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي مشهور جوتش ماهر مهراج نهالچند هرچنداڻي جو ديهانت ٿي ويو

آخري رسمون اڄ عمرڪوٽ لڳ ڳوٺ ڪاروڙو چارڻ جي شو مندر پرسان ٿينديون

ڪپرو(ن ع) ڪاهي شهر جي مشهور شخصيت مهاراج نهالچند هرچنداڻي ديهانت ڪري ويو مهاراج نهال چند سنڌ سان محبت سبب ملڪ نه ڇڏيو بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ شادي شده عورت پاران آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش اسپتال داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ شادي شده بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

چڪ ويجهو مهر، ڪلهوڙا ۽ ڪهراڻي برادرين ۾ جهيڙو ختم ڪرائڻ لاءِ امن قافلو

مولانا عبدالله مهر، مولانا غلام الله مهر ۽ ٻين جهيڙيندڙ ڌرين وٽ پهچي ثالث لاءِ منٿ ڪئي

ڌرين فائر بندي ۽ فيصلي جو اختيار پنهنجن پنهنجن سردارن حوالي ڪرڻ جو اعلان ڪيو

لکي غلام شاهه (ن ع) جمعيت علماء اسلام تعلقه لکي جو امن قافلو ضلعي امير مولانا عبدالله مهر مولانا غلام الله مهر ۽ ٻين اڳواڻن جي اڳواڻيءَ ۾ چڪ ويجهو جهيڙيندڙ مهر ڪلهوڙا ۽ ڪهراڻي برادرين وٽ پهتو جتي اڳواڻن ڌرين کي امن پائيداري ۽ ڳالهين ذريعي تڪرار حل ڪرڻ جو پيغام ڏنو ان موقعي تي جهيڙيندڙ ڌرين آئنده لاءِ فائر بندي تي اتفاق ڪندي فيصلي جو اختيار پنهنجن پنهنجن سردارن حوالي ڪري ڇڏيو ۽ چيو ته سردار چاهيندا بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: پ ٽ الف پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

قبوسعيدخان ۾ مطالبن جي مڃتا لاءِ پ ٽ الف طرفان علامتي بک هڙتال

تعلقي جنرل سيڪريٽري خادم بروهي، محبوب مگسي، صفدر ڳولو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

سروس اسٽرڪچر سميت استادن جا ٻيا جائز مسئلا فوري طور حل ڪيا وڃن: مطالبو

قبوسعيدخان(ن ع) پ ٽ الف جي مرڪزي سڏ تي پ ٽ الف تعلقي قبوسعيدخان پاران استادن جي جائز حقن جي حاصلات لاءِ پريس ڪلب اڳيان علامتي بک هڙتال ڪئي وئي. ان موقعي تي ميڊيا سان بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

باقراڻي ۾ سنڌ حڪومت پاران تعليم بهتري واري دعويٰ صرف دعوائن تائين محدود

باقراڻي مين بوائز پرائمري اسڪول اسپيسفڪ بجيٽ فنڊن کان محروم

هائير سيڪنڊري اسڪول انتظاميا جي نااهلي سبب هڪ ڪروڙ 14 لک 17هزار رپيا جي رقم واپس

استادن، شاگردن ۽ شاگرديائڻين پاران اسڪول کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ جو مطالبو

باقراڻي(ن ع) سنڌ حڪومت پاران تعليم بهتري واري دعويٰ صرف دعويٰ ٿي رهجي وئي آهي 1904 ۾ قائم ڪيل باقراڻي شهر جي مين بوائز پرائمري اسڪول ۾ بجلي ٺنڊي پاڻي واش روم باٿ روم صفائي فرنيچر سميت ٻين سهولتن جي کوٽ آهي. اسڪول عمارت زبون حالي جو شڪار هئڻ سبب ڇتين مان پلستر ڇاپڙ ڪرڻ روز جو معمول بڻيل آهي جڏهن ته بوائز پرائمري اسڪول کي سال 2015 دوران باقراڻي جي هائير سيڪنڊري اسڪول ۾ مرج ڪيو ويو مگر پوءِ به بوائز پرائمري اسڪول جو بنيادي ڍانچو بحال نه ٿيو توڙي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

باقراڻي: اسڪول جا ڪريل ڇاپڙ ٻي طرف ٻارڙيون احتجاج ڪري رهيون آهن

دڙو گرلز پرائمري اسڪول ون جي آفيس جي ڇت جا ڇاپڙ ڪري پيا

تعليم کاتي جي اختيارين کي بار بار شڪايتن باوجود نوٽيس ناهي ورتو ويو: هيڊماسترياڻي

اسڪول عمارت جي مرمت ڪرائي نياڻين ۽ استادن کي محفوظ تعليمي ماحول فراهم ڪيو وڃي

دڙو (ن ع) دڙو گرلز پرائمري اسڪول ون جي آفيس جي ڇت جا ڇاپڙ ڪري پيا، هيڊ ماسترياڻي ۽ ٽيچرز معجزاتي طور محفوظ. تفصيل موجب دڙي جي مين گرلز پرائمري اسڪول ون جي آفيس جي ڇت جا ڇاپڙ اوچتو ڌماڪي سان ڪري پيا، واقعي وقت آفيس ۾ موجود هيڊ ماسترياڻي ۽ ٻيون ٽيچرز معجزاتي طور محفوظ رهيون. دڙي جو گرلز پرائمري اسڪول ون ڪافي عرصي کان زبون حالي جو شڪار آهي اسڪول جي عمارت جي مرمت نه ٿيڻ سبب ڪمرا جون ڇتيون ڪمزور ٿي ويون آهن جڏهن ته ڇت جا ڇاپڙ ڪرڻ روز جو معمول بڻيل بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

گورنمينٽ گرلس پرائمري
اسڪول دڙو 1
404050278
use to

دڙو: گرلز پرائمري اسڪول جا ڪريل ڇاپڙ جو ڏيک

ڳڙهي خيرو جي محمد حيات ڪنڌ ايليمينٽري اسڪول آفيس جي ڇت جا ڇاپڙ ڪري پيا

2014 ع ۾ تعمير ٿيل اسڪول عمارت ڇاپڙ ڪرڻ سبب استادن ۽ شاگردن ۾ خوف پکڙجي ويو

عمارت جي خستہ حالي بابت اڳ ئي اختيارين کي آگاهه ڪيو هو پر ڪنهن به ٻانهن نه ٻڌي:

ڳڙهي خيرو(ن ع) ڳڙهي خيرو جي محمد حيات ڪنڌ ايليمينٽري اسڪول ۾ ناقص تعميراتي ڪم سبب وڏو حادثو ٿيندي ٿيندي بچي ويو آهي، اسڪول جي آفيس جي ڇت جا سمورا ڇاپڙ اچانڪ ڪري پيا، جنهن جي نتيجي ۾ استاد ۽ شاگرد معجزاتي طور وڏي جاني نقصان کان بچي ويا ڇت جا ڇاپڙ ڌماڪي سان ڪرڻ تي اسڪول ۾ خوف ۽ هراس پکڙجي ويو ۽ شاگردن توڙي استادن ۾ افرا تفري مچي وئي ان موقعي تي اسڪول جي استادن بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ڳڙهي خيرو: محمد حيات ايليمينٽري اسڪول جي ڇت جا ڪريل ڇاپڙ جو ڏيک

باڊهه ۾ سيوهاڻي سڙڪ جو ڪم شروع نه ٿيڻ خلاف احتجاجي ريلي

ٽئين هفتي به پڪي چوڪ تي احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

نئين سر تعمير جو ڪم بنا دير شروع ڪري عوام کي درپيش مشڪلاتن کان نجات ڏياري وڃي: اصغر نوناري

باڊهه (ن ع) سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران ڏکهي عرصي کان سيوهاڻي سڙڪ جو تعميراتي ڪم شروع نه ٿيڻ خلاف ٽئين هفتي به پڪي چوڪ تي احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو ڪامريڊ اصغر نوناري جي اڳواڻيءَ ۾ نڪتل احتجاجي ريلي ۾ مختلف مڪتبہ فڪر سان لاڳاپيل بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

ڪپرو ۾ پ ٽ الف جي سڏ تي استادن پاران ٻئي ڏينهن به علامتي بک هڙتال

استادن عباس علي شاهه، مهراڻ سنڌي، شفيع محمد چانهيون ٻين احتجاج ڪيو

سروس اسٽرڪچر، بينوولنٽ فنڊ، گروپ انشورنس سميت جائز مطالبا تسليم ڪيا وڃن

ڪپرو(ن ع) ڪپرو ۾ پ ٽ الف مرڪز جي سڏ تي پ ٽ الف ڪپرو پاران پريس ڪلب اڳيان ٻئي ڏينهن به علامتي بک هڙتال ڪئي وئي بک هڙتال جي اڳواڻي پ ٽ الف ڪپرو جي صدر عباس علي شاهه نائب صدر مهراڻ سنڌي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري شفيع محمد چانهيون ماليات سيڪريٽري علي بخش راڄڙ ۽ پريس سيڪريٽري عمران قائمخاني ڪئي ان موقعي تي استادن جي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته استادن جي بدلين جو نظام آسان بڻايو وڃي ۽ بند پيل اسڪول جلد کان جلد ٻيهر کوليا وڃن هنن وڌيڪ مطالبو ڪيو ته استادن کي سروس بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

باقراڻي ۾ پ ٽ الف پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

استادن پريس ڪلب اڳيان علامتي بک هڙتال ڪري احتجاج رڪارڊ ڪرايو

استادن کي سروس اسٽرڪچر جاري ڪري انيشنل اپائنمنٽ کان ريگيولر ڪيو وڃي: اڳواڻ

باقراڻي (ن ع) سنڌ جي ٻين شهرن جيان پ ٽ الف پاران مرڪزي سڏ تي باقراڻي ۾ به مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج جو سلسلو جاري آهي ان سلسلي ۾ پ ٽ الف تعلقي باقراڻي جي صدر امداد علي منگي، ممتاز علي پيو، سيد عاقب علي شاهه مهراڻ ابڙو، نادر علي هليو، مقبول احمد جتوئي رفيق احمد ڪنبر محمد حسين ابڙو گلزار سومرو رابيل سيال مدد علي ڪنبر، رجب علي منگي، وسيم حيدر جتوئي، جنيد حسين جتوئي، سرفراز احمد پٽي، سالار آريجو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول باقراڻي کان پريس ڪلب بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

سنڌ جي وحدانيت تي ڪو به وار قبول نه ڪنداسين، پ پ سنڌ مفادن جي تحفظ لاءِ بيٺل آهي: سسئي پليجو

سنڌ جي امڪاني ورهاڱي جون ڳالهيون ڪندڙ سنڌ جي وحدانيت کي نقصان نٿا پهچائي سگهن

سنڌ جي جاگرافيائي حيثيت سان هٿ چراند ڪندڙن کي تاريخ ۾ عبرت جو نشانو بڻايو ويندو

ساڪرو ۾ محمد ابراهيم ڪنڀار جي وفات تي سسئي پليجو جي تڏي تي آمد، وارثن سان تعزيت

ميرپورساڪرو (ن ع) صحافي عمر ڪنڀار ۽ اڳوڻي وائيس چيئرمين حاجي حسين ڪنڀار جي وڏي ڀاءُ ۽ ڊائريڪٽر عبدالڪريم جي والد محمد ابراهيم ڪنڀار جي وفات تي اڳوڻي سينيٽر سسئي پليجو بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ميرپورساڪرو: اڳوڻي سينيٽر سسئي پليجو ، اڳوڻي وائيس چيئرمين حاجي حسين ڪنڀار سان سندس ڀاءُ جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪري رهي آهي

ڪنڊيارو ويجهو نامعلوم همراهه جو لاش هٿ، سڃاڻپ نه ٿي سگهي

ڪنڊيارو(ن ع) ڪنڊيارو پرسان پاڳو ديرو ٿاڻي جي حد ۾ نامعلوم شخص جو لاش چنڊڻ شاخ مان هٿ خبر پوڻ تي ڪنڊيارو جي سماجي اڳواڻ نعيم جان ڌهراج لاش واري هنڌ پهچي پوليس جي مدد سان لاش ڪيڊراڻي تعلقا اسپتال آندو جتي سماجي اڳواڻ نعيم جان ڌهراج ٻڌايو ته لاش چنڊڻ بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5



لاڙڪاڻو: روڊ جو ترقياتي ڪم ڪيو پيو وڃي

ميرپور ماٿيلو لڳ هٿيارٻند واپاري کي زخمي ڪري لکين رپيا ڦري فرار، متاثرن جو ڌرڻو

جروار ڦاٽڪ پرسان هٿيارٻندن مال جي واپاري امير لغاري کي گوليون هڻي 25 لک ڦري فرار ٿي ويا

زخمي کي فوري طور تي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال نيو ويو جتان نازڪ حالت ۾ سکر ريفر ڪيو ويو

واقعي خلاف متاثر جي وارثن پاران ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو ڌرڻو هڻي انصاف جو مطالبو ڪيو

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ايس ايڇ او ميرپور ماٿيلو جي نااهلي سبب ميرپور ۾ بد امني عروج تي پهچي وئي جنهن سبب چورين ڦورن روز جو معمول بڻجي ويون آهن ان سلسلي ۾ گذريل ڏينهن جروار ڦاٽڪ پرسان ڏينهن ڏٺي جو نامعلوم هٿيارٻندن هٿيارن جي زور تي مال جي واپاري امير لغاري کان هٿيارن جي زور تي پنجويهه لک رپيا روڪ رقم ڦر ڪري گوليون هڻڻ بعد فرار ٿي ويا جنهن کي فوري طور تي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ميرپور ماٿيلو منتقل ڪيو ويو جتي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ ميونسپل ملازمن پاران پگهارن سميت جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي ڌرڻو

ملازمن علي مردان شيخ، دانش قريشي، شاهد حسين جتوئي، خالد مسيح ۽ ٻين ميونسپل ڪمشنر آفيس آڏو ڌرڻو هنيو

گذريل ٽن مهينن کان حاضر سروس ملازمن کي پگهارون ۽ رٽائرڊ ملازمن کي پينشن ادا نه ڪئي پئي وڃي: مظاهرين

پينشن ۽ ٻيا جائز مطالبا فوري طور منظور ڪري ملازمن ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) محنت ڪش اسٽاف يونين سي بي اي سکر ميونسپل ڪارپوريشن پاران پگهارن پينشن ۽ ٻين جائز مطالبن جي منظوري نه ٿيڻ خلاف احتجاجي تحريڪ جي ٻهرئين مرحلي ۾ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

تعلقي ڪمبٽ ۾ اٽي جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا، پورهيت طبقي پاران نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

ڪمبٽ (ت.ر) تعلقي ڪمبٽ ۾ اٽي جي وڌندڙ اگهن سبب غريب، مسڪين ۽ پورهيت طبقو ٻن ويلن جي ماني لاءِ سخت پريشان آهي، جڏهن ته تعلقہ ڪمبٽ انتظاميا خاموش تماشائي بڻيل نظر اچي ٿي تعلقي ڪمبٽ انتظاميا کان غريب عوام سوال آهي ته جيڪڏهن آبادگارن کان ڪڻڪ خريد ڪري گدامن ۾ ذخيرو ڪئي وئي آهي ته پوءِ عوام کي مناسب بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ مبينا پوليس مقابلو، هڪ ڌوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار

شمبي شاهه لنڪ روڊ تي مقابلي ۾ عمر جکراڻي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو

پوليس زخمي جوابدار جي قبضي مان پستول هٿ ڪري ورتو، طبي امداد لاءِ سول اسپتال منتقل

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي صدر ٿاڻي جي پوليس پاران مبينہ پوليس مقابلي ۾ هڪ ڌوهاري عمر جکراڻي کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي جيڪب آباد پوليس جي ترجمان موجب: صدر ٿاڻي جي پوليس جو گشت دوران شمبي شاهه لنڪ روڊ تي ڌوهارين سان مقابلو ٿي پيو ۽ فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ڌوهاري عمر پٽ شيردل جکراڻي زخمي ٿي پيو ۽ سنڌس ٻه ساٿي فرار ٿي ويا جنهن بعد پوليس زخمي جوابدار کي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

باڊهه: ايس ٽي پي پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

لاڙڪاڻي ۾ ڀاءُ جي قتل ڪيس ۾ سمورن جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ پورهيت نوجوان جو احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ تعلقي ڏوڪري جي ڳوٺ محمد خان چانڊيو جي رهواسي پورهيت نوجوان طرفان مبينا طور قتل ٿي ويل ڀاءُ جي خون سان انصاف نه ٿيڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پورهيت نوجوان عاشق علي چانڊيو ميڊيا آڏو دانهيندي الزام لڳايو ته سال 2021 ع دوران باٿر جوابدار عزيز الله چانڊيو غلام بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو پرسان اعجاز ملاح جي قتل ڪيس ۾ ٽن جوابدارن جي گرفتاريءَ جي دعويٰ

زمين جي تڪرار تان ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي سبب اعجاز ملاح قتل ٿي ويو هو

پوليس ڪارروائي ڪري ڪيس ۾ نامزد مير محمد، عطا محمد ۽ عرفان ملاح کي گرفتار ڪري ورتو

ٽنڊو باگو (ت ر) ٽنڊوباگو لڳ ڪڏهڙو پرسان ڳوٺ مصري ملاح ۾ زمين جي تڪرار تان ٻ ڏينهن اڳ نوجوان کي قتل ڪندڙ ٽي جوابدار مير محمدعطا محمد ۽ عرفان ملاح کي گرفتار ڪري قتل ۾ استعمال ٿيل هٿيار هٿ ڪرڻ جي دعوي ڪئي آهي واضع رهي ته گذريل ٻ ڏينهن اڳ ڳوٺ مصري ۾ ملاح برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو جهيڙي ۾ ڏڪ ۽ گوليون لڳڻ سبب اعجاز ملاح قتل ٿي ويو هو جنهن بعد ٽنڊو بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ بيواهه عورت جو احتجاج، مڙس جي انشورنس رقم تي قبضي جي ڪوشش جو الزام

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پرسان ڳوٺ ستار ڏنو سانگي جي رهواسڻ بيواهه عورت طرفان پنهنجي معصوم ٻارڙن سان گڏجي باٿر ڏيرن جي مبينا ناجائزين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ بيواهه عورت ڪبري بيبي پنهنجي ٻارڙن رباب سليم، محمد رضا ۽ نثار سليم سانگي سان گڏجي ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته منهنجو بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

سيتارجا ۾ سم نالي جي صفائي نه ٿيڻ خلاف ڳوٺاڻن جو روڊ بلاڪ ڪري احتجاج

مظاهرين ظفر عباس لنڊ، عزيز جاگيراڻي، بخت لنڊ، حسين بخش ڪبر ۽ ٻين احتجاج ڪيو

سم نالي جي ڪاٽي ۽ صفائي نه ٿيڻ سبب کاري پوڻ جو خطرو وڌي ويو آهي، نوٽيس ورتو وڃي

سيتارجا (ن ع) سيتارجا ۾ اسڪارپ ڪاٽي پاران سم نالي جي ڪاٽي ۽ صفائي نه ٿيڻ سبب يار محمد جاگيراڻي سائيداد سولنگي سيتارجا شهر، وليداد لنڊ سميت ڪيترن ئي ڳوٺن وٽان سم نالي کي ڪاري پوڻ جو خطرو وڌي ويو آهي جنهن خلاف علائقي واسين سيتارجا ڦري روڊ تي احتجاجي مظاهرو ڪري روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن سبب ٽريفڪ جي اچ وڃ متاثر ٿي ان موقعي تي احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ ظفر عباس لنڊ، عزيز جاگيراڻي بخت بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ ڪاليج جي پارڪنگ مان چوري ٿيل موٽرسائيڪل واپس نه ٿيڻ خلاف شاگردن جو احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج جي شاگردن طرفان مبينا طور چوري ٿيل موٽرسائيڪل واپس نه ملڻ خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ شهر جي خالق ڪالوني جي رهواسي 11 جماعت جي شاگرد مبشر ميمڻ پنهنجي ساٿي شاگردن شيراز منگي، مدني ميمڻ محمد عزير پٺو مصور ميمڻ ۽ ٻين بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

سيتارجا: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر ۾ نڪراڻو ۽ مهتم برادري پاران باٿر مائٽن خلاف احتجاجي مظاهرو

رشتيدارن پاران تڪليفن ۽ ناانصافين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي: مظاهرين

مسئلن جو فوري نوٽيس وٺي ڪين انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

سکر (بيورو رپورٽ) نڪراڻو ۾ مهتم برادري جي عورتن مردن ۽ معصوم ٻارڙن سميت ڪيترن ئي ماڻهن باٿر مائٽن ۽ رشتيدارن خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري پنهنجو احتجاج رڪارڊ ڪرايو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن دانهيندي چيو ته ڪين پنهنجن ئي مائٽن ۽ رشتيدارن طرفان مبينا طور تڪليفن ۽ ناانصافين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي جنهن سبب هو سخت پريشانين جو شڪار آهن احتجاج ۾ شامل عورتن، مردن ۽ ٻارڙن مطالبو ڪيو ته سنڌن مسئلن جو فوري نوٽيس وٺي ڪين انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي. هنن چيو ته باٿر بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ ۾ سماجي تنظيم پاران "يوٿ اينڊ قيادت" جي عنوان تحت ڪنوينشن ڪوٺايو ويو

سڪرنڊ (ن ع) عوامي طاقت آرگنائيزيشن پاران چيف ايگزيڪيٽو ابو عامر لاڪو جي صدارت هيٺ "يوٿ اينڊ قيادت" جي عنوان تحت ڪنوينشن ڪوٺايو ويو جنهن ۾ آرگنائيزيشن جي عهديدارن ڪانسلاءِ ڪارڪنن پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ابو عامر لاڪو صدارتي خطاب ڪندي چيو ته نوجوان ڪنهن به بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

مانجهند بوائز ڊگري ڪاليج جي نئين عمارت زبون، ماٺهو دريون ۽ گرلون پٽڻ لڳا

ڪروڙين روپين جي ٺهيل گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج جي بلڊنگ لاوارث حالت ۾ پيل

بوائز ڊگري ڪاليج جي بوائز جا ڪلاس نئين عمارت ۾ منتقل نه ٿيڻ سبب گرلس ڪاليج ۾ هلندڙ

گرلس ڪاليج جي عمارت ۾ ڇوڪرن جا ڪلاس هلڻ سبب نياڻين جا ڪلاس بند ٿي ويا

ڇوڪرن جو نئين عمارت ۾ تدريسي عمل هلايو وڃي، جنهن نياڻين جي ڪاليج ۾ تدريسي عمل شروع ٿي سگهي: سماجي اڳواڻ

مانجهند(ن ع) مانجهند: گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج مانجهند جي نئين عمارت زبون ٿيڻ لڳي ماٺهو دريون لوهه جون گرلون پٽڻ لڳا ڪروڙين روپين جي ٺهيل بلڊنگ لاوارث حالت ۾ پيل شاهه لطيف علمي ادبي بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ڪلوئي پرسان زميندارن ۽ هارين جو مختيارڪار ۽ تپيدارن خلاف احتجاج

رات جي اونداهي ۾ لوڙها ختم ڪرائي مال ڇڏيو ويو، لکين روپين جي نقصان ٿيو: فاروق نهڙيو

باٿر ماڻهن جي رنگار وهندي بنا اطلاع ڪارروائي ڪري معاشي نقصان پهچايو ويو، نوٽيس ورتو وڃي

ڪلوئي (ن ع) ڪلوئي تعلقي جي ڳوٺ لڳڊيو مورا ۾ مختيارڪار ڪلوئي ۽ تپيدارن پاران رات جي اونداهي ۾ سرڪاري زمين ۾ پوکيل فصل کي پيلاڻي ڇڏيو بيٺل فصل کي مال کان ڪارائڻ بعد زميندارن کي لکين رپين جو نقصان هارين ۽ زميندارن جو ڳوٺاڻن سان گڏجي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ڳوٺ باندڙ مورا جي رهواسين زميندار فاروق نهڙيو محمد اقبال نهڙيو واحد بخش نهڙيو عبدالرحمان نهڙيو ۽ نبي بخش نهڙيو پاران مختيارڪار بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

سنڌ يونيورسٽي طرفان انٽري ٽيسٽ جو پاسنگ اسڪور 33 مقرر

ٻجي پيل سيٽن تي ٻيهر ٽيسٽ وٺي رهجي ويل نوجوانن کي موقعو ڏيڻ جو فيصلو

گذريل سال جي ڀيٽ ۾ ٽيسٽ جي پاسنگ مارڪس جي شرح ۾ 9 سيڪڙو اضافو ڪيو ويو آهي: وائيس چانسلر

ڄامشورو (پ ر) سنڌ يونيورسٽي طرفان نئين تعليمي سال 2027 ع تحت بيچلر ڊگري پروگرامز ۾ داخلا لاءِ تازو ٿيل پري انٽري ٽيسٽ جو پاسنگ اسڪور 33 مقرر ڪيو ويو آهي اهو فيصلو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (تمغہ امتياز) جي صدارت هيٺ ٿيل ايڊميشن ڪميٽي جي اهم اجلاس ۾ ڪيو ويو. وائيس چانسلر سيڪريٽريٽ جي سينيٽ هال ۾ ٿيل ان اجلاس ۾ ايڊميشن ڪميٽي جي ميمبرن جن ۾ ڪئمپسز جا پرائيس چانسلرز فئڪلٽيز جا ڊينز مختلف شعبن جا هيڊز شامل هئا شرڪت ڪئي اجلاس بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو: وائيس چانسلر جي صدارت هيٺ گڏجاڻي ٿي رهي آهي

حيدرآباد: ريسڪيو عملدار خودڪشي جي ڪوشش ڪندڙ ناري کي لاهي رهيو آهي

خيرپور جي ناز هاءِ سيڪنڊري اسڪول جي رٽائر استاد سليم الله چنا جي مان ۾ الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي

خيرپور(ڊر) ناز هاءِ سيڪنڊري اسڪول جي رٽائر استاد سليم الله چنا جي مان ۾ الوداعي تقريب گورنمينٽ ناز پائلٽ سيڪنڊري اسڪول خيرپور ۾ رٽائر ٿيندڙ سينيئر استاد سليم الله چنا جي مان ۾ بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

پ ٽ الف صوبوديرو پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

هنگورجا (ن ع) پ ٽ الف مرڪز جي سڏ تي پ ٽ الف صوبوديرو پاران سروس اسٽرڪچر جي بحاليءَ لاءِ صدر استاد مجاهد حسين چنو جي اڳواڻيءَ ۾ هيڊڪوارٽر کان پريس ڪلب تائين بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.